سائین قطب شاھ



POST BY: YAWAR SHAH-JAHANIA

مخدوم حضرت قطب علي شاهه صاحب جهانيان بخاري
صوفي قلندر عليه الرحمته

سائين قطب شاهہ

(جيون چرتر)

مصنف :

پروفيسر جهامنداس .ڊي .ڀاٽيہ

بي - اي ،- ايم - آر - ايس - ٽي (لنڊن)

ڇاپو پهريون (آگسٽ ١٩٩٠ع)

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

ڇپائيندڙ

سيد نور حسين شاهہ

(سجادهہ نشين درگاهہ حضرت قطب علي شاهہ صاحب)

ٽنڊو جهانيان ، حيدرآباد (سنڌ)

ڪتاب جي هن ڇاپي مطعلق

هڪڙي ڏينهن درگاهه شريف تي سجادهه نشين سائين نور حسين شاهه جن سان ڪچهري ويٺي ڪيوسون ته اسان مان هڪ مريد هن ڪتاب جي هڪ ڪاپي سائينجن کي ڏئي گذارش ڪئي ته قبلا هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپايو وڃي ته جيئن حضرت سائين قطب علي شاهه صاحبن جو جيون چرتر گهڻي ۾ گهڻا مريد پڙهي اُن مان فيض حاصل ڪن. سائينجن ڪا گهڙي ڪتاب هٿ ۾ جهلي ڏسندا رهيا ۽ من ۾ ڪجهه سوچيندا رهيا. اُن بعد ڪا جهٽ رکي مون طرف نهاري، موهڻي مرڪ سان چيائون ته اَبا ڀڳوان، اَسين هن ڪتاب کي ڇپائڻ جو زمعو توتي تان رکون. مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته جيڪو سائينجن جو حڪم.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو شڪارپور جي هڪ پريس ۾ ڇپيو هو. هي ٻيو ڇاپو پڻ هڪ شڪارپوري جي ڪمپيوٽر پريس ۾، پوني ۾ ڇپيو آهي. وڏي ڳالهه ته ڪتاب لکيل پڻ هڪ شڪارپوري ودوان جو آهي جنهن جا پويان اَجا سوڌو شڪارپور ۾ مقيم آهن

مان محفص هڪ بندو آهيان جنهن هن ڇاپي ڇپائڻ جي صرف "ڪر سيوا" ڪئي آهي نه ته سڄو جس سائين سيد نورحيسن شاهه جن جو آهي.

جن صاحبن هن ٻئي ڇاپي ڇپائڻ ۾ ايتري دلچسپي ورتي آهي.

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

ڀڳوان ناگراڻي
(خذمتگار درگاهه شريف)

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

ٻه حرف

اَسان جي سونهاري سنڌ، صوفي سڳورن جو هميشهه مرڪز پئي رهي آهي. گذريل صديءَ کان سنڌ اندر ڪيترن ئي صوفي فقيرن جنم ورتو ۽ وحدت جي واٽ تان هلندي راهه رباني ٿيا. اَهڙو شهر يا ڳوٺ نه هوندو جتي ڪنهن نه ڪنهن الله جي پياري ورڪت رهي، پنهنجا دم سائينءَ جي نام سان سجايا نه ڪيا هجن.

اسان جا بزرگدار سائين جن جي رحمت اسان سيني تي هميشهه قائم دائم آهي، سائين قطب علي شاهه، الله لوڪ اِنسان هئا جن پنهنجي صاحبيءَ جي گنج مان هميشهه سخا جا مينهن پئي وسايا آهن. هنن پنهنجي سموري حياتي عبادت ۽ لوڪن جي خير خواهيءَ ۾ ئي بصر ڪئي هئي. سندن سنوانح عمري پڙهڻ بعد اها ڳالهه آشڪار ٿي بيهي ٿي ته هنن آڏو هندو مومن سڀ يڪسان هئا. هنن پنهنجي سڪا ۽ دعا سان ٻنهي فرقن کي نوازيو.

اسان کي يقين آهي ته هن موجوده زماني ۾، جنهن ۾ ڪنهنکي روزگار جي ڳڻتي آهي ته ڪنهن کي دنيا جو غم اصل هل هلان لڳي پيئي آهي. انسان کي زماني جي ڳالهين ۽ وهنوار

ڪان ڪا گهڙي فرصت نٿي ڪانہ ٿي ملي. اهڙي سمي ۾ هن قسم جو ڪتاب دل کي تقويت، چت کي چاهت، دماغ کي بلندي ۽ من کي روحاني رمزون عطا ڪري منزل مقصود تي رسائيندو.

اسان کي قوي اميد آهي تہ "سائين قطب علي شاهہ" جن جو هيءُ جيون چرتر هر زماني ۽ هر مذهب جي ماڻهوءَ لاءِ اڪسير، انڌن لاءِ عاسا (لٺ) ۽ روحاني راهہ جي پانڌيئڙن لاءِ قطب نما بڻجي، راهہ الاهيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جي توفيق عطا ڪندو.

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

آمين.

سيد نور حسين شاهہ
(سجاوهہ نشين درگاهہ شريف)
ٽنڊو جهانيان، حيدرآباد (سنڌ)

پريم انجلي

۱۹۰۹ع ۾ ڪراچيءَ کان وطن واپس ورندي مان حيدرآباد ۾ ٻه ڏينهن لٿس - شام جو سئر ڪندي وڃي جهانيا ۾ پهتس، جت مونکي فقير قطب شاهه سائينءَ جي ديدار جو فيض پراپت ٿيو. ان موقعي تي ٻه ٽي وچن ٻه ان معروف عارف جي مکه مان نڪتا جن منهنجي اندر ۾ هڪڙو عجيب اثر پيدا ڪيو. هن سائينءَ مونکان پڇيو ته ٻچا تون "نام روپي" آهين ڪين "نان روپي"؟ تون ڪهڙي آس دل ۾ ڌاري اسان وٽ آيو آهين؟ ان سوال منهنجو من وائڙو ڪري ڇڏيو. خبر ناهيم ته جواب ڪهڙو ڏنم، مگر انهن ٻن شبدن ۾ مون ته ڪو جادو محسوس ڪيو. "ادبي لطافت" هڪ طرف انيو ڪيم ته ٻي طرف "سندر ويچار" ٻه منجهن سمائل سمجهيم، جيسين هن جسم ۾ جان آهي تيسين انهن شبدن جو رس مونکان نه وسرندو، پوءِ ٻه اهڙي سالڪ جي جيوت جي سونهن ۽ صداقت کان واقف پي رهيو آهيان. مان ڪيس فقير بيدل، سچل، روحل، سنت پارو شاهه، ڀڳت وسڻ رام سائين ۽ دلپت صوفي جهڙن عاشقن جو ثاني سمجهي ادب ۽ آڪير سان پرنام ٿو ڪريان - انهن عاشقن اڪثر طرح پنهنجي معرفت جو منتر سهڻي شعر ۾ سمايو آهي، ۽ علم ۽ ادب جي شائقن کي جڳائي ته اهڙي امرت جو رس وني ڏسن، ۽ سافت

POST BY:: YAWAR SHAH JAHANIA

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

جي سونهن سان گڏو گڏ جو روحانيت جو راز منجهس مجسم آهي سو بہ پروڙين.

دوست جهامنداس دوارڪاداس ٻانيا جفا ڪشي ڪري اهڙي الله لوڪ فقير قطب شاهہ سائينءَ جي زندگيءَ جون حقيقتون ڪٺيون ڪيون آهن ۽ کين قلمبند ڪري هڪ سندر جيون چرتر ڇپائي پڌرو ڪرڻ ٿو چاهي، مونکي ان جيون چرتر جو دستخطي نسخو نظر مان ڪڍڻ جو شرف عطا ٿيو آهي. ادو جهامنداس منهنجو پراڻو واقف ڪار آهي. هو صاحب سنڌي ساهت ۾ ورهين کان دلچسپي وٺندو رهيو آهي ۽ کيس ساهت جي چڱي ڄاڻ آهي. درويشن جي صحبت جو فيض بہ چڱو ئي مليو اٿس. سندس قابليت جو قدر ڪري شڪارپور ڪاليج وارن کيس اُن ڪاليج ۾ ويجهڙائي جي عرصي ۾ سنڌيءَ جو مدرس مقرر ڪيو آهي. اهڙي لائق اديب جي دل ۽ دماغ جي رچنا اوس سهڻي ۽ سڪيا دائڪ ٿيندي - نسخي ۾ سندس "عبارت جي لياقت" ۽ "شبد ڀنڊار جي وسيع واقفيت" پرسڌ آهن - ڀڳتن، عارفن ۽ سنڌي شاعرن جي ڪلام جي جهجهي ڄاڻ بہ منجهس ظاهر آهي - درويش سائينءَ جي جيوت جو نقش تفصيل سان نروار ڪيو اٿس. سندن ننڍپڻ جي حياتيءَ جا واقعا، تجربا ۽ لڇڻ پيش ڪري پوءِ جواني جي جيوت جي راز ۽ سڪ ۽ سلوڪ جي منزلن کان بہ اسانکي واقف ڪيو اٿس. سائين جي سلوڪ جي ساڌنن ۽ آزمودن کي دلڪش ٻوليءَ ۾ مستهر ڪيو اٿس. وقتي پريم جي اُڇل ۾ انهن حقيقتن کي لفظي زيورن سان بيحد جهنجهي وڌو اٿس. جيڪر اهڙي حسن کي ڪجهہ آب ۽ ونگ گهٽ ڏي ها تہ بہ سهڻيءَ ڪنوار جي نزاڪت کين گهٽجي ها، هٿان سرسي ٿئي ها، جو شاعر چيو آهي تہ

"بي آب و رنگ وخال وخط - چہ حاجت روئي زيبارا -"

حافظ

وقتي ڪرامتن جو وستار بہ وزن ڪان وڌيڪ ڪيو اٿس - منهنجو ويچار آهي تہ اسانجي سهڻي عارف جي ساڌارن زندگي ئي هر طرح تحسين جي لايق آهي. مگر جيڪي بہ منهنجي پريتوان پريم جي پلٽ ۾ پلٽيو آهي سو اُنجي اتي اُڪير جو ساڪي آهي. هو پيارو خود مست عاشق ٿو نظر اچي - مونڪي اجان عشق جو وجد ۽ متوالي موج سنتن ڪان سڪڻي آهي. درويش قطب شاهہ جي گڻن جو وستار هن نسخي ۾ چڱي قدر ورنن ٿيل آهي. سندس شعر مون سرسري طرح نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان ڪري ادبي خوبين بنسبت ڪابہ راءِ زني مهمل ٿو رڪان ، مگر عشق جو الهام ۽ پريم جو پيغام ان ڪلام ۾ پڌرو آهي ۽ آتمڪ گيان جي اُتمتا بہ منجهس چٽيءَ طرح پرڪاش ٿيل آهي. ساهت جي نگاهہ ڪان جي ڪا ڪمي ڪاستي ڪو ڪٿي عاشق ۽ عارفن جي ڪلام ۾ محسوس ڪري ، تہ انڪان اسانڪي نظر انداز ٿيڻ جڳائي. پر پريم جو نشو ، جو عاليٰ شعر جو روح آهي سو پورو پرڪي پروڙي اسان ڪي اهڙن سالڪن جي سڪدائڪ ۽ سڪيا دائڪ ٻاڻيءَ مان لاڀ وٺڻ جڳائي. سنتن جي ڪويتا ۾ ميناڃ رنگيل ٿو رهي. اُنهن جي پريم مئي گيتن ۾ شڪتي ۽ شانتي سمايل آهن. آهي صوفي عاشق ڪثرت ۾ وحدت جو سبق ٿا جتلائين. هننجي درشٽي وشال ، وشو درشي آهي. هننجي نگاهہ عالم گير آهي. هو فرقيپرست منورتي ڪان ڪنارو ڪري هر جاءِ ساجن جي ستا جي حقيقت ٿا ٻتائين - جدائي جي ويچار ڪي نندي هو صاحب سداءِ ايڪتا ۽ وصل جو سرود ٿا سٽائين-

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

"شڪتي ڀي شانتي ڀي ڀڳتون ڪي گيت مين هي
ڌرتي ڪي ٻا سيون ڪي مڪتي پريت مين هي."

ڊاڪٽر اقبال

اهڙن عارفن ۾ سائينءَ قطب شاھ کي پرسڌ منزل عطا ٿيل آهي. روهڙي جو ڊاڪٽر روچلداس صاحب سندن هڪ خاص پريمي ۽ پوڄاري آهي. درويش جي عشق سندس جيوت کي رنگي ڪيس سنڌ ۾ پرسڌ ڪيو آهي. هڪ طرف ڊاڪٽر صاحب جي رهڻي ڪهڻي ۽ گيان جي اوستا قابل تحسين آهي ته ٻي طرف، خلق جي "لاطمع" خدمت ڪري رهيو آهي سا سنڌ ۾ معلوم آهي - مايا جو موھ مٽائي، تمنا کي ترڪ ڪري هو صاحب دوا ۽ دعا جي وسيلي، سنڌ جي مکيہ شهرن ۾ پنهنجي پراپڪار جو ڦهلاءُ ڪري رهيو آهي. اهڙي اپڪار جي سر گرميءَ ۾ ساڻس ساٿي ٻيو گڏڪاري نشڪام شيوڪ ڊاڪٽر گهنشامداس روهڙيءَ نواسي آهي جنهن تي ٻہ درويش صاحب جي آسيس جو هٿ ڌريل آهي. هو صاحب هڪ سنتوشي سڀاءُ وارو ۽ اورچ پرشارت وارو ڪرمچاري آهي جنهن تي ٻہ روهڙي شريف کي ناز آهي. ٺارو شاھ مان وري ماستر جيوترام صاحب کي ان عاشق جي عشق جي جهڙپ لڳي ۽ سندس روح کي رنگي وڌائين. ماستر صاحب گڻن جي کاڻ آهي. مان ته کيس مجذوب صوفين جو مهندار ڪري سمجهندو آهيان ڪلام ٻڌي ته بيخود ٿيو وڃي، بنا دير جي لوڪائي لڄ لاهي، سر ۾ سر ملائي پيو ڪلام اچاريندڙن سان پريم جو پرلاءُ ڦهلائي - اهڙا آهن سنت جا هي خاص پوئلڳ. اهو پرتاب ڪنهنجو؟ ان معزز عارف جو، جنهن جي پريرنا مذڪور پريمن کي عشق ۽ ديش ڀڳتي جي رنگ ۾ رنگيو - جنهن درويش اهڙا لعل سنڌ

کي عطا ڪيا، اُنجي منزل حود ڪهڙي نہ بلند هوندي - جڳاڻي تہ سندس جيون چرتر مطالع ڪري سندس عاليٰ زندگيءَ کان واقف ٿيون ۽ سندس ڪوتا ۽ ڪلام ۾ ڀڳتي ۽ آتم گيان جو رس پرکي وري وري سندس وائيءَ مان واقف ٿي پنهنجي اندر ۾ عشق جو اُمنگ اُڀاريون. عشق ئي آد کان انت تائين اُسانکي سلوڪ ۾ سهائي ٿيڻو آهي. بيو سڀ رهجي ويندو. لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ رڳو عشق ئي اُسانجو رهبر ٿيندو.

١-عقل کهي کنسي حڪمراني هي حوش،
عشق کهي دلبر کي درباني هي خوش،

٢-عقل کهي کيئسا بڙائي مين مزا،
عشق کهي چهوٽا هو مت کهائو سزا،

٣-عقل کهي هي سود نافرحت بدن،
عشق کهي هي جاگنا عشرت بدن،

۴-عقل کهي باقي عمر کچهہ عيش کر،
عشق کهي کچهہ خدمت درويش کر.

صورت بهار
(پروفيسر) ايل. ڊي. ڪيسوائي

مهاڳ

POST BY:

اڻتمڪ شڪتيءَ واهه جو سڀ جون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن، ڇا ڏجي هڪ اڻتم يعني سوڪيم ۾ سوڪيم جزي کي ۽ ڇا ڏجي اُنجي دهشت ۽ قدرت کي! جيسين اهو جزو پردي اندر آهي ۽ ڪوپو چڙهيل اٿس تيسين سندس ڪابه دقت ڪانهي، پر ڪنهن کي سندس ڳجهه هٿ چڙهي وڃي، يعني اڻتم کي چيري سندس شڪتي ٻاهر پرگهٽ ڪرڻ جي رمز ڪنهن کي اچي سهين، ته پوءِ اها ٿي جنبش پيدا ٿئي جو ڪنهن کي وٽ نه ڏئي. وسيل ملڪ بيابان ٿي ٿا وڃن، سمنڊ جي اندر طوفان ٿا پيدا ٿين ۽ سيني جيون جو دم ٿو قبض ٿئي. جپان اڌ دنيا فتح ڪري ڏيکاريو پر هڪ ٻن اڻتمڪ گولن جپان جي ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو، ڇٽڪ ته راڪاس گهمي ويو. باروت جي ايجاد جيڪو زلزلو پيدا ڪيو تنهن ڪان به وڏيڪ اڻتم جي شڪتي قير آندو آهي. باروت ته فقط ماري جاڻي، ڪپائي ڄاڻي، پر اڻتم جي شڪتيءَ کي ڦِٽ جو ور مليل آهي: هيءَ شسترن جو سنگهار ڪري ڄاڻي ته هنرن ۽ ڪلن کي به زور وڻائي ڄاڻي، مارينڊڙ آهي ته جيارينڊڙ به آهي. اڄ هڪ قوم ٻئي جو منهن تڪي رهي آهي ته ڪنهن کي

POST BY: IMRAN SHAH

ٿي اها شڪتي ورسائي، ناهي ۽ سينگاري. اجا تہ شروعات آهي؛ جڏهن هن شڪتيءَ جو تيج برابر نکري ظاهر ٿيندو تڏهن سندس چمتڪار ۽ آڳہ اڳيان رواجي چيو ۽ رواجي وستون بيوس ٿي پاڻ سونپي ڇڏيندا؛ ڪي تہ آهوتي ٿي جلي خاڪ ٿيندا، باقي ٻيا چاڪري ڪري ٻيا حياتيءَ جو دم گذاريندا، جيئن جپاني مرد (۽ عورتون) اڄ منڪ آرٿر اڳيان نڪ گسائي پيا ڏکيو سکيو وقت ڪاٽين.

پر ائٽم جي شڪتيءَ کان بہ وڌيڪ سوکيم ۽ وڌيڪ پربل هڪ ٻي شڪتي آهي جنهن جي آڌار تي سرشٽي هلي رهي آهي. جڙ پدارٿ بيشڪ ائٽم جي شڪتي اڳيان ڪنڌ نوائين پر جن ۾ سمجهہ آهي، ساهہ آهي، چيتنتا آهي، ٻڌي آهي، تن ڪي ڪنهن ٻيءَ شڪتيءَ جو بانور آهي. ائٽم جي شڪتي آتما جي شڪتيءَ اڳيان تڇ آهي. هيءَ اها شڪتي آهي جا جيتامڙي انسان کي پرڪرتيءَ جو سرتاج ٿي بڻائي ۽ جيئڻ مرڻ جي ٻنڌڻ کان آزاد ٿي ڪري. هيءَ اها شڪتي آهي جنهن تي نہ تلوار نہ توب، نہ ائٽم جي شڪتي نہ قدرت جو زور ڪو اثر ڪري سگهي. رت ۽ پون، هڏا ۽ چم، انهن جو ٺهيل انسان، آتما جي ڪري ئي سڀ ڪان اُتم پدوي تي پائي ۽ سيني ٻنڌنن ۽ جنجالن ڪان سوتنتر ٿي پنهنجي اصل سان ملي هڪ ٿو ٿئي. سيني شڪتين ۾ اُتم آهي آتمڪ شڪتي، سيني گيانن ۾ اُتم آهي آتمڪ گيان، سيني پدارٿن ۾ اُتم آهي آتما جي بهاري.

ليڪن سڀ ڪنهن جو ڪم نہ آهي اها شڪتي حاصل ڪرڻ يا اهو گيان پراپت ڪرڻ يا اهو پدارٿ قبضي ۾ آڻڻ. ائٽم کي چيرڻ ڦاڙڻ (Split) لاءِ تياريون ڪپن، اوزار ڪپن، انبار

شين جا ڪپڙ ۽ جاڪوڙا ڪهن، اَنتم جي شڪتي ٻاهر آڻ جهڙي تهڙي وگيانيءَ جو ڪم نہ آهي، ۽ اُنهيءَ ڪي ساڌڻ ۽ ڪتب آڻ بہ نهايت اوکو آهي. هي اهو ڪيتر آهي جتي ساهہ جو سانگو ڪرڻو نہ آهي؛ "ساهہ جو سانگو ڪرين تان پيرهن پڙ ۾ نہ پاءِ؟." آتما جي شڪتي ڪي پرگهٽ ڪرڻ تہ تهان اڃا گهڻو خطرناڪ ۽ دشوار آهي. هت ڪي مهايوڌا ۽ سورما، جتي تپسوي گهڙڻ جو ساهس ڪن، باقي ٻيا تہ ڦوڪ سان اڏامي ويندا. جي دنيوي لذتن ۾ غلطان آهن ۽ وڪارن ۾ ڦاٿل آهن، جنجو مغز چنتا سان ڀريل آهي ۽ جنجي دل ۾ دم دم ۾ پيون واسنائون چڪر هڻن، سي ڀلي تہ پستڪ پڙهن ۽ جاپ ڪن، آتما ۽ پرماتما جو ذڪر ڪن ۽ فڪر ڪن، هننجي لاءِ دربار جو در بند ئي رهندو. هننجي آتما تي چڙهيل تهہ اوئين ئي سالم رهندو.

عجب تہ اهو آهي جو جنڪي آتما جو درشن نصيب ٿيو آهي سي سڀ آکين ٿا تہ سڀ ڪجهہ انسان جي اندر ۾ ئي آهي ۽ ٻاهر ڀٽڪڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي :

"ڇو وڃين وٺڪار، هت نہ ڳولين هوت ڪي
لڌو ڪين لطيف ڇني ٻاروچو ٻنئي پار،
نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ڏيرو دوست جو"

اها پروڙي ڪير سگهي تہ جنهنڪي ڳوليون سو بہ اسين آهيون، ڪم بہ اهو، ڪندڙ بہ اهو، عاشق بہ اهو، معشوق بہ اهو؟ ٻيائيءَ جو ٻنڌن ڪير ٽوڙي، اوديارن ڪي ڪير ٽڙي ڪڍي؟ فقط وات سان چوڻ تہ "ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوڻي" تنهن مان تہ ڪجهہ ڪين ورندو. اَنتم اَنتم پڪارڻ سان اَنتم جي شڪتي نمودار نہ ٿي ٿئي، تيئن آتما آتما پڪارڻ

سان يا گيان گوشٽ ۾ واد وواد مان آتمڪ گيان يا آتمڪ شڪتيءَ جو شعاع ڪين نڪري نروار ٿيندو. هت ڪي وڏا ساڌن ڪپن . وڏو انقلاب ڪپي ۾ سڀ ڪان وڏيڪ ڪنهن اهڙي جي ڪرپا ڪپي جنهن ڪي آتما جو گيان پراپت ٿيو آهي. سنت ۽ مهاپرش جنڪي آتما جو گيان نصيب ٿيو آهي سي پارس پٿر وانگر آهن جنجي ڇهڻ سان نڪميون شيون سون ڪان سرس ٿيون ٿين. هي آهي صاحبدل آهن جنجي لاءِ چيل آهي :

"گرتو سنگ خارو مر مر شوي ،

چون بہ صاحب دل رسي گوهر شوي"

انهن هستين جي ڪري انسان ذات ڀلي چلي پيئي ۾ ڌرم ۽ ايمان قائم آهن. هي ڌن دولت ۽ دنيوي پدارٿ سير ڪري نٿا ڏين پر اُنهن جي سنگ ۾ جو وينو تنهنتي هڪ وچتر رنگ تو چڙهي جنهنڪري هنجي سڀي اوستا ڦري ٻي ٿي ٿئي :

"ڪبير سنگت ساڌ ڪي جيون گنڌي ڪي باس

جو ڪجهہ گنڌي دي نهين تو ڀي باس سو باس ،

ساڌ بڙي پرمارٿي گهن جيون برسي آءِ

تپت بجاوين اورڪي اپنا پارس لاءِ ،

رڌ سڌ مانگون نهين مانگون تم سي ايهہ

نس دن درشن ساڌ ڪا ڪهين ڪبير موهي ديهہ"

اهي مهاپرش گياني بہ ٿا ٿين يوگي بہ ٿا ٿين . تپسوي بہ آهن تہ تيجسوي بہ آهن. پر تن ۾ بہ هڪ خاص ڪيميا آهي. اُنهن ۾ جي مرد خدا آهن ، جن ايشور جي ياد جي مستيءَ جو شراب اهڙو تہ پيتو آهي جو سدائين انهيءَ مستيءَ ۾ پُر آهن ۽ پنهنجي تن ۽ من جي سڌ ٻڌ وڃائي ويٺا آهن. اهڙن مستن وٽ جو وڃي سو بہ مست ٿي موٽي ، سڀ ڪجهہ وڃائي اچي ، وري

POST

سڄي لڳين نہ ٿڌي :

"لالي اپني لال ڪي، جت ديکون تت لال.

لالي ديکن مين گئي، مين ڀي هو گئي لال."

اسانجي سنڌڙيءَ ۾ اهڙا گهڻا مرد خدا پيدا ٿيا آهن جنجي مستيءَ ۽ مدهوشيءَ انيڪ جيون جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي آهي، جنجي پريت جي ريت سنڌين جي دلين کي پنهنجو ڪيو آهي، جنجي شعاع اونده ۾ هٿوراڙين ڏيندڙن لاءِ جوت جاڳائي آهي. اڄ سنڌ ۾ بغض ۽ نفاق جي بازار گرم آهي، ايڪتا جو آواز گهٽيل آهي ۽ منافقن جا ٻول بالا آهن، پر هي شيطاني آگ ۽ زهريلو دونهون گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪندا. جنهن وقت سنڌين پنهنجن مستن ۽ ايشوري رنگ ۾ رتلن جي يادگيري ڪئي تنهن وقت راجنيتي چالبازين ۽ تعصب جي نيچپائين جو خاتمو ٿيندو. سنڌ کي اوڄ تي آڻيندا ۽ رسائل مان ڪڍندا اهي سنت ۽ مهاپرش جنجا مهندار آهن شاه ۽ سچل، ساميءَ ۽ روحل جهڙا آتمڪ شڪتيءَ وارا صاحبدل ۽ مرد خدا.

انهيءَ ڪري جس آهي پروفيسر جهامنداس دوارڪاداس ڀاٽيہ کي جنهن صاحب هن ڪتاب سمي محنت ڪري هڪ مرد خدا جي جيوني ۽ وائيءَ جي محبت جو تحفہ سنڌين اڳيان پيش رکيو آهي. سائين قطب شاه جي مستيءَ جا ساکي ڊاڪٽر روچلداس پارا موجود آهن جنجي شرڌا ۽ شيوا انيڪ روپن ۾ سنڌين جي جيوت کي معطر، هريو ڀريو ڪيو آهي. مسٽر جهامنداس تي بہ فقير صاحب جي بيخوديءَ جو اثر ڪافي ٿيو ٿو ڏسجي ڇاڪاڻ عالمانو طريقو ڦٽو ڪري هن پاڪي ڇوٽ ڇڏيو آهي ۽ ڇا روايتون ڇا تواريخون ڇا ٻاتيون

ڇا لاٽيون ڇا ڪهاڻيون ڇا اصليتون سڀ گڏي هڪ ئي ڇاش ۾ ملائي سنڌ جي صوفي طبقي اڳيان هڪ امڙو طعام رکيو اٿس جنهنکي خاص ۽ عام يڪي پنگت لڳائي تناول ڪري سگهن. سندس عبارت ۾ ٻہ نثر ۽ نظم ائين ملي جهلي ويا آهن جو هڪ ٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهن ۽ جيتوڻيڪ اها طرز لکڻ جي ماڻوڪي ڍنگ جي نہ آهي تہ بہ مضمون جي ڪري بيشڪ پوري پيئي لڳي. مسٽر جهامنداس جي پستڪ مان اهو رس اچي ٿو جو ڪنهن صوفي سماگم مان اچي ۽ انهيءَ ڪري هي پستڪ بيشڪ مقبول ٿيندو.

پروفيسر لالسنگهہ اَجواڻي

۳ مارچ ۱۹۴۷ع

قطب ڪاپڙي

جن فقيرن گندي ۽ گراهه پاٽوٽ نه سانديو آهي، ۽ جي ڪاپڙي ڪلهي تي نانهه ڪٽي يار جي ڳول ۾ نڪتا آهن، جن الله لوڪن نه رڳو دنيا ۽ عقبيٰ، بلڪ ترڪ ڪي به ترڪ ڪيو آهي، ۽ جي صاحبدل ساڌو وڃڻ ڪان به ويا آهن، تن مڙن مراد جي سربراهيءَ لاءِ وات ئي هڪ ورتي آهي.

انهن جي رهڻيءَ ۽ ڪهڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته هرهڪ جڏهن انيءَ اُچ تي چڙهيو آهي، تڏهن قطب جيئن ويچايو اٿس ته

رانجهن دم قدم وچ هويا، رانجهن ساهه پساهه سين هويا.

اهڙا عاشق صادق سدائين پاڻي ۾ پنا رهن ٿا، ۽ اڻ ئي پهر اندر ۾ الکه ڪي ئي پيا ڏيائين.

هن ڪتاب ۾ صوفي قطب شاهه جي زندگيءَ جو احوال منهنجي دوست جهامنداس پاڻيه سليس ۽ سلوڻي عبارت ۾ لکيو آهي؛ ۽ جيڪي انهيءَ پار جا پانڌيڙو آهن، سي اوس هنجي پڙهڻ مان حظ پرائيندا.

ملڪ جي مٿان سمر باري اچي نيو آهي. هندو مسلمان، جي ڪالهوڻيءَ ڪالهه مادر هند جي اکين جا تارا سمجهيا ٿي ويا، تن ۾ ڏينهون ڏينهن ويڇو وڌيڪ ٿي پرندو ٿو وڃي.

اها جا نفاق جي باهه پڙڪي اٿي آهي، انهيءَ ته مهڙن ڪتابن جي شايع ٿيڻ سان شال ڪو تڏو ڇنڊو پوي! ٻيهر وري به اسين اها ڳالهه هنئين سان هنڊايون ته

هندو، مسلمان، ٻئي پوٽا هڪ ڏاڏي جا!

لالچند امرڏنومل جڳتياڻي.

ڪراچي ٢٦ فيبروري ٤٧ع

قطب صوفي

سنڌ ۾ پهريون صوفي قلندر لعل شهباز سيوهاڻي هو. جنهنجو اصل اسم شريف سيد عثمان آهي، سندس جنم هجري سنہ ۵۳۸ ۾ تبريز طرف مروند ۾ ٿيو هو، ۽ نپنو بہ اُتي هو، تنهنڪري "مروندي" سڏبو آهي; پر پوءِ سنڌ ۾ سيوهڻ ۾ اچي رهيو، جنهنڪري "سيوهاڻي" ڪوٺبو آهي، سنڌ جا ڪيترا هندو ڪيس راجا پرتري ڪري پوڄيندا آهن، سنڌيءَ ۾ سندس شعر ڪونهي،

قلندر لعل شهباز ڪانپوءِ شاهہ عبدالڪريم بلڙي شريف وارو، سنڌ جي صوفين جو سرتاج شاهہ عنايت جهوڪ شريف (ميرانپور) وارو، سنڌي شاعرن جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ، سچل سرمست پوتار درازن وارو، سعيد مير جان اللهہ شاهہ ۽ ناميارا پيءُ پٽ بيدل ۽ بيڪس روهڙيءَ وارا، روحل، درياهہ خان، غلام علي ۽ مراداد ڪنڊڙي شريف وارا، ۽ ٻيا ڪيترا صوفي درويش ٿي گذريا آهن، جن سنڌ سان هٿا پال پلايا آهن : هڪڙو تہ سنڌ ۾ تصوف يا صوفي مت ڦهلائي، هڪ اهڙو وسيع ميدان پيدا ڪيائون، جنهن ۾ اڄ تائين هندو توڙي مسلمان، ٻيائيءَ جي ٻوليءَ کي ٻن ڏيئي، ۽ دلين مان دٺي دور ڪري، هڪ ٻئي سان سڳن ڀائرن جيان رلمل ڪن ٿا، ۽ "حق موجود" جو نعرو گڏجي هڻن ٿا ; ۽ ٻيو تہ تصوف جون

عجيب پلٽون پلٽي، سنڌي ساهت کي مالا مال ڪيو اٿن. ۽ سندن ڪلام ۾ سالڪن لاءِ روح رهاڻ به جهجهي موجود آهي.

تصوف يا صوفي مت ۽ ويدانت ۾ ڪوبه بنيادي تفاوت ڪونهي؛ تنهنڪري هندن ۽ مسلمانن جي هيڪاند سنڌ ۾ نهايت سولائيءَ سان ٿي، سا به ايتري قدر، جو هندستان جي بين هندن جا رهاڪو سنڌ کي "صوفي پرڳڻو" سڏيندا آهن. صوفي ڪلام ۽ ويدانتي واڻي سنڌي ساهت جو روح آهن. اڄ به جيڪڏهن اهي سنڌيءَ مان ڪڍي ڇڏجن، ته سنڌي ساهت جيڪر انهيءَ گهڙي مردي مثل ٿي پوي.

قلندر لعل شهباز جي وقت کان وٺي، هنن اوليائن ۽ درويشن، سادن ۽ سنتن، پنهنجي فيض جا در کولي، سنڌ سان وڏا وڙ ڪيا آهن. ته اسانجن سنڌي پائرن به سندن جهجهو ئي قدر ڪيو آهي. ڪن سندين سوانح عمري يا جيوني لکي آهي، ڪن سندن ڪلام ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، ۽ ڪن سندن ڪلام جي تشريح به لکي آهي. هئن به آهي، ته ڪن جي ڪلام ڇپائڻ جي موڪل سندين درگاهه وارا نٿا ڏين، جنهنڪري ڪيترو ڪلام اڻڇپيل رهجي ويو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جن جي جيوت جا احوال ۽ ڇپيل ڪلام ملي سگهن، سي تت وهندي ڇپائي پڌرا ڪجن.

ويجهڙائيءَ ۾ پروفيسر جهامنداس ڀي. ڀاٽيا شڪارپور مان لکي موڪليم، ته سائين قطب شاهه جي سوانح عمري لکي اٿم، ۽ اها نظر مان ڪڍي، ڪجھ لکي ڏيو، ته چڱو. مون خوشيءَ سان سنديس ڳالهه قبولي. سائين قطب شاهه جي رڳو نالي ٻڌڻ سان پنهنجيءَ ننڍپڻ جو اهو وقت پاڻمرادو ياد آيم، جنهن وقت هن صوفي درويش جو درشن نصيب ٿيو هوم.

"گذري ويا جي زمانا، سي ياد آيا،

وسري ويا جي ترانا ، سي ياد آيا."

ديوان سانگي.

ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جو ناميارو سنت سائين ڏلپترام صوفي سيوهڻ وارو حيدرآباد ۾ رهندو هو. سندس ٽڪاڻو اڄ تائين حيدرآباد جي سپاهيملاٽي گهٽيءَ ۾ آهي. منهنجيءَ سانپر ۾، سنديس گاديءَ تي، سائين کيسورام صوفي ويٺل هو، جو هڪ سچو سنت ۽ نماڻي مورت هو. ڪانئس پوءِ سندس مربي فرزند سائين هريرام منهنجو ماستر هو، تنهنڪري ننڍڙيئي مان سائين کيسورام جي ٽڪاڻي ۾ ڪهڙو ويندو هوس. سنہ ١٨٩٢-١٨٩٣ع ۾ ڏنم، تہ سائين قطب شاهہ جهانيا جي ٽنڊي مان ڪهي، سائين کيسوَرام ۽ سائين هريرام جي چار چشميءَ لاءِ انهيءَ ٽڪاڻي ۾ ايندو هو، ڪجهہ وقت پاڻ ۾ ريجهہ رهاڻ ڪندا هئا. پوءِ سماع يا راڳُ شروع ٿيندو هو، تہ سائين کيسوَرام حقو ٽيڪي وهندو هو ؛ پر اکيون اڪثر ٻوٽيون پيون هونديون هيس. سائين قطب شاهہ کي پنهنجي بيراڳڻ ساڻ هوندي هئي. ۽ انهيءَ تي پنهنجي پيشاني رکي، ڌيان ۾ وهندو هو. ساڻس ٻئي چٽا ٻيا بہ ايندا هئا، جي دلا ۽ يڪتارا ڪٽي، اهي لوليون لائيندا هئا، جو ٻڌندڙن جو پتو بہ پاڻي ڪري ڇڏيندا هئا. سائين کيسوَرام جي ٽڪاڻي ۾ ڪي هندو راڳيندڙ بہ ايندا هئا. منجهان هڪڙو نہ ٻيو يڪتارو يا ستار ڪٽي، اها باڻي آلاپيندو هو، جو ساري سنگت وجد ۾ اچي ويندي هئي. هڪ هندوءَ جي ٽڪاڻي ۾ ، هندو ۽ مسلمان هٿن ملي، موڄ مچائين، سا ڳالهہ خود خوشيءَ جو باعث آهي.

١٨٩٢-١٨٩٤ع ۾ هڪ بہ لڳا مان پاڻ ، جهانيا جي ٽنڊي ۾ ، مٿن پريمين سان ڳڏجي، سائين قطب شاهہ جو درشن ڪرڻ

ويو هوس، ۽ جهجهو ٿي آنند پرائي آيو هوس، منهنجن
پريتوانن مان هڪڙو ماستر جهامنداس مشتاقرام امير شاهي
ڳهڻي وارو هو، هو منهنجي ماسڙ سائين هريرام جو ناني هو،
تہ بہ سائين قطب شاهہ جي درگاهہ جو پانڌيڙو هو، جنهنڪري
اتي ڳهڻو ويندو هو سائين قطب شاهہ جو سنڌيءَ ۽ سرائڪي ۾
چيل ڪلام بہ پاڻوٽ نقل ڪري رکيو هوائين. هڪ لڳا اهو
مونکي ڏيکاريائين. انهيءَ دستخط ڪتاب ۾ سائين قطب شاهہ
جي سرائڪي ٻوليءَ ۾ چيل هڪ ڪافي پڙهيم، تہ اهڙي وڻي
ويم، جو بروقت انجو ترجمو سنڌي شعر ۾ ڪيم. اُنوقت مان
سورهن سترهن ورهين جي عمر جو هوس، پر اُنهيءَ ڄمار ۾
ئي پنهنجو شعر جوڙڻ شروع ڪيو هوم. سائين قطب شاهہ
واري سرائڪي ڪافيءَ جو سنڌي ۾ ترجمو هن طرح ڪيو هوم :

"متان پائين ڙي ڪوئي، رانجهن چاڪ آيو،
ڏکي عشق جو چولو، رب پاڪ آيو."

هن ڳالهہ کي اڄ اٽڪل ٽيونجاهہ ورهيہ ٿي ويا آهن،
جنهنڪري سڄو ئي شعر ياد نہ اٿم، تہ بہ اهو اثر اڄ تائين دل
تي ويٺل اٿم، تہ سائين قطب شاهہ جي ڪلام ۾ خيال جي
بلندي ۽ ٻيون هرطرح جون شاعرائيون خوبيون موجود هيون.
ههڙي اعليٰ درويش جي سوانح عمري ڇپجي پڌري ٿئي، سا
خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. مان جيڪر اڃا بہ چاهيان، تہ سندس
چيل ڪلام بہ ڇپجي پڌرو ٿئي، جو ههڙن درويشن جي واڻي
هنڌين ماڳين ڦهلائڻ جي هنوقت هيڪاري سخت ضرورت آهي،
جيڪي حق جي راهہ کان گمراهہ ٿيل آهن، ۽ سياسي منصوبا
سٽي هڪ قوم کي ٻيءَ قوم سان ويڙهائڻ لاءِ ڪمر ڪشي ويٺا

آهن، تن جي منصوبن کي مطلق بند ڪرڻ لاءِ، صوفي ڪلام ۽ ويدانتي واٽيءَ جو چوڏس ڦهلاءُ ڪرڻ، سنڌين سوانح عمريءَ مان اتحاد ۽ اتفاق جون ڳالهيون ٻين کي ٻڌائڻ، سائين قطب شاهه ۽ ٻين درويشن جون ورسيون ملهائڻ، ۽ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ هنڌ آڻي، پاڻپيءَ جو ناتو وڌائڻ، هڪ ئي علاج آهن، اهو آهي گويا صلح جو سمر ڪٺو ڪرڻ، ۽ يڪوجودگيءَ جي نهر نئين سرجاري ڪرڻ. سائين قطب شاهه جي سوانح عمري ڇپجڻ سا انهيءَ سڳوري سوڻ جو هڪ سنيهو آهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻي.

ڪراچي ۴ نومبر ۱۹۴۶ع

منهنجا ۽ اگر

جيوت جي جاڻ ۾ ماڻ هرڪو جيو پنهنجيءَ نگاهہ سان ٿو ڪري؟ جيوت جو پنڌ هرڪو پنهنجيءَ راهہ سان ٿو ڪري؛ جيوت جو سينگار هرڪو پنهنجي ٿاهيل ٺاهہ سان ٿو ڪري. هرهڪ جي جيوت ۾ ڪانہ ڪا چار آهي، هرهڪ جي زندگيءَ ۾ ڪانہ ڪا تار آهي؛ ٻار ڪي تار آهي ماءُ جي؛ جوان ڪي تار آهي پيار جي؛ ڪرڙوڊ ڪي تار آهي واپار جي؛ ٻڍي ڪي تار آهي ٻي پار جي؛ مگر استريءَ ڪي سدا ٿي تار آهي پتار جي.

ايهي مڙيئي تارون ڪلاڪار جي هٿ ۾ حيرت ڪري ٿيون گذرن. ڪلا ڏات آهي. تات جنهنجي ذات آهي؛ نينهن جنهنجي لات آهي، رنگ سندس جهات آهي. راڳ سندس روح آهي. ڪنهنڪي ڪهڙي ڪلا ٿي هٿ اچي ڪنهن ڪي ڪهڙي. ڪو سفيديءَ ۾ رنگ سان پنهنجي دنيا ٿو اپائي، ڪو آواز سان پنهنجي دنيا ٿو بنائي، ڪو لوڙ ۾ ڪوڙ سان تہ ڪو نياز ۾ هوڙ سان.

مطلب تہ هرڪو امنگ رنگ پنهنجو ٿو پيدا ڪري. هرڪا

ڪلا جوت پنهنجي، هرڪو ڪاريگر اوت پنهنجيءَ ڪندو مگر پن پن ڪلائن جي ڪوٺيءَ ڪوٺيءَ ۾ سندرتا جو سوجهرو موجود آهي ضرور. عقل وارو شايد اها ڳالهه نه ٻه ڪري منظور پر حسن جو آهه منجهه حضور تنهن کان نابر ٿين آهي اعظيم قصور. ڪهڙي ٻه ڪلا هجي، انکي اکه عجيب ٿي ٿئي، جنهنجي جهٽ ۽ ڪٽ تي هو ٿي جيئي، انجي هٽ جي چٽ نرالي ۽ انجي دل جي پٽ نرالي ۽ انجي لکه ۽ چکه، انجي سنگت ۽ رنگت، انجي صحبت ۽ محبت پاٺوائيون. نگاهه سندس ڪيس راهه ڏسي ٿي، دل سندس ديرو پسي ٿي، وکه سندس واري دسي ٿي ۽ رسي ٿي جت جادوگر پنهنجي محل ۾ محفل مندن جي لڳائي وينو آهي.

نقاش پنهنجي نقش کي انهيءَ نگاهه جي شاهه راهه مان رنگه وٺي دلڪش بنائڻ جي ڪندو ۽ سنگه تراش پنهنجي دل جي آچل مان ٻي جان ۾ جان اوتيندو ۽ نرتڪيه جو ڄاٺو قلم ۽ ڪلام ڪان ڪنارو ڪري لوڏ ۽ ڪوڏ، سور ۽ مور سان روپ ۽ رنگه، روچ ۽ راڙو، مايوسي ۽ مستيءَ جو اظهار ڪندو. شاعر پنهنجي شوق ۽ ذوق، زور ۽ زاري، ناز ۽ نيازي، عرض ۽ آزي، سوس ۽ ماچ جو ناچ ۽ نگار پنهنجي وزن واريءَ گفتار جي رفتار ۾ ڪندو. مگر درويش جيڪي ڏسي، جيڪي پسي، جيڪي لکي، جيڪي چکي، انکي پنهنجي وجود ۾ رهايو چڙي ۽ جڏهين انمان ايرون ايرن ته آهي حدون چڙي بيحد ۾ اتليو پون. شاعر حسن جو پوڄاري آهي، ته درويش انکان انڪاري آهي ڪئن؟ هڪ مجاز تي مفتون آهي ته ٻيو راز جو مجنون آهي. هڪ ظاهر جو واهر آهي ته ٻيو لکل جو شاعر آهي.

مستي بنهي ۾ آهي، هڪڙي مستي هستي هئڻ جي پيدا ڪيو ڇڏي، ٻي هئڻ جون وٿون مٽيءَ ۾ گڏيو ڇڏي. هڪڙو حاصليت پنهنجي هٿ ڪري پنڌ پنيارو ڪري ٿو وهي، ٻيو حسن مڪاني ڪان حسن لامڪاني لاءِ جهد ڪندو ٿو وتي. انهيءَ مان ڪيس مجاهدو ٿو ملي، مشاهدو ٿو ملي ۽ پوءِ سوري سيج ۽ مرڻ مشاهدو ٿيو پوي.

قطب شاهہ قرب جو ڪٺل، عاشق الستي تنهنجي مستيءَ جو ماڻ ۽ جاڻ مون ليءِ مشڪل ٿي پيو آهي تہ بہ مسڪيني جا منجهس موجود آهي تنهن منهنجي من کي مايل بيشڪ ڪيو آهي. انهيءَ ڪري زندگيءَ جو زيب ۽ زينت نہ زرداريءَ ۾ ڏنم ۽ نہ مردم آزاريءَ ۾ پاتم. منجهن جيڪڏهين ڪو شوق هو، ڪو ذوق هو، ڪا مستي هئي، ڪو جنون هو تہ اهو

"گهونگهٽ ڪا پٽ کول، پيا ملينگي."

گهونگهٽ کولڻ - ٻولن ٻولڻ مان ٿي نٿو سگهي. اکين جو پنڌ آهي، دم جو هنڌ آهي، جوت اکنڊ جو سنڌ آهي. ڪٿي؟ ڪيڏانهن؟ ڪٿن؟ ايهي مڙيئي پنڌ درويش وقتي پنهنجن ڪلامن ۽ سلامن مان ظاهر ڪيو ڇڏي. ايهي ورق ورائڻ، کوٽيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ جا ڏس پتا ٻڌائڻ قلم جي ڪلا کان ٻاهر آهي، تصوير بنائڻ جي ڪٿي اتم تہ رنگہ هٿي ڏيڻ کان هٿي ويو آهي. آڪار آثارڻ جي همٿ هلائي اتم تہ نراڪار منهنجي آڪار کي بندرو ڪري ڇڏيو آهي، اکرن جي اوت ڪٿي اتم تہ منجهائڻ مستيءَ جو مايہ غائب ٿي ويو آهي. مطلب تہ اوٺايون اکيچار اڇي اٿيون آهن تڏهن تہ چوڻ کان رهي سگهان ٿي ڪين ٿو تہ "مياروں مڙيئي مون ۾، هوتن ۾ نہ ڪ."

لکڻ تہ سالن کان منهنجو ذوق ٿي رهيو آهي، مگر انهيءَ ۾ اها جهلڪ آئي ڪينهي، اُن ۾ اها ڪلا جي صلاح ڪامل ملائي ڪينهي، جنهن مان هوند هڃايلن جو هانو ٺري پوي ۽ رڃلين جو قلب ٻري روشن ٿي پوي. امڙ ڪا لولي ڏني ٿي ڏسجي، جو راهہ شاهي چڙهي ٻي واهي، ٻي ڳاهي واري سڙڪ ۾ سفر سٽيندو رهيو آهيان. ڇا وڃيو اٿم، ڇا لڌيو اٿم، تنهنجو حساب ڪتاب حاڪم وٽ هڪيو آهي. مان تہ صرف قلم دواران اُنهيءَ لٽ جي لکہ ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. تصوير سهڻي آهي تہ ڪلاوان جي ڪلا جي ڪٿيءَ جي جهلڪ سمجهڻ گهرجي؛ مگر جيڪڏهن ڪٿ ڪا وٽن جي وهارڻ ۾ وڃي اٽپوري، سندن ٽاريون جهڪيل ۽ جهڪيون نظر اچن تہ جهام مڙيئي مصنف جي ڪوتاهيءَ ۽ گمراهيءَ جو ثبوت سمجهي، ڪلاوان ٿي پنهنجي قرب جو قائدو ڪيس ڏين.

پڇاڙيءَ ۾ لکن جي لهس جا لکڻ ۾ ساري اُتم سا هن لکت جي پڌر پوڻ ڪري لکائيندس ڪين. منهنجي بزرگہ دوست ڊاڪٽر روچلداس سجانسنگهہ منشاراماڻيءَ جي دلداري ۽ دلاوري هن پورهئي کي پڌري ڪرڻ ۾ ورهين کان وس ڪندي رهي آهي، جا اڄ هن صورت ۾ عامن اڳيان حاضر آهي. سندن محبت جو ماڻ آنءُ ڪري سگهان ٿي ڪين ٿو.

"جهام"

POST BY: YOUNAS SHAH JAMANIA

شاعرن جو دور

سنڌ جي سونهاري گلستان ۾ گل ٻہ عجيب پي پيدا ٿيا آهن. ڪن پنهنجي رنگت، رهاڻ، اڏاري ۽ اَليلي، رواني ۽ رهنمائي سان عامن کي آٿت ۽ آنند پئي ڏنو آهي، تہ ڪن وري شمس تبريزي مستي وچان مستي جي پوک پئي پوکي آهي. جي پهرين جي پوئڙي اوکي آهي تہ ٻي درجي وارن جي کهڙي سوکي آهي؟ **شاهہ** جيڪڏهن پنهنجو مٽ پاڻ هو تہ مست ٻہ الست جي عشق ۾ امٽ آهن. **شاهہ** جي راهہ نرالي، نگاهہ نرالي هئي. سندس اکہ ايتري پکيڙ ۾ پهچي ٿي سگهي جنهنجي ڪٿ ڪرڻ ڪٺن آهي. انهي مرد - ڏنگہ مڙس جي چاڙهيل ڪني جو ڀڪ وري ٻہ مست - سرمست سچل لاهي طعام ٺاهي لوڪن اڳيان رکي ڪين للڪاريو :-

"جي هجين عاشق تہ برسر مينهن محبت جو وساءِ،

ساهہ جو سانگو ڪرين تہ پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ"

نغاري تي نوبت وڄي چڪي هئي. عامن کي نينڊ ملي چڪي هئي، تہ ٻہ جن کي جيءَ اندر جادو لڳل هو، جن جي جهان ۾ انجي لاڳاپن کان دل **بيدل** هئي، تن تہ هميشہ

POST BY: YANAR SHAH

سرمست جي سڏ ڪي سوريءَ جي اڏ تي سڏيو.

"دم دي سرت سنڀال رکين،

دم هي سر اسرار الاهي دا"

دم دي سرت، سنڀالڻ جي هدايت عاشق عالم بحر جي موج - سڀ سالار بي فوج ڪن مس پيئي ته بيڪسي فقيري اميريءَ جي مورت، صورت سبحاني - مست جواني پنهنجو عشق مجازيءَ جو آلاپ آلاپيو -

"ديدان والي دام راهه مسافر قيد جو ڪيتا،

ديدان والي دام چيٽڪ لايا منيون"

انهيءَ چيٽڪ ڪي چهبڪ لڳندو رهيو - پر ساڻ ساڻ ايهو آواز وڄندو رهيو.

"مجازي مام اوڪي ٿي جسو جيءَ جان پنهنجو گهورين"

ايتري منزل تي پهتاسين مس ته ڪنڊڙيءَ ۾ گل ڪڙيو جنهن جي عطر جي اوت ٿي پنهنجي.سندس گفتار جي رفتار سنڌي هندي رنگ برنگي ڪڏهين من پربوڌ ته ڪڏهين عشق ۽ جوڳ- ڪڏهين شام سان ڪيلي هولي - ڪڏهين ڪنت جي ڪچ ۾ ٻڏي لولي - مطلب ته اسلام ۽ هند ڪارجي الهام ۽ هدايت جي ٻن ندين جو پاڻ ۾ ميل ٿيو. جنهن حيرت انگيز تجربي جو تجلو ڏنو آهي.

"جي تون صحي سڃاڻي پاڻ ته اٿي قيمت سندو قطرو"

روحل جي رمز درياهه خان جو درد-

"دل جي ديس کي ڪر عشق ساڻ آباد-

لنو بنا کوڙي لاتڙي"

مراد جي مراد

"عاشق نام سڏاوڻ سوکا ، پر عشق اڻانگا لاوڻ....

هردم باهه برهه دي وچ مڪڻ شيخ پڇاوڻ،

POST BY: TAHIR SHAH JAHANZEB

دل اندر ديدار تنهان کو ٻاهر پير نہ پاوڻ،
ڪامل عشق مراد تنهاندا ٻيا سڀ ڪوڙ ڪماوڻ."

انهيءَ ڏار جي وار نرالي هئي - چال پاٺواري هئي تہ ٻہ عام رواجي هندو، ڪپهہ جي واپاريءَ جو منيب، گهر ۽ پر جي سار سنڀال لهندي، ساڄن جي سرت ۾ سجاڳ ٿي گيت ڳائيندو اٿيو -

"تکو ڪوهہ، نہ اڏ ڪوهہ، نکو پير پري ؛
جاتي جهرو ڪن ۾ تو سامي سڏ ڪري
جنهنکي ڪرل ڪن پيو تنهن ڏنا نيڻ پري
موهي ذوق ذري سا پلڪ پرانهون نہ ٿئي."

پرواز پکي هڪ لام تان ڪري جڏهين ٻيءَ لام تي ٿو وهي تڏهين لاٿيون وري لنوين ٿي ٻي نموني جون ٿو. وکر ساڳيو، اکر ساڳيو، پر رنگ نرالو. منزل هڪ تہ پنڌ ساٿين جا پاٺوائون - مطلب تہ محبت جا ماريا سڪ جا ساگر تري، وارِيءَ ۽ پٽين، لکن ۽ لکن مان لري ٻارڻ ٻاري - "پاڻ" سازي "پاڻ" اوساريندا ٿا رهن - پوءِ چوندا وتن.

"مان، مان ڪندو تو مان وتين
تنهنجي بندگيءَ ويلي "مان" ڪٿي"؟

کهاڻين ۽ رهاڻين، گيان ڌيان، هستي ۽ مستي جي مام کي ميٽي، رس ۽ ڪس جا چاڙها ۽ چوٽيون سميٽي، سڏو ساڄن جي سڪ ٻي لڪ جو هوکو هڪ وار - نروار جن ڏٺو تن ٿي دنيا جي لذت تي نعمت هئي - وکہ ڪٿي - واڳہ ورائي وجود جي واحد ڏانهن.

ڦوهہ جواني - ديواني چو نہ هجي - سنگت جي رنگت اٿي چو نہ هجي پر انهان پاڻ واري پهارن سان پريت رکندو ڪير؟ الاهي شير.

POST BY: YAWAR SHAH JAMOTAY

هٿ منهن ڌوئيندي نينگر جا وار ڪسي هٿ پيا. نينگراڻ جي حيرت جي حد نہ رهي. حوصلو روشن جنهن، تنهن کي سجاڳي سيگهہ چو پر نہ پوي، "حيف اٿي جو هيتري ساري عمر اجائي وڃايم؟" چوندي ڏونگرن جي ڏيهہ ۾ پير رکندو هليو ويو. جڏهين پنهنجي موج ۽ اوج ۾ آيو تڏهين سندس ساٿي سوين ٿيڻ لڳا. سندس سنگت تي رنگت بہ خاصي ٿيڻ لڳي. ڪئين دليون سجاڳ ٿي پئيون، جن جي واڳ وٺي هن کين خماري خاصي جو ذرڙو ڪو اهڙو پياريو جنهن کين اڄ تائين بہ اٽڪ ۽ لٽڪ جي لاري ۾ نہ بهاريو آهي. اهڙي "املهہ ماڻڪ" امر جوتيءَ جي اُجالي ڏيندڙ کي "قطبِ شاهہ" جي نالي سان پڻ سڏيو اٿن.

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

نسل

فقيرن تہ اصل نسل پنهنجو انهيؑ ذاتي تعلق وٽان پي ڇڪيو آهي، جنهن کي پاڻ ارپي ڇڏيو اٿن. تنهن هوندي بہ هو انهيؑ جي پيارن سان پاڻ ڳنڍڻ جي ڪندا آهن. ڪي لاڳاپا لوڪ جا اڳرا سمجهندا آهن تہ ڪن کي صفاتي ڪان ذاتيؑ سان ذوق ۽ شوق هوندو آهي. گهڻا صوفي حضرت عليؑ کي پنهنجو اڳوان ڪري سمجهندا آهن. **سائين قطب شاهہ** جو هن خاڪي جامي جي ويس ۾ اچڻ حضرت محمد صاحب جن مان چوندا هوا. عامن کي تہ عجب ڪانسواؐ هن ڳالهہ مان ڪي بہ پر پوڻو ڪينهين، مگر جي حق جا طالبو آهن سي تہ صبر ڪان ڪم وٺن ڪان ڪوءِ نہ ڪائيندا. فقير صاحب جن جو چوڻ ئي ڪافي سند آهي. تاريخ نويس انڪي انگيڪار تڏهين ڪندا جڏهين حقيقتون اکين سان پڙهندا. هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيؑ جو ضرور کهڙو ؟

حضرت محمد رضہ کي فقط هڪ نياڻي هئي جا هن حضرت علي رضہ سان پرڻائي ڇڏي. حضرت صاحب جن جي وفات بعد خلافت جي گادي اُبوبڪر صديق رضہ جن کي ملي، جنهن ڪانپوؑ وري خليفو عمر ٿيو. خليفي عمر رضہ

POST BY: YANAR SHAH JAHANIA

ڪانپوءِ خلافت خليفي عثمان رضہ کي ملي، ان ڪانپوءِ حضرت علي رضہ، حضرت محمد جو نياڻو خليفو ٿيو. حضرت علي رضہ کي ٻہ پٽ هوا حسن ۽ حسين. انهن ٻنهي جي شهادت بعد امام حسين جو پٽ زين العا بدين صرف وارث رهيو. انهيءَ حضرت جي سورهين پيڙهيءَ مان پير شاهہ سيد جلال سرخ بخاري درويش پئدا ٿيو جنهن پنهنجو ڏيرو اُچ ۾ اچي ڪيو.

پير جلال کي سيني کان ننڍي پٽ سيد احمد ڪبير جو سيني کان وڏو پٽ حضرت سيد بهاول الدين جهانيا هو. رواج هوندو هو تہ ٻارن کي عالم يا عامل جي حوالي ڪندا هوا. ٻار ستن ورهين جو ٿيو مس تہ سندس والد صاحب سندس ٻانهن شيخ جمال الدين درويش جي حوالي ڪرڻ لاءِ ويو. چون ٿا تہ ٻار ٻختاور هو. ان وقت درويش ڇهارا ٿي ورهايا. مٺي شيءِ سڪ پوري ٿيڻ تي ورهائڻ ۾ ايندي آهي يا خوشيءَ جي موقعي تي ونڊبي آهي. سنگہ جو رنگہ ٻار تي جيسين چڙهيو نہ آهي تيسين هو ازخود لڇڻ ۽ گڻ اهي ئي ظاهر ڪندو جي وڏن کان ورثي ۾ ڪيس پڙ پيا هوندا. ٻار تہ ڏٺيءَ جي پيارن جي اولاد هو پوءِ انهيءَ ۾ عزت ۽ ادب پرِيل نہ هوندو تہ ٻيو ڇا هوندو. فقير جي هٿان ڪا چيز ملي ۽ اُنجي ڪکڙيِ ڦٽي ڪري ڇڏجي سا قرب جي قلم هيٺ روا نهرائي ٿي سگهجي؟ انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو عقل وارا پنهنجي نموني ڪندا ۽ عشق وارا پنهنجي نموني. ڏاهپ جا ڏس ٻئي ڏيندا مگر سفر جو پنڌ جو ٻنهي جو نرالو آهي تہ انهن جي واٽ بہ پاڻواڻون ٿيندي. ٻارڙي ڇهارا ونڊي ڪکڙين سميت ڪائي ڇڏيا. پڇيائونس "ابا ڪکڙيون ڇو ٿا کائو؟"

نينگر "قبلا درويشن ۽ بزرگن جي عطا ٿيل نعمتن مان فائدو ئي رسڻو آهي. ڪکڙيون اُڇلي پاڻ کي اُنهن جي رحمت

POST BY: ... SHAH JAMANIA

ڪان رنڌڻ جي واٽ ۾ حيڻ وجهان، ادب ائين ٿو ڪري تہ بزرگن جي شيءِ جي عزت ڪرڻ لازمي آهي. ادب عجيب آهي.

"اَدب آهي چٽ صاحب سندي ٻاجهہ جو"
اَدب بيشڪ صاحب جي ٻاجهہ جو چٽ آهي.
"اَدب جنهنجي اڳہ سو پوءِ پوندو ڪينڪي"
سامي صاحب چون ٿا :-
"سهاڳڻ سائي جنهنکي پرين پنهنجو ڪيو
سنسو پرم ڇڏي ڪري اَدب ۾ آئي."
"اَدب ريءَ اجهاڳہ، ڪن سينگار سرير جو
سونپي سپرين کي، ڪنهن ورلي ڏين واڳہ
اڇي جاڳيا جنهنجا سامي ڀاڳين ڀاڳہ
ڇڏي نانا راڳہ، ماڻي سک سهاڳہ جو."

اهڙيءَ روش جو نهايت ئي نفيس نتيجو نڪتو. بزرگہ جي دل نينگر ڏانهن وڌيڪ مائل ٿيندي رهي، جنهنڪري هن پنهنجي گنج مان اُتس سخاوت ۽ فراخ دليءَ سان بخشيش ڪئي. اُستاد جي جهان مان اٿي وڃڻ ڪانپوءِ مخدوم جلال الدين جهانيہ پنهنجي والد کان موڪل وٺي ملتان آيو.

فقيرن ۽ اميرن جو اتفاق مشڪل رهي سگهندو آهي. فقير پنهنجي فڪر، فاقيہ ۽ ذڪر ۾ زندهہ رهندا آهن. امير گهڻو ڪري عيش عشرت ۾ غلطان هستيءَ جا حامي، مدامي مسڪينن سان سلوڪ ڪڻي ٿا ڪن. مخدوم جهانيا جي تيرهين پيڙهيءَ ۾ سيد ويڏل شاهہ ٿيو جو **فقير قطب علي شاهہ** جو ڏاڏو هو. اتي مير شير محمد جي جاگير هئي. مري قوم پنهنجي نالي سان آهي. شير محمد جا ناناڻا هوا. انهن سان ويڏل شاهہ جو ڪنهن ڳالهہ تان اچي تڪرار ٿيو. حڪومت بہ اُنوقت سنڌ ۾ ميرن جي هئي. مرين کي هڪ پنهنجو زور، ٻيو

POST BY: YAHAR SHAH JAKHARIA

حاڪمن جو زور. ويڏل شاهہ ڏنو تہ عزت آبرو بچائڻ لاءِ ديس ڇڏي پرديس جا وڻ ڏسجن تہ چڱو. مورو تعلقو ڇڏي ٽنڊي مير وليمحمد ۾ اچي رهيو پر اتِ بہ مير شير محمد کيس سک سمهڻ نہ ڏنو. انڪري سموري پروار سميت ڪوچ ڪري حج ڏانهن رخ رکيائون.

هالن نون جي مخدوم نوح واريءَ گاديءَ تي اُنوقت "مير پلو" هو. حج جي راٿي ڏانهن لکيائون تہ هي سيد سٽ خون ڪري ٿو اچيو. اوهان کيس پاڻ وٽ پناهہ نہ ڏجو. شاهہ صاحب اُتِ پهتا تہ ميي پلي جو قاصد بہ اچي اُتِ رسيو. جڏهين سيد صاحب پنهنجي من جي مراد راٿي اڳيان ظاهر ڪئي تڏهين راٿي کيس خاص آدميءَ هٿ موڪليل خط ڏيکاريو. فقير ماٺ ڪري راٿي کي چيو "اٿين سچ نہ آهي. اسان فقير، اسانجو خونن ڪرائڻ ۾ مطلب ڪهڙو؟ الله جا بندا الله جا ڏنڌا".
راٿي ايهي لفظ ٻڌي کين چيو "فقير ٿن سالن کان هت وسڪارو ٿيو ئي ڪونهي. ٻوند لاءِ ماڻهو مرون پيا تڙڦن. هاڻ جي اوهان جي سوال ڪرڻ تي ڏٺيءَ جي درگاهہ مان حڪم ٿيو ۽ ڦڙيون چار وسي پيون تہ ملڪ اوهان جو آهي." سيد تنهن تي راٿي کي چيو "بندو بي وس آهي. ننگہ نام تي آهي. اوهان بي اونا ٿي وڃي آرامي ٿيو."

ننگہ جن جو آهہ هتِ الله سي ڪيئن ٿين بي واهہ. پت پروردگار پنهنجن پيارن جي جڳان جڳہ رکندو پي آيو آهي. پراڻ ۽ قرانُ - اَنجيل ۽ اوستا انهيءَ جا شاهد آهن.
راٺو گهوڙي تي لانگہ ورائي گهر ڏانهن وڪہ کن هليو مس تہ مينهن جا اچي ٿيا وسڪارا، نار ۽ نارا وهي هليا. ڪڪ ٿي وري اچي فقير کي عرض ڪيائون. جن چيو "هاڻ وڃو. ڏيڻ وارو ڏيڻ تي اچي تہ وٺڻ وارو ٿڪجيو پوي. چڱو، وري بہ ننگہ

POST BY: YANNA SHAH JAKHRANI

اتس ٿي آهي." ٿوري دير بعد فقير جو سوال قبول پيو. برسات بند ٿي، سيد جيترو وقت اُت رهي پيو. اتي ڪيس ٻه جاڙا پٽ ڄاوا، جن مان هڪڙي جو نالو فتح الدين شاهه ۽ ٻئي جو شير محمد شاهه. سنڌ جي ميرن ڪي اچي خوف ڪنيو ته متان شاهه جي چوڻ تي راتو ڪٿي حو ساڻن رڻ ٻاري ڏي تن جيڪ هلائي ڪين سنڌ ۾ گهرائي رهايو.

سائين فتح الدين شاهه پنهنجي جاڙي ڀاءُ کي گهر جي سنڀال ڏني پاڻ پنهنجي "پاڻ" پروڙڻ جي پورهئي ڪرڻ لاءِ جبل ڏانهن روانا ٿيا.

دنيا جون لذتون جيو کي جڪڙي سوگهو ٿيون جهلين مگر جنهن کي جيءَ ۾ جادوگر جو جادو ٿو لڳي سو روح ڪنهن ٿو دنيا جي لذتن تي ٽڪي؟

(منهن موڙي، من جي مهار کي ورائي سيني کي دم ۾ اُن طرف سوري ٿو. دنيا جا ٽڳا ٽوڙڻ، ڳلا عيبت جو خيال ٻوڙڻ، قدم کي قابو رکي رب جي رستي تي انکي سورڻ سورهيه جو ڪم آهي. سگهه ستري صاحب ٿو بخشي صرف سڪ سو سيني ۾ هجي.) ڀٽائي صاحب پڻ فرمايو آهي :-

"سڪندن کي سيد چٺي ڪين جهليندو جهنگ"

سڪ وارو ته ساڄن جي صدقي سڀ سور سهڻ لاءِ تيار ٿيندو. استاد ٻه ڪيس ارشاد تڏهين ڏيندو جڏهين ڏسندو ته اندر صاف ۽ پاڪ ٿي ويو آهي. انهن درجن مان لنگهن لاءِ اوائل ۾ ڪشٽ اوس ٿا ڪٽڻا پون. مراد صرف ايها آهي ته "من" جو جيو کي ڪڏهين هيڏانهن ٿو ڪڏائي ته ڪڏهين هوڏانهن ٿو لڏائي استقامت حاصل ڪري. سڪ جي چڪ ۾ چوهه پائي، من پنهنجو صاف ڪري قدم اڳتي وڌائي.

صوفين خواهه ساڏن مڙني منڙي جي صدقي ڏونگر ڏوريا

POST BY: YAWAR SHAH JAMANIA

آهن، وچوٽي، جا پهاڙ وانگيان سندن سائين ۽ سندن دڳ ۾ بيٺل آهي تنهن کي اکين سان ويهي تکيو اٿن.

اوائلي پنڌ تہ سيني کي ڪرڻا آهن. مگر جن جاکوڙ جنمن کان پٺي جڳائي تن کي هن سفر ۾ پنڌ اڳين منزل تان ئي شروع ڪرڻو ٿو پوي. **شريعت** جي پاڻ بندي مسلمانن تي لازمي آهي تہ يم ۽ نيم هندڪار جي پاڙين لاءِ مقرر آهي.

"**روزا ۽ نمازون** ايهو پڻ چڱو ڪم؛

پر اوکو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي."

روزا ۽ رياضت، فڪر ۽ ذڪر، سڪ ۽ لڪ ايهي ۽ ٻيا ڪيترا ڪم طالب لاءِ مقرر آهن.

نفس ڳهڻ کي نهوڙي ٿو ڇڏي، مگر بڪ ۽ ڏک جن کي فقيرن **ڏاج - سهاڳ جو ساج** سمجهيو آهي سي ئي نفس کي وس ڪري ڪيس آٽي ٿيون وهائن انهيءَ گهاٽي. جت جيو تيل اهو ٿو پيڙي جنهن جي مدد سان هو امر جوت ٿو جڳائي.

ذڪر ۾ چڙهين هي جسم جاڳي ٿو تہ ڪيس رستي ۾ نظارا، آواز، اِشارا ۽ لقاو اهڙا تہ اکين اوڏو ٿا ڏسجن جن کي ڏسي، ٻڌي، سمجهي ٿو تہ مان بہ ڪجھ حاصل ڪيو آهي. جو جيو انهيءَ جهاڳ اجهاڳ ۾ اٽين ٻهي ويو تہ اهو واٽ وڃائي وري واريءَ سندي دڳ ۾ واڪا ڪندو رهندو. لهندو ٻنهہ ڪينڪي.

"ڏورڻ منجهان ڏس پوندءِ هوت پنهونءَ جو"

ڀهرين ننڍ ٻاران جي پرسان مڪان ۾ ويهي چلو ڪڍيائون (چلو چوندا آهن ڪنهن قسم جي ٻنڌڻ هيٺ ويهي ڪاڏي پيتي، ڳالهائڻ وغيره کان پرهيز ڪرڻ) ۽ پوءِ وري **دروات جبل** جي چوٽيءَ تي ويهي الک جڳايائون.

POST BY

انهن جي اچڻ جا اهڃاڻ

(جڏهين جڏهين اعليٰ روح پرٿويءَ تي جسم وٺي ايندا آهن ته سندن اچڻ جا اشارا اڳ ئي ملندا آهن. **حضرت عيسيٰ** جي اچڻ جو اشارو ستن سياڻن کي مليو، جن نشانين سان ٻالڪ جي کوج ڪئي. **ٻڌديو** جي اچڻ جو سپنو مها مايا کي ٿيو، **سري ڪرشڻ** جي باري ۾ آڪاش واڻي ڪنس راجا کي ٿي. **بيبي رابعه** جي جمڻ کان اڳ **حضرت صاحب** سندس مائٽن کي ديدار ڏنو.

جڏهين جڏهين جگياسو ڪنهن به طرح پاڪي ٻاهرينءَ زندگيءَ کان پليندا آهن، ڪاڏي، عيش عشرت، گهمڻ، ڦرڻ کان پاڻ جهليندا آهن تڏهين کين اندران آواز ايندو آهي يا سپني ۾ ڪو لقاءُ ڏسندا آهن جنهن ڪري ٻنڌڻن کان ٻاهر نڪرڻ بعد ان حڪم موجب هلت هلڻ جي ڪندا آهن.)

چون ٿا ته **سيد فتح الدين شاهه** کي شاديءَ جي گهير ۾ گهرڻ جو خيال خير ڪي هو. **دروات جبل** تي کين سپني ۾ اٿين وسهڻ ۾ آيو ته ڪو کين پٽيءَ ۾ ٿونيون هٽي رهيو آهي. چوي پيو ته جي شادي نه ڪندا ته پٽي ڦاڙي ٻاهر نڪرندس. وقتن تي جگياسن کي اهڙا اشارا مڙجهائي به رکندا آهن، پر جڏهين ساڳي قسم جا حڪم هڪ کان گهڻن تي لهندا آهن ته انهن کي الاهي حڪم ڪري ليکيو ويندو آهي. سيد صاحب شاهه گمرائي ۾ پنجي وجن ها پر انهيءَ حڪم جي رحمانيت

POST BY, YAHAR SHAH JOHARIA

جي رنگت جي پڪ ڪين ٿڌهين ٿي جڏهين ساڳي ريت بشارت ميان شفي محمد شاهه سندن سوٽ ۽ طالب کي به ٿي. دروات جبل تي هو به وڃڻ هو ۽ ڪيس سمورو سماچار سڻايائون. اُن ورائي ڏني "سائين مون پاڻ ڏٺو آهي ته هڪڙو ڇوڪرو منهنجي هنج ۾ اچي ٿو وهي" ٻنهي ڳالهين ٻڌڻ بعد سوچ ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته شادي اوس ڪرڻ گهرجي. جڏهين وقت پورو ڪيايون ۽ وطن وريا ته ميان فقير علي شاهه جو بابن پيرن جي ڪٽنب مان هو تنهنجي گهران شادي ڪيائون. روح جو هن پرتوي منڊل تي لهڻ لاءِ هڪيو وينو هو تنهن جي اچڻ ۾ دير ئي ڪانه پيئي. پوري ڏهين مهيني ١٢٢٩ هجري جمع جي رات روزن رکڻ وقت **فقير قطب شاهه** جو جنم ٿيو.

سندن اچڻ

(مهل مهل جو ملهه پنهنجو آهي، گهڙيون پنهنجو گهاٽو اثر ٻار جي جيوت تي ٿيون ڇمائن ۽ سندس آئيندهه کي ستار جي ستاري سان ٿيون ٻنائن. عام طرح اوپر خواهه اولهه جي جوتش وديا ايها ڳالهه قبول ٿي ڪري. سهائي گهڙيءَ جن جو جنم ٿو ٿئي تن جو تيج ۽ طالع تکو ٿو ٿئي.) روزن رکڻ وقت فقير صاحب جو اچڻ ڏيکاري ٿو ته هو به ذٽي تعليٰ جي ذکر ۽ فکر ۾ ٻهرو وڃڻ لاءِ عرش مان فرش تي لٿا. انهيءَ حقيقت جي هنن پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ گواهي چڱيءَ پر ڏني.

POST BY: TAHOR SHAH JAKHARIA

فتح الدين شاھ جو اوج

(بيدل سائينءَ پنهنجي "امانت" لائق پٽ بيڪس کي ڏني. دنيا داري رواج موجب پٽ پيءُ جي مال ملڪيت جو وارث ٿو ٿئي، مگر فقيري "امانت" ورثي طور حاصل مشڪل ٿي ٿئي. اها تہ خدمت ۽ خوشيءَ - ٻاجهہ ۽ مهر مان ٿي ملي. جڏن پٽ بنياد تي اسرندي تڏن ٻار پنهنجي ٻڻ تي بيهندو.) انهيءَ ڪري ننڍڙي ٻالڪ جي آئيندهہ ڪي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ سندن پتا ۽ پوءِ سندن مرشد جي منزل جو اندازو اڪہ ۾ رکڻ ضروري آهي.

(حياتي هڪ لنبو سفر آهي. جت جيو پنهنجا ساٿي ٻڌائي خيال جي وٺ ورچ ڪندو منزلون هٿندو مقصد منزل تي ٿو رسي، مگر خيال جي دنيا عجيب آهي جت پنڌ ئي نرالو آهي.)

"هل هيڻن سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار
قاصدائي ڪار ڪين رسائي ڪيچ ڏي."

وقت جا ساٿي سوين ملندا، مگر وقت اوقت جو ساٿي سچو سائين ٿيندو، انهيءَ لاءِ ئي پانڌيڙو پنڌ ڏڏيءَ ٿتيءَ هلندا ايندا آهن تہ "جنم مرڻ جو ساٿي شل ريڏو رهي."

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIR

انهي ساڻي جي ساٿ ڏيڻ لاءِ سيٺ جون ڪوٺيون کليل آهن، جت ڪيمياگر ويٺا آهن. لوهه کي صرف سون نٿا ڪن پر اهي مٽي دلين کي ٿا جيئرو ڪن. سڏڙيا ته گهڻيئي مگر ڀڪ ڀاسڻ وارا ڪي.

"يهه سودا سر ڏتي ڀاجهون ڪنهن پلئه نه پايا"

جڏهين نه جيوُ انهي ڪيمياگر جي ٻاهين مان پڇي ٿو نڪري ته هو پاڻ ڪيمياگر بڻجو پوي.

"ٿي محوس، گهن مرشد، ٻوٽي قلب ڪماوين
گهت سهاڳا، ذاتي والا، ٻوتي نون ٻاهه مچاوين
تفنگه، تفنگه ٿي نال فنادي جسم دا جهگڙا لاوين
يچ ڪوٺاري، بڻ ڪيمياگر، پيچي هٿ هلاوين
يهه خاص خبروي خيرمحمد ، تون سڏڙي نون نه سلاوين"

فتح الدين شاهه صاحب ڪيتري قوت حاصل ڪئي هئي ۽ ڪهڙي ڪڙي تي رسيل هوا آها حقيقت هيٺين ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿي.

هڪڙي دفعي ٻاهران پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هوا ته رستي تي ڪنهن مير وٽ ڪين ترسڻو پيو. مير کي خراب قرڙي (ٻلهاري) تڪليف ڏئي رهي هئي جنهن ڪري دل هاري زار زار روئي شاهه صاحب کي عرض ڪيائين "سائين..." شاهه سائين ڪيس دلداري ڏئي چيو ته "الڪه جي پار ڪان آيل تڪليف صبر سان سهڻ واجب آهي. هي جسم ڪمزور، انسان ويچارو، اهو بار جو هن اتس رحم ۽ مهر مان هلڪي ۾ هلڪو ڪري رکيو آهي، سهي نٿو سگهي. هو ته رحم جو سائين آهي، چاهي ته مردي کي به جان بخشي سگهي ٿو. اوهان ته جيئرا جاڳندا ويٺا ڳالهايو. ڏئي رحم ڪندو." دل وڻڻ. آئت ڏيڻ به ڪنهن جي

POST BY: YAHAR SHAH JANNANEH

خدمت ڪرڻ آهي، ٻي همٿ ڪي همٿ بخشڻ آهي ڪيس وري سندس سگهه ۽ صاحب جي ستا جي يادگيري ڏيارڻ. انهن مير ڪي چئي اوطاق تي اچي ويٺا. اڳين ڏينهن ۾ چوندا هوا ته يوگه ۽ اسم ڪمائڻ ڪري سگهه حاصل ٿيندي آهي، جنهنڪي رڌي سڌي چئبو آهي، جا اهي ڪم ڪري سگهندي آهي جي عقل جي سمجهه کان ٻاهر ٿا ٿين. ايشور جا بندا جي "ساري رات سبحان جاڳي" ياد ٿا ڪن سي ته اجڙيل حياتيون آباد ٿا ڪن ۽ مئل ٻه شاد ٿا ڪن. شفا ڏين جي سگهه گهڻن ڏٺي[٥] جي پيارن کي پي پڙ پئي آهي. وري ٻيا اهڙا ٿي گذريا آهن جن جي زبان کي ذڪر مان اهڙو زور حاصل ٿو ٿئي جو جيڪي چون سو ٿيو پوي. حضرت عيسيٰ ڪيترن عليل انسانن کي عذابن کان هٿ ڦيرڻ سان آزاد ڪيو ۽ ڪيترن ڪريل ۽ ڪنين عادتن ۾ ڦاٿلن کي صاف ۽ پوتر ڪيو.

(ڪن کي سالن جا سال عالم سبق ڏيندو ته اثر ڇڙو ٿيندو پر هڪڙو اکر ايشور جو پيارو چوندو ته اهو پڙدو ئي ڦيري ڇڏيندو. گنهگار عورت کي اڳيانس وٺي آيا ۽ "سائين هاڻ هن سان ڇا ڪيون؟" قرب جي سائين فرمايو "اوهان مان جو عيب کان آجو هجي سو اُتس پهريون پٿر اُڇلائي."

ايهي اکر ٻڌندي ئي مڙيئي، هڪ ٻي جي ڪن ۾ پڻ پڻ ڪندا ڀڄي ويا. تنهن کانپو[٤] عورت ڏانهن اکيون ورائي ڪيس چيائون "عورت وڌيڪ گناهه نه ڪر." جيوت سندس جوهردار ٿي پئي. ڪريل ڦريل، ڦريل ٿي پئي ۽ سنتياڻي بڻجي پئي.)

مير جا ماڻهو ٿوري وقت بعد ڊوڙندا نظر آيا. فقرا سمجهو ته شايد مير گذاري ويو آهي ۽ شاهه کي چيائون "هلو ڳوٺ هلون. مير جڏهين گذاري ويو آهي تڏهين هت رهي ڇا ڪبو." شاهه صاحب ايهي اکر ٻڌي پاڻ خيال ۾ پئجي ويا.

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIR

ڏنائون تہ مير جي هن دنيا تان قدم کڻڻ جو حڪم ٿيو ٿي جينهن ۾ فقيرن کي ايها ڳالهہ ٻڌايائون. فقيرن وري بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي. شاهہ سائين ورندي وري بہ ساڳي ورائي. ايتري ۾ هڪڙو آدمي ڊوڙندو آيو جنهن اچي کين خبر ڏني تہ مير جي قرڙي ڦٽي آهي، هاڻ بدن ڏوڻي رهيو آهي جلد ئي وڃڻ اچي حاضر ٿيندو. سنت ئي مير اچي وڃڻ حاضر ٿيو. شاهہ صاحب جي شڪر گذاري ڪرڻ لاءِ هن نذرانو رکيو، جو هنن قبول نہ ڪيو. چيائون "اسانجي حويليءَ کي ديوار ڏياري ڇڏيو."

(جڏهين جيو جي دل تان مر لهي ٿي وڃي تہ اها آرسي وانگيان صاف ٿيو پوي، منجهس سڀ ڪنهن سمي جو احوال، حال، ماضي ۽ مستقبل ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي جڻ ڄڻڪ ڪا هڪڙ واري هستي سامهون بيٺي اٿس. "خيال جو مطلب خيال ۾ آهہ - دل خيال ۾ گم ٿي خيال ڪماءِ، ڇڏي هيءُ هوءُ کي نظارو نظر ڪر."

(جن خيال کي خيال ۾ رکي خيال ڪمايو آهي تن ئي خال ۾ مال ڪمايو آهي. غيب تان پڙدو پري ٿيو پوي. اهو عين بڻن ٿيو پوي.)

ٻئي پيري رات جو ڏکڻ اڀرندي ڪنڊ کان شماع نظر آين ۽ خواب ٿين تہ پير شاهہ جلال الدين جي اولاد مان شاهہ عبدل الملڪ وٽان جا امانت صوفي شاهہ عنايت صاحب کي ملي سا اوهان جي آهي. اها وڃي وٺو. اهو اشارو ملندي سائين فتح الدين شاهہ صاحب دروات کان جهوڪ رخ رکيو.

("اَمانت" اها سگهہ جا صاحب جي سروپ ڏيائڻ ۾ اسروپي اڪثير پائڻ ۾ ڪمائڻ ڪري حاصل ٿي ٿئي) تنهنڪي

فقير امانت ڪري سڏيندا آهن. جي ڪنهن درويش کي هڪڙي ولي، وٽان فيض رسندو آهي ته اُتس بار هوندو آهي ته هو اها سگهه اهڙي ڪنهن روح کي ارپي جو انکي چڱي، طرح ڪمائي سگهي. عام طرح شايد اهو سوال اُٿي ته دنيا جي ملڪيت ته ورثي طور ملي سگهي ٿي، پر هي، ڪيئن ٿي سگهندي. جي جڙ پدرات هٿون هٿ قيرائي سگهجي ٿو ته روحاني راز خيال م قيري سگهجي ٿو. ان م ته نه گهرجن اسٽامپ ۽ نه ئي ڪي عملدار رجسٽر ڪرڻ وارا. دل جو پرچو پيو، سودو ٿيو. قبالو لکيو. "امانت" عطا ٿي. انهي، دنيا جا ديدار ۽ لقاوئي پاتواٿون آهن.)

فضل الهه شاهه کي به اهڙي قسم جو اشارو ٿيو. هنن پنهنجي فقرا کي فرمايو "ابا اسان لقاو م ڏنو آهي ته فتح الدين شاهه صاحب هيڏانهن پيا اچن. سندن اچڻ تي برسات وسندي تنهنڪري ڪو پکو ته اڏيو متان سندن ڪپڙا پسي نه پون." تنهن تي خليفن مان هڪڙي چيو "قبلا، شاهه صاحب ته مريد ٿيڻ ٿو اچي، انهي لاءِ ايتري تڪليف وٺڻ اجائي آهي."

فضل الهه - "نه ابا، نه توبهه، توبهه، شاهه صاحب مريد ٿيڻ ته نه ٿا اچن مگر مرشد ٿيڻ ٿا اچن."

جڏهين شاهه صاحب پاڻ اُت پهتا تڏهين قلندر کين عرض ڪيو "سائين پنهنجي امانت وٺو." امانت وٺي واپس وريا ۽ حيدرآباد سنڌ جي پرسان اُلهندي طرف ميل ڪن پنڌ تي بوراڪن جي پنيان اچي ويٺا. اُن هنڌ کي ٽنڊو فتح الدين شاهه ڪري سڏيندا هوا. ساڳي هنڌ سندن ڏاڏو مخدوم جهانيه اڳي آيو هو جنهنڪري هاڻ عام طرح اُن ڳوٺ کي **ٽنڊو جهانيه** ڪري سڏيندا آهن. ڳالهيون ته گهڻيون ئي ٿا ڪن پر کي ته تمام ضروري آهن جن مان شاهه سائين، جو شان ظاهر

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIAN

پيو بڪي، انهن مان ڪي هيءَ آهن :-

چون ٿا تہ جڏهين ميرن جي صاحبي ڦٽي ۽ انگريزن اچي پايو وڌو تڏهين هنن ٽنڊي فتح الدين شاهہ جي اتر اولهہ ڪنڊ تي ڪوهہ کوٽايو. ساري ڳوٺ جا ماڻهو انهيءَ ڪوهہ تان اچي پاڻي ڀريندا هوا. مليٽريءَ وارا بہ ڀريندا هوا. هڪڙي ڏينهن سولجرن فقيرن سان بي حرمتيءَ جي هلت هلي، فقيرن اچي پنهنجي شاهہ ڪي دانهن ڏني، جنهن پنهنجي گدا کي ايترو تڪليف هيٺ ڏسي فرمايو :- "ابا اهو ڪوهہ اسان پنهي کان ويو." ڪوهہ جو پاڻي ڏينهون ڏينهن کارو ٿيندو ويو. نيٺ ٿوري وقت ۾ ڪوهہ لٽائي ڇڏيائون. مٿينءَ ڳالهہ جي تصديق حيدرآباد ڪنٽونمينٽ بنسبت مسٽر مهتا جي ڇاپيل رپورٽ مان ملي ٿي.

ٻئي وقت جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ شاهہ صاحب جن پنهنجي اوطاق ۾ کٽ تي مراقبي ۾ ويٺا هوا تہ گل چمن نالي دائي اندر گهڙي. ڏسي تہ شينهن ويٺو آهي. دانهون وٺي ڪيائين تہ شاهہ مڪانيءَ وارو شينهن آيو ۽ سائينءَ کي کائي ويو. سندن وڏو فرزند صاحبزادو قطب علي شاهہ ۽ ٻيا ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ اچي ڏٺائون تہ پاڻ مراقبي ۾ ويٺا آهن ۽ شينهن آهي ئي ڪونہ.

(گل چمن کي اهڙي قسم جو نظارو ڇو نظر آيو تنهن جو سبب ڏيڻ ڏکيو آهي، ڇو جو گهڻو ڪري هيءَ حيبتناڪ ۽ ڏهلائيندڙ ديدار گمراهہ دل کي نصيب ٿيندا آهن يا جنهن شخصيت کي پاڻ کان پري رکڻو هوندو اٿن انهن کي اهڙيءَ ريت نظر ايندو آهي. شينهن اڳيان وڃڻ ۾ سيڪو پيو ڇرڪندو ۽ تنهن ڪري پيو پاسو ڪندو.)

(ڏٺي ۽ انجا پيارا تماشائي پسند ڪندا آهن چوندا آهن

POST BY YANAR SHAH JAHANIA

"ابا ڏسو تہ سهين تہ ڏرتي' تي ڪيڏو نہ پار گند ڦٽ ٿي اڇلجي تہ بہ ماٺ سندس ڪيڏي آهي. "نفي" يعني "ڪين" جا قربدار آهن. ڪيترن تہ ائين بہ چيو آهي تہ "سموري سرڪار نيئي رکج نانهن ۾ فقير ۽ "مانهن" درويش ۽ هستي - ٻني ڳالهيون ٻي پار جون. ائين آهي تہ فقيرن مستي' ۾ "اناالحق" جو در پڻ هنيون آهي، پر سالم ۽ سالڪ لا' ساعت بہ دم زني ۽ مستي' جي روانہ ڪئي آتن.)

چون ٿا تہ "ميو پلو" هالن وارو وٽن آيو ۽ اچي رهاڻ ڪرڻ لڳو "جيڪي ملڪ گهمندو پيو اچان تن سيني مان امانتون ڪسيندو پيو اچان. هت حيدرآباد ۾ پڻ سيني فقيرن جون امانتون ڪسيندو پو' آيو آهيان." چيائونس "ابا وري اها ڳالهہ ڪريو." "ميو پلو" بيهوش ٿي ڪري پيو. سندس مريد جيڪي حيدر آباد ۾ هوا تن کي جاڻ ڪيائون. آهي ڊوڙندا آيا ۽ ڪيس ڪٽائي ويا. ڪجھ وقت ڪانپو' هو هوش ۾ آيو.

(شاهہ عبداللطيف جن فرمايو آهي "سائي جن اللہ، ٻجهان سي نہ ٻڌنديون" عام طرح چوندا آهن تہ هي مڙئي تشبيهون آهن. جن کي علم اليقين حاصل ٿيو، جنهن مان ڪين عين اليقين پڙ پيو، تن کي حق اليقين جي حاصليت هٿ ٿي ٿئي. انهن کي تار بہ تانگهون ٿيو پوي. حضرت عيسيٰ پڻ فرمايو آهي "جيڪڏهن اوهانکي سرنهہ جي داڻي جيترو وشواس يا ايمان آهي تہ ڪرامات اوهان جي قدمن ۾ هوندي.")

هن وقت آهي ڳالهيون ٿي رهيون آهن جي ويهہ سال اڳہ عقل وارن جي ڪل جي ڪاڻ هونديون هيون. تڏهين هيئين حقيقت حيرت ناڪ چو ٿين ڳهرجي؟

هڪ وقت جي ڳالهہ آهي تہ پاڻ درياهہ تي آيا. ولب جي

پڙي ۽ ڪان بيڙي اڳيني ڇني ويئي. پاڻ انهي ۽ هنڌان درياهہ ۾ لنگهي پيا ۽ پاڻي ۽ مان هليا ويا. اُن وقت سائن گڏ هڪ ميراثي بہ هو جنهن هڪ نظم انوقت ڏنو "پاڻي ۽ اٿي پنڌ ڪيا درياهہ فتح الدين."

فقير قطب علي شاهہ پنهنجي والد صاحب جن جي بلند مرتبي جو بيان ڪندي هي ۽ ڳالهہ ڪئي آهي "هڪ رات مالڪ سائين چادر مٿان اوڍي کٽ تي سمهيا پيا هوا تہ بندي ويئي کين زور ڏنا. ڪنهن وقت ڏٺم تہ خاڪي پتلو نهيئي ڪونہ. رڳي چادر پيئي آهي. تڏهين هٿ ڪئي جهليم. ڪجهہ وقت ڪانپو ۽ ڏسان تہ ائين ئي چادر اوڍي سمهيا پيا آهن. تڏهين وري زور ڏيڻ شروع ڪيم. ملڪي صورت سان پرواز ڪرڻ رواجي ڳالهہ آهي. هن خاڪي پتلي سان پرواز ڪرڻ ڪنهن وڏي ۽ منزل واري مرد جو ڪم آهي. اها ڳالهہ ڪري پو ۽ وري پنهنجي مرشد سائين ۽ جي اوستا جي ساک ڏيڻ لاءِ سندن رچيل ڪلام چئي ٻڌايائون :-

هوئا مخمور معني مين - هادي حق بتايا هي ۽
ملامت ڪون سلامت ڪر - آپس آپي ڇپايا هي ۽
نهين درڪارعيسيٰ ڪي - مسيحا دم همارا هي ۽
الٹ پٹي الف ڪي جهاتي - ڪ جس هيڪل سمايا هي ۽
محمد شرف رندان - الست اسرار سون آيا هي ۽
جگر ۾ برت بجلي - ابر رحمت وسايا هي ۽
هوائي بيخودي آئي - خودي ڪي ڌوڙ اڙجائي
صدف ڪر سينہ اپنا - عجب گوهر ڇپا يا هي ۽
جلالي جوش جي جذبي جسم ڪون خود جلايا هي ۽
فتح جي فتح الدين ڪي هردم - ڪ ڪفر ڪون مارمنايا هي ۽

مٿيون ڪلام دل بيدار پر اسرار جو ڪافي ثبوت آهي. اهڙو رسيلو راز پريو ڪلام هٿ اڪرين لکيل پارسي زبان ۾

POST TO FAHAD SHAH JOKHIO

موجود آهي، تاريخ ٢٦ محرم سنہ ١٢٩١ هجري هن فاني دنيا مان پير ڪٽي دارالبقا ۾ قدم رکيائون. سندن مزار مبارڪ شهيدن جي مقام جي پرسان زر خريد زمين ۾ تيار ٿي، جنهن جي چوکنڊي نهرائي وئي ۽ هر سال ٢٦ محرم جو ميلو لڳندو آهي.

رستي ۾

(ٻار معصوم اڇا اُجرا ، بي پرواهہ ، لاطمع ٿين ، تن ۾ تعظيم ۽ تواضع جي تميز صرف اشاري تي اُٿي پئي ، تہ اهو ڏيکاري ٿو ٻار رواجي ڪين آهي. چونڊا ڪين آهن تہ ٻار ٻاروتي ۾ پڙرو - پنجن ورهين جي اوستا ڇا لڳي ۽ ڇا سندن سيني جي صفائي. اشارو ملندي جهٽ ڪٽي ڳنڍ ٻڌائون.

وڏن جو ادب اعليٰ اخلاق جي انگن ۾ آندو اٿن. ڳالهہ تا ڪن تہ جڏهين پنجن ورهين جي ڄمار جا هوا تہ هڪڙيءَ ڪونيءَ ۾ جتيءَ جو پادر ڪٽي مٿي ڪيائون. وانر ، جي پنهنجيءَ پوڪہ تي پختا هوندا آهن اُهي اهڙين ننڍڙين ڳالهين کي خسيس سمجهي نظر انداز نہ ڪندا آهن ، مگر انهن ننڍڙن نيشانن ۾ وڏي درجي ۽ مرتبي جي معني پروڙيندا آهن. هنن ڪين پاٻوهہ مان چيو "ابا اوهان جو ابو وينو آهي. انجو ادب ڪرڻ ضروري آهي." انهن اکرن جو اثر اُتن اهڙو تہ ٿيو جو نہ ڪڏهين سندن اڳيان ڪنڌ سنئون ڪري وينا ۽ نہ ڪين ڪڏهين پٺي ڏيئي لنگهيا.

"رتي هڪ رهت وڏي جنهن ويساهہ سان
مٿي تنهنجي من مون ، ٻي سپ ممتا مت
انئي پهر الکہ جي ڪري اُپيد پڳت
° سامي چاٿي ، ست ساکي سپ ڪنهن ۾"

ٻئي دفعي جي ڳالهہ آهي تہ ڇهن ورهين جا هوا تہ هڪڙي

ڏينهن سندن والد صاحب کين سڏ ڪيو. شايد پاڻ نہ بڏائون. وري ٻيو دفعو سڏ ڪيائون. جو ٻڌي وٽن آيا. تڏهين هنن کين چيو "ابا اسان ٻہ سڏ ڪيا اوهان وارثيو ئي ڪين." هٿ ٻڌي نياز مان قدمن تي سر نوائي چوڻ لڳا "مٺا پيلي، بخشين بخشڻ هار" انهن ٻنهي ڳالهين مان سندن سڪ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. آئينده جو اوج سندن ڪهڙو ٿيندو، انجو حساب حقيقتن مان ڪري سگهجي ٿو.

(حياتيءَ جو سفر لنبو ۽ اٿاڻو آهي. ان منزل کي طيءِ ڪرڻ لاءِ پنڌ پوڻ ضرور ٿو ٿئي. ڪي تہ حياتيءَ جي شروعات عيش عشرت ۾ گهاري، دل جي وهڪ کي مانجهاندي جو مس ٿا وارن. ڪي وري پوئين پهر ۾ ٿا ياد ڪن تہ حياتي جي حقيقت ڇا آهي ۽ منزل ڪهڙي هٿئي اٿئون. مگر صاحب جا پيارا آهي جن کي جيوت جي جوڀن ۾ اها جمالي جهلڪ ٿي اکئين اچي جو جيسين جوت جو جلوه نٿا پائين تيسين ڪنهنکي ٻہ دل ۾ نٿا لڪائين. "گلشن راز" جو مصنف لکي ٿو :- "رستي تي پانڌيڙو ڪير آهي؟ اهو جنهنکي پنهنجي پيدائش جي پروڙ پيئي آهي. اهوئي مسافر آهي، جو رستي تي پيلي بازار ۾ بيهي نٿو رهي، مگر ڪاهيندو ٿو رهي. خوديءَ کان خارج، فڪر کان فارغ، صاف چمڪندڙ جوت وانگيان ڏونهين کان صاف ٿيو آهي.)

(صوفيءَ ۽ عيسائي عارف کي صفائيءَ ۽ پڪائيءَ لاءِ پاڻ پچائتو ٿو پوي. **جهد ۽ جفا - جنگ ۽ جهيڙو** جيءَ سان لڳائي لوڪن جي لاڙن کان ٽاري ڪيس آن پنڌ ۾ ٿا وجهن، جت جيترو پنڌ ڪندو وڃ تہ ڏہ ٿئي ڪين. نڪي ٿئي ٿو بڪ ۽ بلا جو پو. اٽ تہ جيو وقت کي وٺي ڏٺي ني ڏڪي ٿو. پلڪ ٻہ پلڪن کي هڪ ٻئي مٿان ليٽڻ جي ڏئي ڪين ٿو. اهڙو شوق ۽

ذوق جڏهين جيو ۾ جاڳي تڏهين ٿي چوي ٿو :-
"ڪوئي ڪڇ ڪهي من لاڳا
ائسي پريت لاڳي من موهن، جيون سوني مين سوهاڳا
مات پتا ست ڪٽنب ڪبيلا، ٽوٽ گيا جيون تاڳا
ميران ڪي پريو گرڌر ناگر ڀاڳ همارا جاڳا."
(جي - ڊبليوُ - گِل (J. W. Gill) چوي ٿو :-
انسان تي فرض آهي تہ جيتري قدر ٿي سگهي تہ "نہ هئڻ"
جو جزو جيءَ مان جهاري، ڪڍي، ڏٺيءَ سان جڙي هڪ ٿي وڃي
۽ حق جي خيال ۾ فنا ٿي وڃي.") اهو صرف محبت سان مطلب
پائي سگهجي ٿو.
(گلشن راز جو جوڙيندڙ چوي ٿو تہ "هر قطري هيٺان قادر
جو جمال لڪل آهي پر نفس ڪي شهوت ڪان آزاد ڪرڻ لاءِ
صوفيءَ تي هيٺين وصفن جي ورزش واجبي آهي.
توبهہ، صبر، شڪر، راضپو، خوف، فقر، جهد، شوق، محبت، توڪل ۽ توحيد. انهن اوئلي پنڌن لاءِ لڳ
لاڳاپن جي لامن ڪان لڙي جيو "پاڻ" سان جهاد ڪرڻ لاءِ جاڳي
ٿو. انهيءَ لاءِ لوڪون لڏي ٿو لڙايون ڏي ۽ وري واپس تڏهين
ٿو وري جڏهين جيو ۾ جوت جي جهلڪ ڪيس ٿي حاصل ٿئي.)
تيرهن ورهين جي ڄمار ۾ هڪڙي ڏينهن پنهنجي سوٽ
سيد علام مرتضيٰ شاهہ ۽ ٻن فقيرن غازي ڪليريءَ ۽ پانڊو
ڪليريءَ سان گڏجي ميت ڪاڻ ڏانهن روانا ٿيا. اُتي مريدن وٽ
وڃي رهيا. هڪڙي ڏينهن نار جي اڏ تي منهن ڌنئدي سندن هٿ
وڃي مچن ڪي لڳو ۽ پاڻکي چوڻ لڳا" تنهنجو والد اجا انهيءَ
اوستا جو ٿيوئي ڪين هو تہ وڃي صاحب جي بندگيءَ ۾ وينو
هو. توکي حيف هجي جو هيتري عمر اجائي وڃايئہ. اهو خيال
ايندي ئي
عمل جي گهوڙي تي سوار ٿي پيا. عقل جي واڳ

جو وجهہ ڏنائون ڪين. ڪپڙا لاهي ڪٺي غريبن کي ڏنائون. اجرڪ ڦاڙي ٻہ اڌ ڪيائون. هڪ اڌ هيٺ ڪري ٻيو ڪلهن تي رکي گنجي ٽڪر ڏانهن روانا ٿيا ۽ نانگي جي چر ۾ وڃي ايڪانت ۾ ويٺا.

(من جي ترنگن ۽ خيال جي ڪنن ۾ ماٺ آڻڻ لاءِ ايڪانت ضروري آهي. لڙاٽيل پاڻيءَ کي جڏهين چرپر کان روڪبو آهي تہ مٽي آهستي آهستي وڃي ترو وٺندي آهي. ايڪانت ۾ دل جون خاڪي خواهشون صاف ظاهر ٿي پونديون پر ڪين لهہ وچڙ ۾ اچڻ جو وجهہ نہ ملندو تہ اهي زور وٺڻ کان رهجي وينديون آهن ۽ دل کي ذڪر ۾ زندهہ رکڻ ڪري جيو مٿان زور پئي ڪين زير ڪرڻ ۾ منهن وجهندو آهي.)

فقيرن غازي ۽ پانڊو سندن سنگ نہ ڇڏيو باقي سندن سوٽ غلام مرتضيٰ شاهہ موٽي سندن ڳوٺ آيو ۽ اچي فقير صاحب جي پيءُ کي چيائين تہ ادو **قطب شاهہ** چريو ٿي پيو آهي. تنهن تي پاڻ چيائون "تہ ابا، جڏهين هاري ڀهريائين ڍڳو نار ۾ ٻڌندا آهن تڏهين هنجون اکيائڙيون ٻڌي، ڪپڙو وجهي پوءِ پٺن تي هٿ هڻي چوندا اٿس تہ اٿي پيءُ ڏاڏي جي ڪار ڪر. سو هن بہ پيءُ ڏاڏي جي ڪار ڪئي آهي." ڍاڪو ڪڍي واپس والد وٽ آيا جن ڪيس ڏسي چيو "ابا شاباس هجيو جو مائٽن جي ماڳہ پيا آهيو. هاڻ هٿ ويهي ڏٽيءَ جو ڌيان ڪريو." والد صاحب جي آڳيا پٽاندڙ ڳوٺ جي ڏاکڻي پاسي ٻير جي وڻ تي پيهو جوڙي وڃي جوڳہ ۾ ويٺا. ٽي ڏينهن رهي وري پهاڙن جي پار ڏانهن پنهنجو "پاڻ" پروڙڻ لاءِ **رانلي** جبل تي وڃي ويٺا.

"ٻنڌڻ"

(حضرت محمد جن جي روايت آهي تہ اڪف الهالي ڪان پڇيائون "شادي ڪئي اٿو ؟" جنهن جواب ڏنو "نہ" تڏهين هنن کيس فرمايو "ابا جيڪڏهين اسان مان آهين تہ اسان وانگر ڪر." جيئن وقت گذرندو ويو تيئن فقيرن جي جماعتن جا جدا جدا رايا نهندا ويا. بي بي رابعہ وٽ جڏهين ڪي عالم آيا ۽ اچي کيس زور ڪيائون تہ شادي ڪريو تہ هوءَ کين چوڻ لڳي "طالب الدنيا" جي آهن سي مؤنثي مونث آهن تنهنڪري ساڻن شادي ڪري نٿي سگهان. طالب المولىٰ مؤنثي مذڪر آهن تنهنڪري اُهي بہ شادي ڪري نٿا سگهن جو آءُ بہ مولىٰ جي طالب آهيان."ابو طالب چوي ٿو. "جيڪڏهن طالب پنهنجي نفس تي قابو پئجي سگهي جو خذمت ۽ چاڪريءَ ۾ کيس عورت جا خيال خراب نہ ڪن يا اُن پاسي جا لاڙا کيس بي واهہ ۽ گمراهہ نہ ڪن تہ پل هو شاديءَ کان پرهيز ڪري.")

بشير الهافي (پيرن اُگهاڙو جو ٨٤٢ ع ۾ گذاري ويو) چوندو هو "انسان جو عورت کان پاسي رهي سگهي ٿو اهو اللهہ تعالىٰ جو آسرو وٺي سگهي ٿو." ڪن بزرگن جو قول آهي تہ جسماني خواهشن جي جنگہ ۽ جهڙپ کان آزاد ٿيڻ لاءِ شادي ضروري آهي، پر ڪي سمجهندا آهن تہ "شادي" جي رسم تربيت لاءِ آهي. انهيءَ جي مڪتب ۾ جيو پنهنجي خانوند کي پاڻ ارپڻ ۽ سهاڳڻ جي سيرت ۽ خصلت حاصل ڪرڻ جي علميت حاصل ٿو ڪري. هو پنهنجي خاوند سان شاديءَ جي رسم ادا ٿو ڪري. اهڙي عقيدي تان هو سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي.)

آهي. هو پنهنجي خاوند سان شاديءَ جي رسم ادا ٿو ڪري. اهڙي مقيدي تان هو سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي.)

اهڙي ئي ڪنهن خيال سان سندن والد جو ڪين گهير ۾ گهيرڻ جو اچي خيال ٿيو. رانلي جبل تي مهينو ڪن مس رهيا ته قاصد وٽن وچي رسيو، جنهنڪري ڪين وطن ورڻو پيو. اُن وقت سندن خيال خاوند جي شوق ۽ ذوق ۾ هو. حڪم اڳيان سر جهڪائي، لاٿون لهي، وري به رانلي جبل **تيراٺي جي ريجهائڻ** جي رمز ۾ پاڻ رڌل رکيائون. (عام رواجي انسان ته هميشه دنيوي ڳالهين جي گهر ڪندا آهن ۽ هڪ من جي مراد پوري ٿيندن مس ته جهٽ من ۾ ٻي هري ايندن.

اُن بنا ڪجھ وقت رهڻ مشڪل ڪينهي، مگر پاڻيءَ جي اُساٽ تي پکيءَ - پسونءَ - پوکه - ڦل ڦول ڪي سڪائي ساڻو ڪيو ڇڏي. جبلن تي پاڻي به ته برف ۽ برسات مان ئي ٿو حاصل ٿي سگهي.)

سال گذري ويا هوا ته برسات جي بوند وٺي ڪين هئي. مانهون ۽ مال ڏکيو ٿي ٿيو. هنن به ڪين رانلي جبل تي وينل ڏٺو هو، تن خيال ڪيو ته هيءَ ٻيرو، شهه جوانيءَ جون لذتون ڇڏي، جو پٿرن تي آسڻ اڏي وينو آهي، انجو عرض من آڳي وٽ اگهامي. ايهو سوال من ۾ رکي هنن اڳيان آيا ۽ ڪين عرض ڪيائون. صبر سان ٻڌي، ڪين ڏيرج ڏيئي فرمايائون، "ابا سڀ هٽ وس آهي صاحب جي، برسات به سندس، ته مال به سندس. مالڪ مهربان ٿيندو ته سڪ ترمان ٻڏ تر ٿي پوندي." ٿيو به ائين. بادل برسيا، بوند بهار ٿي. رم جهم رنگي جا رنگه ٿي ويا. آخر آدمي ڪڪ ٿي پيا.

(**انسان** ته هميشه ائين پيو گهري ته دنيا جو چرخو سندس چاهنا موجب ڦرندو گهرندو رهي، مگر **فقير** هميشه ڪوشش

ڪندو ته شل سائينءَ سان رهجي اچي، جو انجي حڪم ۾ ڦڪيو ۽ ھيڪاندو ھلندو ھلي. انھيءَ خيال ڪي پختائي ته محنتن ڪان پوءِ مس ٿي ملي. جيسين جگياسوءَ ڪي اھا ھٺ چڙھي تيسين ته ھو پنھنجي عقل موجب ائين ٿو گھري ته شل رستو صاف ۽ سھنجو ٿي پوي.)

فقير صاحب گھٽ ۾ گھڻن بعد پاڻڪي سوڙھو گھٽيل سمجھڻ لڳا. ور ور ڏيڻي واحد در وينتي اھائي ڪرڻ لڳا "اي ڌڻي جي پنھنجو ڪرين ته انھيءَ ڳٽ ڪان آزاد ڪر."

(جيڪي نه پنھنجي جيوت جو ڏاڳو مالڪ جي ھٿ ۾ ٿا ڏين تنجا لاڏ ڪوڏ ھوچو ڪين سھندو. سائينءَ ڪي ته سھاڳڻ اھڙي اوس ڪپندي ھئي.) سو حال ڪين ھڪ منو جرڻ لاءِ ھن سندن ڳٽ چنو. جلدئي والد صاحب جن جي نياپي موجب ڪين رائلي جبل ڪان رخصت وٺي ورٺو پيو، جت ڪين پنھنجي مالڪ جي رضامنديءَ جي ڪافي ثابتي ملي. سندن لائون لڏل ٻانھن تمام نازڪ حالت ڪي رسي چڪي ھئي. ٿوري وقت ڪانپوءِ راھ رباني وٺي ويندي رھي.

(من جي مراد پوري ٿيڻ ڪري ٻه من آنند ۾ يڪدم مشڪل ٿو اچي. ھو ته وري ٻه ھڪ ٻئي طرف ڊوڙندو ٿو رھي. پاڻ اٿپورو پوءِ يڪدم پورنتائي ۽ پرسنتائي ڪيس پڙ ڪيئن ٿي پنجي سگھي. خيال جي ڊوڙ جان تان ڪيس جڪڙي وري ٻه ويڪر ۾ گھلي ويندي. جتان رستو لھڻ ۽ پاڻ ۾ پھڻ جو پنڌ مس مس ڪيس ھٿ ٿو اچي. ھنجو ھلڻ ته ھوت ليءَ پيھڻ جو آھيٺي ڪين. بيھڪ ڪيس تڏھين ايندي جڏھين ھيرو ھٿ ايندس. رات ڏينھن ڳولا ۾ ھڪ ڪري چڏيندو. اکين ۾ اوطاقون انھيءَ ڳولا جون. تصويرون تارن ۾ انھيءَ جي اشارن جون ئي پيو پسندو. آرام سندس ٻي آراميءَ جي صورت وٺندو.)

ڏونگر ڏورڻ

جنهن تي جاکوڙ جڙي آئي سو ڪٿ تو جهان جا جهاڳ جهاڳي، ڳڻ لٿو تہ پاڻ آزاد سمجهيائون. چوڻ لڳا:

"پنڌ وجهنديس پاڻ تي، سرتيون سوارو
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾"

اِئين پهہ پڪو ڪري پنهنجي والد ڪان موڪل وٺي اَچي دروات جبل ۾ رهيا. ڏونگر ڏورڻ ڏکيو ڪم آهي؛ مگر محبتي انهيءَ مامري ۾ منهن وجهندائي وجود سان ويڙهہ ڪرڻ لاءِ آهن. وسنوَ ۽ وندر ۾ قلب ساٿن ڪاريون ڪندو، ڪار منهائين ڏسيندو، شتر بي مها وانگيان ڪڏهين چڪ هن وڻ ڪي هٽندو، ڪڏهين لام هتان ڪٽندو. مطلب تہ جتان ڪيس وڻندو تتان پيو جاوا ڪندو؛ پوءِ تہ ڪيس نہ پنڌ جي پچار، نڪي سانگن ۽ سوار جي تار، وار ۾ گهڙيو تہ جهل چو تو ڏٺي. وڻ گهوڙو نہ بڌندو؛ پر پانڌيڙو تہ جاٺي ٻجهي مهڙ ئي ڪس ڏانهن تا ڪن. رس ۽ هس ڪان پاڻ هٽائي حق ڏانهن تا هڪلين. اهڙن لاءِ جبل ۽ ڏونگر عجيب ڪري ليکيا اٿن.

"ڏونگر نہ ڏوري، سڪڻ جون سڏون ڪري
ويٺي گهر گهوري - مٿان پرينءَ جندرو."

تڏهين بہ جيو کي پڳڻ پيرو اوس ٿو ڪرائي جيسين سندس سرت کي سوجهي ۽ سکہ هٽ اچي. پيو ڍونڍيندو، تہ من هن ويرانيءَ ۾ وندر حاصل ٿي پوي. هڪ هنڌان گهمي ٻيو هنڌ گهمندو تہ بہ اِستول ۾ تہ ڪيس هٽ سچ تہ هٽ رچ ئي پئي ملندي. اِنهيءَ روحاني رچ ۾ جيو تڏهين اسانجي، هرڻ وانگر چالون ماري، چوهون چوئون ٿو هٿي ۽ وکون واريءَ مان اهي ٿو ڪٽي، جن لاءِ چيو اٿن "کهي جا ڪنيائين تنهن وکہ ويجهي ڪئي." ۽ وري شاهہ صاحب صلاح ٿا ڏين :-

"سوءَ ڪوهہ ڪري سيڪا، تون کهي ڪٽج وکہ
تاڻج منجهان تکہ تہ پنڌ پاسي پر نبري."

اهي پنڌ ۽ هنڌ شوق ئي ٿو هموار ڪرائي. اَکيلائي، آداسائي - اڻانگائي ۽ اَرڏائي آڏائي ۽ اونداهيءَ ۾ اوڏائي عجيبن جي عشق کي ٿي پاسي چاڪاڻ تہ سچڻ جو وڇوڙو ڪيس چورو ڪري ڪنيون ٿو ڏئي ۽ چوندو ٿو رهي -

"هيڪلائي هاڻ، پوريندس پنهونءَ ڏي
ڪنديس ڪوهيارل سين وجي روح رهاڻ
رلي چلي چپرين ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ
آهيان گهڻو اَڻاڻ پر سور پريان جا ساڻ
مون."

جبل جبل آهي جوت نرالي، جهڙن جهڙن اُتن آکيرا ڪيا هوندا اُهڙا ئي منجهن اوصاف پيدا ٿيا هوندا. دروات ۾ دونهيون دکائي وري واڳہ ورايائون ملڪ سردار خان جي ٿاٿي ڏي، جتان لوبان جي لاهوت تي ڪجهہ ڪال گهاريائون.

لاهوت لامڪان جو پنڌ پراهون، ڪاهيندو هل، مس ٿي منزل اَچي. اوڏانهن جڏهين رخ رکيائون تہ سترهن فقيرن بہ سائن وجڻ لاءِ وينتي ڪئي، جن کي اِجازت

ڏنائون. سندن ٽولو ڪو بخت وارو هو. محنت جو صاحب سندن مهندار ٿي ماڳ وٺي ٿي هلين. سندن نالا ترالا ته اوس ٿيئا نٿي هوا، پر دنيوي ڪرت به پن پن هئن، جنهنڪري فقير جي گندي چڻ ته چتيون چتيون، درزيءَ جي ليڙن جي بڻجي پيئي. (١. نبي بخش رند، ٢، خدا بخش رند، ٣. غازي ڪليري، ۴. ياندو ڪليري، ۵. پيارو ڪليري، ٦. امام بخش ڪليري. ٧. ربو حجام ٨. مريد علي شاهه ٩. مٺن شورو ١٠. باقر شورو ١١. اللهه اوباهيو ١٢. ياٺي چندنمل ١٣. ياٺي لعل من ١۴. ياٺي آلومل ١۵. ياٺي ابيچند ١٦. جهنڊو مير جت ١٧. ميهار ميرجت).

"ساٿ سنباهي سترهن جو، شٿل هليا سردار
لڪ هرهڪ پنهنجي، پر لوچ هڪ ئي پار
قطب جن ڏنار، سي ڪيئن نه هلن ڪيچ ڏي"

لوبان جي جبل تي ڏهاڪو ڪڏي، ڏونريگر جبل تي پير رکيائون ۽ ٻاول پريءَ جي سماڌ تي ڪو سمو گهاريائون. پلاٽيندا هليا. پير نه کيائون پڙ کان پري. جهنگه جبل به ته لگن بن ڪونه ڪو ٿو جهاڳي. سڪي زندگيءَ کي تياڳي، سورن جي به لاري لاڳي آهو لعل ٿو، جنهن جي لنو لنو ۾ لاهوتن جي لات آهي. امڙيءَ لگن واري جي لاري لڪين چو نه لڳن؟

(جوت جاڳائبي آهي ته ڪئين پتنگه مٿس موهت ٿي اچيو پاڻ قربان ڪن، مگر انسان اول ته پنهنجا دنيوي ڪم سڌ ڪرڻ جي ڪندو ۽ جڏهين ڪيس يقين ايندو ته "پاڻ" ڪٽي ارپيندو. عشق، پتنگن جو پڪو، جو پاڻ قربان ڪرڻ کان ڪوڏ ڪائن ئي ڪين. جوت وارا به ته پنهنجي سياو پٽاندر دڳه لائڻ کان هٽڪن ئي ڪين. سگهه ۽ سوجهرو جي صاحب سنڌيءَ سار، سنڀار، پچار لڳاتار مان ٽا پڙپون،

POST BY YAWAR SOHU

تنجي ڪٿ ڪرڻ ڪنن آهي، ڪهڙي ماڻهي سان ماڻهي سگهجي ٿي جاپ ۽ جياپي جي وٿ ؟ عبادت دل کي اوجل ڪري منجهس جوت پري جيوت جو جوهر بخشي ٿي. دنيا جا آدمي پرارٿنا جي بل ۾ ايمان رکن ٿي نٿا. مگر مشرق خواهه مغرب جي شاعرن، درويشن، فقيرن ۽ اوليائن ائين ٿي الاپيو آهي، "عبادت سان پهاڙ جي پيڙهه به اکيڙي ٿي سگهجي." ناممڪن ممڪن بنائي ٿي سگهجي. "جادوگر جي جادو" جو اکر جي جيو کي هٿ ٿو اچيو وڃي ته هو به علاءُ الدين وانگر چِن ۾ جهڳ مڳ، ته چن ۾ پڳ پڳ بنايو ڇڏي. جنن ويندو وڏندو تنن ويندو نماڻو ٿيندو. "سم درشي- سيتل سدا - سڀ جو سکه دائي.)

ڳالهه ٿا ڪن ته گبنوڪ جبل تان ڦري پاڻ جڏهين مول جبل ۾ وڃي رهيا تڏهين هڪڙي ڏينهن شهمير خان هملائي وڏيرو وٽن آيو ۽ ويهي وينتي ڪيائين، "سائين ڪمشنر صاحب مونسان اچي مٺيو آهي. اوهان دعا ڪريو ته مشڪل آسان ٿي پوي."

فقير صاحب چيو " ابا جيڪڏهين نه هن دونهي ۽ تي اچي ڳوٺ ٻڌندا ته مول جبل جا مختيار به ٿيندا ۽ انعام به پائيندا." ايترو حڪم ٻڌندي شهمير خان پنهنجي ڳوٺ جا ماڻهو لڏارائي آڻي اُت رهايا. انکي هاڻ مول جو ٿاڻو ٿا ڪوٺين. ٿوري وقت کانپوءِ ڪمشنر صاحب به گشت تي نڪتو ۽ اچي اُتان لانگهائو ٿيو. فقير صاحب تڏهين وڏيري کي صلاح ڏني "ابا هاڻ ڳوٺ ٻجهي ويو آهي. اوهان به ڪمشنر صاحب جو سلام ڪري اچو."

ڪمشنر صاحب جي ڪاوڙ ته ويندي رهي، جيڪي سو وڏيري کي شهر ٻڌائڻ لاءِ لونگي به ڏنائون ۽ کيس جبل جو ڪاردار به ڪيائون.

قدرت جا رنگ عجيب آهن، جت ڪنهن وقت ڪانگ ٿي نچيا، اُت هاڻ ماڻهو ميڙاڪو ڪيو وهن. جيڪي ڪنهن وقت ٺڪر سڃا ٿا ڏين اُنهن کي وقت جي وڻي ملڻ ڪانپوءِ وسنو ٿي، ورٿي ۾ ملي ۽ وسايل وري سڃا پڙ پينگهه ڏيو پون. ڏسون وينا ته براج جي نهڻ بعد ڪيترا ٺڪر ساوا ٿي پيا آهن ۽ وسايل ڦٽي ويا آهن. وقت وارو سڀ ڪي ٿو ڏئي. قدرت جو ڪم انساني اوزار. معرفت به گهٽو ٿي ڪي ٿو ٽٽي. جيو پنهنجي مستيءَ ۾ مست آهي. جن پناهه ورتي آهي حق جي، سي ته ست پنهنجو سارين ٿي ڪين. اُنهن ته پنهنجي من کي دم دم پي سمجهايو آهي **"هيڪر هوڏ ڇڏ ته اوڏي ٿين عجيب ڪي."**

جوڳين جهل نه پڻي جبل جهاڳڻ جي. ڪاهيندا هليا، سندن ستار سيني اندر آلاپيندي رهي. **"پنڌ ڪر پهاڙ ڏي، وجودي وٺڪار"** انهن کي سدا ساجن جي تڙڦ تن ۾ آهي ٿي آهي. وهڻ وهه ٿيو جار جن کي جيءَ ۾. هو سمجهن ٿي انين پيا **"ويٺي هٿ ۾ هوءِ، هلين ته هوت لهين."** خيال کي هلائيندا رهن ته سرير کي هلڻ تي ناهيندا رهن، تانجو بڻي هڪ سر ۽ هڪ تار ۾ لاهوتي لقاو آهي ٿي ٿا لهن جي جيءَ اندران اُتل ڪاٺي اکري جامون پوريءَ ڪڇ ماپ جو ٿا پهرين جو رڳ رڳ رقص ڪرڻ کان رهين ٿي ڪين ٿي.

ڪچي جو لڪ لنگهي مهيريءَ جي لاهوت ۾ ڪڇ عرصو ڪاٽيائون. اُتي اُتل اندر جي ايتري اڇي ٿين جو مستيءَ ۾ چون لڳا:

راڳ مانجهه

ٿل – لڳي لاهوتين کي لاڳ، من ۾ مچ مچائين ٿا

من ۾ مچ مچائين ٿا، حق جو پنڌ پڇائين ٿا،

۱- ناپ ڪنول کان نام اُنائين - ڪنڌ ڪنول ۾ واٺي ٺاهين

ڪري سخن مرشد جو ساڻ - سر ۾ سرت پچائين ٿا.

۲- تن تنور عاشقن چاڙهيو - هڏ چم تنهن ۾ ٻارڻ ٻاريو

چاڙهي رنگڻ دين درياهه - ان ۾ پاڻ رچائين ٿا.

۳- دونهان دل ۾ درس وڌائون - ڪايا ڪاٺيون ڪري جلايائون

تين الڪ اندر اثبات - ٻاهر ٻاڦ نه چائين ٿا.

۴- قطب ڪوڙ دنيا جي بازي - تارڪ ٿيندا ڪي ڪي غازي

ترڪ ڪيائون طمع ڪي-اندر نام اُچائين ٿا.

من ۾ مچ مچائڻ، حق جو پنڌ پچائڻ، سرت پچائڻ، ناپ ڪنول کان شبد اُنائڻ، ڪنڌ ڪنول ۾ واٺي ٺاهڻ، تن تنور چاڙهڻ، هڏ چم جو ٻارڻ ٻارڻ، اهي مڙيئي سنڌ ۽ ڏس حقيقي پنڌ جا، جي فقير صاحبن انهي اوستا ۾ ڏنا سي ڏيکارين ٿا ته هو اول کان اوٽ ئي انهيءَ تي هلندا ٿي رهيا. ”درد وندن جي بڻي سدا تتي.“ ات ته ڦوڪ ڦوڪان، ڌنوڻ ڌوندي رهي، لنو لنو لنوندي رهي، لات لاهوتن جي. هنن حرفن ۾ نه آهي حسن جي حيرت ۽ نکي دنيا جي ڏنڌن کان عيرت، نه ڪي اڪ جي جهلڪ ۽ نه چوٽن جي فلڪ، مگر هن ۾ ته آهي پلڪ پلڪ ۾ پسڻ، سڄڻ ڪامل جي خبر ڪوري ڪي. پچڻ جي پچار يڪتار، عاشقن ڪي، ٻاهر نه ٻاڦن. رنگ وجود تي چاڙهن. نام جي لام لڳ رهندا ٿا هلن. پنڌ ڪندي ڪندي سندن هينئون اهڙو ته حليم ٿيو پوي جو ٿورڙو ئي ذڪڙو ٻين جو ڪين پنهنجو ٿي پيو پاسي.

جڏهين تہ، اُتان اُسُ اُڪيڙي، ڪاري لڪي ۾ رات رهي، گبر جو لڏ لنگهي، سوڙهہ ۾ هملپڪ جبلن جي وچ ۾ اچي آسن اڏي ويٺا تڏهين اتي سندن ڪن تي پرسان واري ڇپَن جي ڳوٺ مان رڻ جو پڙلاءُ پيو. يڪدم پڇايائون تہ "هيءُ روچ ۾ راڙو ڇا لاءِ آهي؟" اُن وقت نبي بخش فقير اڳتي وڌي ڏٺو، تہ چار آدمي ساندارا ڪٺي اُگهاڙين ترارين سان حب نديءَ تان پاڻي پرڻ پيا اچن. هن ڪانئن دريافت ڪئي تہ "هي وڻ ڇا جو آهي؟" تڏهين انهن ڪيس خبر ڪئي تہ هڪڙي مست اُٺ ماڻهو ماري وڌو آهي، جنهنڪري سندس مائٽ روئي رهيا آهن. هنن ڪيس چيو "اوهان بہ سيئي فقيرن سميت هلي شهر ۾ رهو." اهو احوال هن اچي فقير صاحب سان ڪيو. پاڻ چوڻ لڳا "ابا، اُٺ بہ الله جو، اسين بہ الله جا. پڇي ڪيڏي ملنداسون. جيڪا نام جي مرضي" فقير صاحبن اجان اهي اکر چيا مس، تہ ڳوٺ مان ماڻهو ڊوڙندا وٽن آيا ۽ اچي کين خبر ڪيائون تہ اُٺ پيا بہ ٻہ ماڻهو ڳوٺ جا قتي ويو آهي، تنهنڪري چڱو ائين ٿيندو جي هو بہ ڳوٺ ۾ لهي هلي ميڪاندا ٿين. فقير صاحبن وري بہ ساڳيو جواب کين ڏنو "جيڪا الله جي مرضي."

محبتي مستان، تيئڙا سهج سروپ ۾؛
ٻنا سڪ سڄڻ جي، ٻي سڌ رکن ڪانہ؛
ارپيائون عجيب کي، تن من ڌن، پت پران
سدا رهن علطان، سامي سپرين سان.
محبتيءَ ملڪ، جيتيو سي جڳت سان
دنيت ڪيا؛ دل مون، رکي سم صدق
اندر ٻاهر هڪ، سامي ڏسي سپرين.
جن پنهنجو پاڻ الله کي ارپيو آهي ۽ جن کي محبت

جي اڪ اُن ڪان ملي آهي، تن ڪي تہ "چيٽي" ۾ ڪنچر ۾ سڀ پڳوان ٿو پاسي." اها اڪ ڪيئن اُن ڪان ٿئي پاسي ؟ اهڙا عاشق حڪم اندر ٿا هلن. سمجهن ٿا "حڪمي اندر سيڪو، پاهر حڪم نہ ڪو - نانڪ حڪمي جي بجهي تہ هومي' ڪهي م ڪو" عاشق تہ حڪم جي ليکي ڪان پاهر نڪرڻ جي ڪندا ئي ڪين. پر جي ڪڏهين ڪين عقل گمراهي ۾ آڻڻ جي ڪندو بہ تہ ڪاميابي ڪيس ملندي ڪين. اهي تہ ائين الائيندا رهيا.

"تيڏي راج قران البيلي وتان پانهن لڏائي،

روحل راز خصمدا جنهنتي جڳ سهاڳڻ سائي."

عام طرح سهاڳڻ سا ئي ليکجڻ ۾ ايندي آهي جا پتار جي پاڻي ۾ پنل رهندي آهي، جا پاڻ خاوند جي خوشي ۾ خوش رهندي، تنهنڪي خوش رکڻ جي خاوند ڇو ڪين ڪندو ؟ آدمين فقير صاحب کي گهڻو ئي ڪي ليلايو ، پر فقير صاحب بہ هڪ تي ٿي بيٺا. سندن نگاهہ ۾ حقارت ۽ عيرت بنهہ ڪين هئي ، پوءِ سندن ڪيهہ بہ ميري ڪيئن ٿئي ؟

(جڏهين جيو وشو درشي ٿا ٿين تہ هو ائين سمجهندا آهن تہ سڀت "هو" آهي. جيئن هندو ويدانتي چوندا آهن تہ ساڀيو ساکي مون ۾، ساڀيو ئي وسي ٿو سڀ ۾. سوامي رام تيرٿ جڏهين جهنگ ۾ رهندا هوا تہ هڪڙو چيتو هر روز سندن پير ۾ وهندڙ نهر مان پاڻ پي هليو ويندو هو. ڪنهن وقت سوامي جن ڪان ڳالهين ڪندي سوال ڪيو ويو "سائين، اسان جو تہ چيتي کي ڏسي ساهہ سڪيو وڃي. اوهان تہ مست وينا رهو ، ايهو ڪيئن ؟" مشڪندي سوامي جن جواب ڏنو "چيتي ۾ بہ تہ چيتن سروپ مان ئي آهيان، پوءِ مان، مان کي ڪيئن نقصان رسائيندو." رواجي انسان جيڪڏهين صرف

وکياني نگاھہ کان ڏسن تہ کين خبر پوي تہ جهڙيءَ طرح جيو خيال ٿو ڪري اهڙي ئي قسم جون لهرون خيالي دنيا ۾ پيدا ٿو ڪري. جي انهن جيون کي ٿيون وجي لڳن جن لا* منجهن خيال آهي; مطلب تہ جي پريم جو خيال ڪنهن جيو يا جانور لا* ڪبو تہ ان کي اهو وجي قابو جهليندو. سوکيم سنسار جي کوجنا ڪندي سائنس وارن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ خيال وڏي وٿ آهي. خيال ئي سمورو کيل بنايو ۽ هلايو آهي. وگيان اهو ڪي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي جيڪي عامن جي عقل کان باهر هوندو هو ۽ جنهنکي هو ڪرامت ڪري سمجهندا هوا.)

فقير صاحبن جي خيال جي ڪمائي ٿوري ڪانہ هئي. ڪا شٽائون ڪاٿي ڪري بہ تہ جيو جو خيال تيز تکو ۽ نوڪدار ٿيو پوي. وري جو اُن جي وهڪ وحدت ڏانهن ورايل هجي تہ پو* چو ڪين اُن ۾ ڪلامي قوت ۽ ڪمالي رتوبت پيدا ٿيندي. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙي رات فقيرن ٻچي ڏانهون ڪيون "سائين اُٺ ٿو اچي" تڏهين پاڻ فرمايائون "ابا اوهين ماٺ ڪري ويهي رهو" اُٺ بہ گوڙيون ڪندو اچي ويهن قدمن تي گوڏا کوڙي ويهي رهيو ۽ پهر ڪن ويهي هليو ويو. سڀ فقير اِن بعد سمهي رهيا. آڌي رات مس ٿي هئي تہ نبي بخش فقير کي جاڳ ٿي; جان ڪٿي ڏسي تہ مار ! فقير صاحبن جي مٿان اُٺ بيٺو آهي. ٻپ وڃان وري بہ ڏانهون ڪرڻ لڳو. فقير صاحب اُن وقت مراقبي ۾ هوا. تن "هون هون" جو آواز ڪيو تہ اُٺ پنهنجو رستو وٺي ويندو رهيو. اُتان صبح جو ڪوچ ڪري وري لاهوت لا مڪان ڏانهن وڌيا. رات رهي، وري شاھہ بلاول جي درگاھہ تي آيا. جتان ٿي شاھہ جي ڪٽ وٽ رهي، سيني فقيرن سميت ڳوٺ آيا. مگر جنهن جبل جهاڳي ڏنا، تنهن کي شهرن ۾ آرام خير ٿو اچي. پهاڙن جي پريت تن، پنهون جي پچائن.

"ٻڌي ويٺا روئن، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾
ڪلهنڪي ڪين ڇون منجهن جو پريتڙو"

هن موقعي تي فقير ڪوبه سندن ساٿي ڪونه هو. توتر جبل ۾ قاسمائي ڪوٽڙي[؛] ۾ ڪجهه وقت رهي، وڏي قاسمائي ٽوڙي تي اچي ديرو ڪيائون.

(صوفي، سج، سماع ۽ سونهن جا طالب آهن. سندن سينو انهن ڳنهي جي اثر هيٺ اٿل ڪايو پوي. سچو پوڄاري سونهن جو، سلوڪ ۽ سازي پيو پسند ڪندو. اهو ساز گهٽو ڪين ساز ۽ آواز مان ٿو ملي. سج ۾ ته پت ۽ چت ليپٽي ڪين. اٺ ته سازي صاحب جي اٺملي آهي. پهاڙن جي پريت پنهنجي پختائي پانڌيڙو[؛] ڪي بخشي ڪيس دم ۾ آواز اندر جو ٻڌڻ تي سيکاري. اهو آواز ٻڌندي ٻڌندي سرت سنائي ۾ سڻ ٿيو وڃي، جت ماٺ مان آواز پيا اچن. اهي ٻڌن صرف سيئي ٿا جي ڇپ جي چاڙهي[؛] چڙهيا آهن. "ڇپ ڇپاتي ڇپ - ڇپ ۾ پاڻ يار ڇپ" مگر انهي[؛] ڇپ جي ڇهه ڇهه، چاندني چمڪي ٿي ڇڻي. پو[؛] ته اچي ٿي ٿٺي اٿل آواز جي ۽ پلٽ اندروني راز جي. ڪوشش اها ڪندا آهن ته راز سماع جي آواز ۾ ڳم ٿي وڃي؛ پر جي پاڻکي پرين پاسي سوراٿو هوندو اٿن ۽ آواز ۽ آلاپ کي واهڻ بنائي پار انهي[؛] ٿي پلائيندا آهن. ٻڌڻ وارن کي جي ٻڌڻ جو شوق هوندو آهي، ته ٻڌائڻ وارن کي ٻڌائڻ جو ذوق ڪو گهٽ نه هوندو آهي. "اندر جني آچ پاڻي اچئو انڪي" اهڙي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي آهي جا پنهنجي[؛] رمز سان ٿي ميل ملائي.)

ننڍڙو نينگر مراد مير جت ٻڪريون چاريندو هو. مٿي جبل تي چڪرين مان پاڻي پيئڻ ويندو هو. ڳائيندڙ جڏهين پاڻ اڪيلا هوندا آهن ته آواز ڪرڻ کان رهندا ني ڪين آهن. هي[؛]

ٻہ ايندي ويندي پيو تار تنواريندو هو. فقير صاحب جن جي ڪن تي پرلاءُ سندس آواز جو پيو مس تہ هن کين سڏي چيو "ابا هيڏانهن اچ" جڏهين سندن سامهون ٿيو تہ کيس چيائون "ڪافيون ڄاڻندو آهين؟"

نينگر- "سائين هائو."

فقير- "تڏهين تہ ويهي وندر ڪر."

نينگر- "سائينجن جو حڪم اول، پر منهنجون ٻڪريون تہ ٻگهڙ کائي ويندا. ٻہ چار دفعا اڳي ٻہ ائين ٿيو آهي."

فقير- "ابا ڪلام تي ڪلام چوندو رهہ، پوءِ نام جي حڪم سان نالو سندن ڪير وٺندو ئي ڪين."

ڇوڪر- "چڱو سائين، جيئن فرمايو." اهي اکر چئي هن ٻہ چارڻ وارو چنگ ڪڍي چوريو ۽ ويهي ورونهن ۾ وندر جو واءُ سوريو. (شوق ۾ جڏهين جيو ٿو پرجي اچي تہ ڪانئس سمو، سبب ۽ سٿول سرشتيءَ جي سمڪ ئي سميٽجيو وڃي.) ڪاهيندو هليو خبر ئي نہ پيس تہ سمو ڪيترو سٽر ڪري ويو آهي. سج لهي سانجهي ٿي، پکين ٻہ تيڙيا پر، تڏهين ڇوڪر ٻہ موڙيا ڪر. ڏسي تہ هڪ ٻہ ٻڪري نہ نهي، سندس ساهہ ئي سڪي ويو. سٽون وجهندو اچي واڙ پر ٿيو. ڏسي تہ مڙيئي مڙي سڙي اچي اُت سهڙيون آهن. سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي.

(عام رواجي انسان انهيءَ حيرت انگيز حفاظت جي ڪم کي ڪرامات ڪوٺيندا آهن، پر فقير چوندا آهن تہ سائين تو ننگ ڪٺي نہ تہ وس ۾ وٺ ويچاري انسان جو ڪيترو؟ بيشڪ انسان جي سگهہ ٿوري آهي، پر جڏهين نہ هو جسم جي حدن مان نڪري ٿو دم تي سواري ڪري، تڏهين هو آڪاس ۽ پرٿويءَ جو سير ٿو ڪري. سگهہ آهر سار سنڀال سهنجائيءَ

سان ٿو لهي سگهي، عقل انهن حرفن جي معني پنهنجي ٿو ڪڍي. پانڌيڙو ئي لڪ ته اهي اشارا عجيبن جا آهن. سچ ته شاهاڻي شاهه به چيو آهي :-

"ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سندي ذات جي،
ڏورڻ، ڳهنو ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عجب عبادت، پهه پروڙڻ انجو."

چوڪر به روز ٻڪريون جبل تي ڦٽي ڪري سندن اڳيان اچي ڪلام چوندو هو. سج لٿي اچي ڳهر ڏسندو هو ته ٻڪريون سڀ سلامت بيٺيون آهن. ٿورن ڏينهن بعد اتان به سير تي نڪتا. ڳهمندي ڦرندي ٺاٺي احمدخان شر جي پرسان هڪ کوهي تي اچي پهتا. اڃ لڳي هئن، سو کوهي ۾ لهي پياس ٿي ٻجهايائون. ڳوٺ جون زالون به اتان پاڻي ڀرينديون هيون، اهي پاڻسان دلا ڪٽي اٿ آيون. ڏسن ته کوهي ۾ ماڻهو ويٺو آهي. پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳيون ۽ چوڻ لڳيون ته چريو ڪو هيٺ لهي پيو آهي. زال ذات ڪي ڊيڄو ته آهي. دلا لاهڻ واجب نه سمجهي، وڪ وڌائي، اچي پنهنجن ولهن ير ٿيون ۽ ڪين چوڻ لڳيون ته کوهه تان پاڻي ڀرڻ اڄ اسان کان مشڪل ٿي سگهندو، جو هڪ ديوانو، جنهن جي لڱين ليڙ نه آهي ۽ چيلهه تي هڪ ڪٽي ٺڪري اٿس، کوهي ۾ ويٺو آهي. لوڪان کهڙي لکه ته لعل لٿو آهي لعل ۾. لکي لوڪ انهي کي چريو چونه چوندو. عام جي اکه اهڙي نظارا پسي سگهندي جي عام رواجي هوندا.

(حيرت ۽ حسن جون حقيقتون اتي آڪيرو ٺاهينديون جت لوڇ ۽ تڙڦ سندن لڱ هوندي. دنيا جي ڇيڙ ۽ ڪيڙ کان ڇٽڻ جو سولو رستو فقيرن اهو ئي چيو آهي. چريو ٿيڻ ڪانسواءِ ڪو چاڙهو ڪونهي) فقير ته هن حالت ۾ پاڻ اهڙو رستو اختيار

POST

ڪونہ ٿو ڪيو ڏسجي. زالن جي ڳالهہ ڇڏي جوش ۾ هندو مسلمان لنيون ڪٽي ڪوهيءَ تي آيا. فقير صاحب کي ڪوهيءَ اندر ماٽ ۾ ويٺل ڏٺائون. ڪين ٻاهر ڪڍي ڳوٺ ۾ آندائون. عام ماڻهن جي دل ۾ ڪو خاص واس ڪونهي، جو ڪين خاصي جي خاصيت جي خبر پوي. رواجي، حالو چالوءَ جي سمجهہ سائي ۽ سنائي مشڪل ٿي ٿئي، تن پاڻ ۾ پهہ ٿي پچايا. فقير صاحب بہ صبر ڪيون ويٺا رهيا. ايتري چپ ۽ صبوري ڏسي هڪڙي واڻئي پائي چندنمل جي دل پڄي پيئي. هن فقير صاحب کي آڻي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ رهايو. رات جو اوچتو ئي اوچتو ڪين سجاڳي ٿي. ڏسي تہ سوجهرو لڳو پيو آهي. اعتبار ڪيس اچيئي ڪين پيو. سمجهيائين تہ شايد سپنو ڏسي رهيو آهيان. حقيقت حال جي معلوم ڪرڻ لاءِ آزمائش ڪرڻ لڳو. اکيون مهٽي مهٽي چوگرد ور ور ڪري واجهائڻ لڳو. سمجهيائين ٿي تہ شايد ڪوٺيءَ ۾ ڏيئو ٻري رهيو آهي. جان ڪٽي چائنٺ چڙهي اندر ٿئي تہ نڪو ڪيس ڏيئو ئي ڏسڻ ۾ اچي ۽ نہ سوجهرو ئي سامهون ٿيس. ٻاهر نڪري اچي تہ وري بہ سوجهرو. آخر جڏهين گهڻا ئي دفعا اندر ٻاهر اچڻ ڪري ڪيس ساڳيو نظارو نظر آيو، تڏهين پڪ ٿيس تہ سوجهرو مڙد موليٰ مان ٿو لاٿون ڪري نڪري.

(رواجي طرح تہ ماڻهو چوندا آهن تہ منهنجي گهر جو ڏيئو آهي منهنجو پٽ. ماٽر بہ پيار وچان کي جو ڪي چونديون آهن. مگر چندن مل کي جوت جي جهلڪ نظر آئي، تنهن ۾ ڪا نظر ڪوتاهي تہ ڪانہ هئي. نڪو ڪو روشنيءَ جي قاعدن پٽاندڙ ارتِ اُياس (Optical illusion) هو. جڏهين جيو امر جوت جي چنتن ۾ پاڻ سميٽي ٿو ڇڏي تہ اها جوت ئي جهلڪا ڏيئي جهان کي جهٽ هٽي قابو ٿي ڪري. وڳيان وارن،

خيالن جون تصويرون چٽينديءَ ڏيکاريو آهي ته روشني پيلي جهلڪ جي ٿي ٿئي، آدمي ائين ٿي اوندهه ۾ انکي ڏيئي جي روشني ڪري ٿو سمجهي.) چندن مل تڏهين فقير صاحب کي سجدو ڪري ڪانئن دعا گهري. ڪيس پٽ ڪونه هو، سندن قول الله وٽ اگهاڻو ۽ ڪيس سندن چوڻ موجب پنج پٽ ٿيا. انهن جا نالا به فقير جن ڪيس ٻڌايا.

مجازي مچ

(چوندا آهن ته اهو وڻ ٿي ڪونهي جنهنکي واءُ لوڏيو نه هجي، اها اک ئي ڪانهي جنهن ۾ ڪنهن جي راهه نه هجي؛ اها دل ئي ڪانهي جنهن ۾ ڪنهن جي چاهه نه هجي. جنهن وقت پانڌيڙوءُ کي پنڌ ۾ پڙاڏو پاهوهه سندو ڪن تو پئي، يا پاڇو روپ ٻي روپ جو اُتس ٿو لهي ته هو اُچانگ ماري، چال نرالي، تپال والي مان نيڻگ ماريندو ٿو هلي. اُن کي پنڌ جو تڪ ۽ لڪ لڪه ۾ اچيئي ڪين ٿو.

ڪن ويئي ورهه واءُ ٿيا - ڪن ساعت پانيان سال
اهڙا منهنجا حال - ڪلا قرب جي مون ڪيا.

اڄوڪي وقت ۾ وگيان جو ماهر **پروفيسر آينسٽين** پنهنجو سڏانت سمجهائيندي چوي ٿو ته جڏهين ڪنهن پرين پياري سان ڳالهين ۾ ويهبو آهي ته سمڪ ئي ڪانه پوندي آهي ته وقت ڪيڏو نه وري ويو آهي. پر جي نه ڪو پيو اچي نڪرندو ته ور ور ڪري واچ ۾ وجهه ملندي اکيون پيون وجهبيون آهن. اهڙي لنگهه مان لنگهن مڙيئي مڙس ٿا. انهيءَ گس ۾ وس نه وڃئي پنهنجي - پروس پيس پراڻ. چت تي چاهه ڪاهه ڪري - پر مان پيرويري ڪم ڪري - توڙي لوڪ

POST

لڙي تہ بہ لڳي هلي لڙ لاهوتن جي. ڪن جي جيوت ۾ جوت انهيءَ جاڙ مان ٿي جاڳي، ڪن کي حقيقت جو حساب هٿ هنمان تو اچي، مگر ڪن کي صرف ليئي وانگر لڪہ وجهي، الي کي آڳہ بنائي پنڌ ۾ چست ڪري ٿو هلائي.)

چندن مل ڪان موڪلائي حيدرآباد لاءِ روانا ٿيا. منزلون هنندا اچي بادن جي ڳوٺ ۾ پهتا. درياهہ جو ڪپ، پڳت ۽ ناچو، آواز سريلو، سرندو ۽ ڏڪڙ اميل ملائيندا وينلن کي جهولائيندا ٿي رهيا.

"نہ مون ستڌ، نہ ساءُ اچي عشق اتاريم اوچتو"

پڳت ويٺي پڳت وڏي. گل کي کهڙي ڪل تہ بلبل ٿي سندس برهہ ۾ بوندون برسائي. آواز رسيلو، ساز سندس وسيلو، چوڻ وارو ڇبيلو، پوءِ ڇو ڪين ڇوهہ مان ڇاتيون ڇڪي منجهن اوطاقون ڪري ويهي. ڇينو بہ تڪ ڏيندو، ڦرندو ڦرندو جڏهين سندن اوڏو اچي لنگهيو تہ فقير صاحب ائين وسهڻ لڳا:

"اڪڙين آڙو، مونهان پڇي نہ ڪير
اتي وڃي اڙيون جت چوڻ نہ چارو،
هينئر ويچارو واٽون جهليو وجهلي."

سندن دل بہ اٽل ڪاڏي ۽ هيءَ ڪلام ڇيائون "هندو زوراور زوري ڪيون لوٽي هي دل موري" اهي اکر سندن واتان نڪتا تہ ڇيٺي جي بدن کي باهہ وچڙي ويٺي ۽ هن پنهنجا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا.

سرڪش عشق جي آتش آسڻ، آتش اوڇڻ
آتش سر پيرين هٿ وات؛
آتش اندر، آتش ٻاهر،
ڇيبون برهہ لايون پاتون پات.

باهه باهه ڪندو فقير صاحب جي پنيان لڳو. انهيءَ ڪري سڄي خلق ۾ شور مچي ويو. عامن فقير کي سڃاتو ڪين. سڃاڻڻ جي سگهه جنين صاحب ڏني، اکه انهن تئي. ڏسڻ نه ته گهڻو ڏکيو. انهيءَ هنگامي ۾ هڪڙو هندو گيانومل، جو راڄڙن جي ڳوٺ جو وينٺل هو، تنهن خلق کي گوڙ ڪرڻ کان روڪيو. جيئني فقير صاحب جي پٺ بلڪل نه ڇڏي. ڪيس پنهنجي پويان ايندو ڏسي اُتس ڪٿي هٽ رکيائون. ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيس تاڪيد ڪيائون ۽ اُتس **ابيچند** جو نالو رکيائون. گدوبندر ۾ منگهومل وٽ ڪيس ڇڏي پاڻ پنهنجي والد مرشد وٽ آيا.

اها مجازي چيٽڪ پنهنجو چمڪو ڏيکاري ڪنوڻ وانگيان اونداهين راهه سنواري غائب غئب ۾ ٿي ويئي ۽ وري سندن سموريءَ جيوت ۾ منهن نه ڪڍيائين. رس رهاڻ ٿي هلي - سنگت مان هڪڙي شخص ڪانئن پڇيو "قبلا، اوهان تي به مجاز وار ڪئي؟" جواب ۾ فرمايائون "ابا، مرشد سائينءَ ساري حياتي بندي کي حقيقي عشق ۾ رکيو. رڳو اهائي هڪڙي گهڙي هئي، جنهن ۾ مجازي عشق بندي ۾ واس ڪيو، سو به ڦري حقيقي ٿيو." سچ چيو اٿن :-

"جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان، جان سو نه پسن
تان تان سنياسين ورهه وهامي راتڙي"

سندس ساٿي ڳالهه ٿا ڪن ته جبل جهاڳيندي ڪنهن فقير کين چيو ته هيءَ ڪئي جي ڪنن جهڙي جتي پاتي اٿو سا ته موڙهي جبل ۾ ئي ڦاٽي پوندي. انهيءَ تي جتي لاهي ڦٽي ڪيائون. وري جبلن ۾ جتي بنهه ڪين پاتائون. سندن پيرن مان هميشهه رت پيو ڳڙندو هو. جبلن ۾ گهمندي ڦرندي پاڻ کي هن ريت هدايت ڪندا رهيا.

راڳ کوھیاري

ٿل - جبل جھاڳيندو وت اٿا - من ھاروچي کي ڀاڄھ پوي
آڏا ڏونگر لڪيون - سائين ڏيندو ست اٿا
وندر جي ٻ وٽن ۾ - پاڻ رکندو پت اٿا
چرخو پيچي ڪر ڪکريون - ڪانڌ بنا نا ڪت اٿا
قطب پير پنھون جو - نٿي نھارج نت اٿا

پارس

"پرين جن پنهنجو ڪيو ، پارس پٿر سي پاڻئن" بينگال جو ناميارو درويش سوامي رامڪرشن چوندو هو تہ ڪامني ۽ ڪنچن ڪان جن پاڻ پري رکيو ، سي سائينءَ کي سگهي اوڏو تي سگهندا."

اهڙا مثال سنڌ جي فقيرن ۾ تي گذريا آهن. سائين پاروشاهہ، محمد حسن سائين ڪنڊڙيءَ وارو ، ٻئي انهيءَ عقيدي تي قابو هئا. بيڪس تہ ساري زندگي انهن ٻنهي کان پاڻ پري رکي درد جون دونهيون دکايون. انگريزي شاعر گولڊ سمٿ پنهنجي هڪڙي نظم ۾ چيو آهي تہ دنيا جت هوندي اُت انسان ڪنو ٿيندو. دنيا عيش عشرت جو واهڻ آهي، عيش عشرت ۾ حرص هواس وڌندو. من جا لاڙا اُبتيون راهون ۽ واهون پيا وٺندا. انهيءَ ڪري مسڪينيءَ ۾ گذارڻ لازمي ڪيو اٿن. صرف ايترو نہ پر جڏهين بہ اهڙي سوغات يا نذرانو سندن اڳيان اچي تہ اُنهيءَ کي پنهنجي پنڌ ۾ رڪاوٽ وجهندڙ سمجهي پاڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. مير علي مراد هڪڙي وقت روهڙيءَ جي بيدل فقير اڳيان جاگير جي جڏهن سَنَت رکي تہ فقير صاحب کين چيو "ملڪہ موليٰ تنگہ نيست ، پائي فقير لنگہ نيست" (اسان جاگيرون ڇا ڪنداسين ؟)

انسان هٿان آيل عنايت واپس ڪري ٿي سگهجي، مگر قدرتي هٿ آيل چيز ڪي ڇا سمجهجي؟ اُن جو جواب فقير صاحب جن جي هلت مان هدايت بخشي رستو سڌو ۽ صاف ٿو ڏيکاري.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ڪنهن وقت فقير صاحب جبل تي ويٺا هوا ۽ ڪنهن ٻر مٿان ويٺي منهن ڌوتائون. اوچتو ئي اوچتو ٻر مان وڇون نڪري آيو. فقيرن مان هڪڙي وڇونءَ مٿان لوٽو ڪٽي رکيو. وڇون تہ ڦسي پيو. اُنجي پيٽ مان پٿر نڪري آيو، جو ڏسڻ ۾ ڏاڍو سهڻو هو. فقير پٿر ڌوئي فقير صاحبن کي ڏنو. پاڻ ورائي ابيچند کي ڏنائون ۽ کيس چيائون "ابا هيءُ وٺو، پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. ڏاڍو سهڻو ٿو نظر اچي." ابيچند فقير صاحبن کان پٿر وٺي کيسي ۾ ڪٽي وڌو. هنجي کيسي ۾ ٻہ پايون پيل هيون، جي پٿر جي سنگ ۾ رنگ حاصل ڪري لعل ٿي پيئون. جڏهين هن پايون ڪڍيون تہ ڏسي سندن رنگ ئي اور! حيرت ۾ حيران ٿي پيو. رهيو نہ ٿيس. فقير صاحبن کي پايون ڏيکاري چيائين، "سائين ڏسو صاحب جا رنگ. پٿر جي صحبت ۾ ٽامو بہ ملهائتو ٿي پيو آهي." فقير صاحب ۽ ٻين کي پڪ ٿي، تہ لاشڪ اهو پٿر پارس آهي. ابيچند کي تاڪيد ڪيائون، "ابا، اهو پارس پاڻوٽ سوگهو ڪري رکجو."

جڏهين ڪجهہ مدت ڪانپوءِ تنڊي جهانيہ (پنهنجي ڳوٺ ٿي موٽيا تڏهين دل ۾ خيال ڪيائون تہ هي پارس پٿر اسان ڏي مرشد آزمائش لاءِ موڪليو آهي. اتي هيءُ بيت پاڪي پڙهائي من کي هدايت ڪيائون :-

دين دنيا ڪيءِ آيد بدست - اين فضولي مڪن
اي خود پرست.

مٿين بيت جو مطلب آهي تہ دين دنيا ٻئي گڏرا هڪ هٿ ۾

ڪيئن اچي سگهندا. اي خود پرست ايها بيوقوفي نہ ڪر. شاهہ صاحب ليلان چنيسر جي ڳالهہ ڪندي ليلان جي واتان ڇا عجيب واٽي ٿو وهائي :

ليلان ٿي چوي "مٽي مٽي جي هوا، تن چٽن ڦيريم چٽ" ۽ جڏهين چنيسر چٽ تان نئي ڪيرائي ڇڏيس جو ڏٺائين تہ سندس پٽ راڻي ڪيس مٽي ڇڏيو. پوءِ چوڻ لڳي :-

مٽي منيس جيڏيون، هائي وڌيس هار
دوستنيون دور ڪيس هن ڪوڙي اوڳٽهار
آهيان عيب دار سڪان ٿي سهاڳہ کي

فقير صاحب بہ چوڻ لڳا تہ "جي اسان وٽ دنيا ڪنئي ٿي تہ نام پلجي ويندو." (گروجن بہ فرمايو آهي "مائي مٺن ني رام رتن - ڌن پايو.") جن رام رتن ڌن پاتو آهي تن ئي سچ سچاتو آهي. ڪچ وقت تہ جيو ڏيکہ ويکہ - سون رپي جي جهلڪ فلڪ تي ريبجي ٿو وڃي ۽ انجي پويان پنهنجو مٿو ٿو پڃجي ، پر جڏهن نہ ڪيس انهيءَ مايا جي ڇل ۏل جي پروڙ ٿي پوي تہ هو ان ڪان پري پڃڻ جي ٿو ڪري. هوءَ بہ ويرن کي ٿي وري. ڪنهن ڪان ڪين ٿي ٽري.

"وڏا سپ ونگي، مايا جيءَ ممت سان ;
ڏاڍي ڏائڻ ڏندري، ڪنهن ڪون ڪين سنگي ;
ڪو نيهي ويس نڪري، اٽڪل ساڻ اڳي ;
ٽيڻي لوڪ لنگهي، سامي وينو سم ٿي."

"وڏا سپ ڪيري، مايا جيءَ محل مون ;
ڇڏيائين ڇل ۏل سان حرص منجهہ هيري ;
وينا منهن ڦيري، سامي ڇني سروپ ڪون."

اهي ويچار ويچاريندا ٿي آيا. ٻيڙي وچ سير ۾ اچي پهتي. هنن ٻه ابيچند کي چيو "اهو پٿر ته اسانکي ڏيکارجو." پٿر هٿ ملين مس ته ڪٺي درياهه داخل ڪيائون. فقيرن وٺي هاءِ گهوڙا ، هاءِ گهوڙا ، ڪئي ته اهو پارس پٿر اوهان اُڇلائي ڇڏيو ، جنهن مان هوند اسين ڏن وارا ٿي پئون ها. تنهن تي سيني کي سمجهائڻ لڳا ته "اهو ڪوڙو ڏن آهي جو ساڻ نه هلندو ۽ نام روپي ڏن ڪٺو ڪيو جو اوهان سان ساڻ هلندو."

جڏهين پنهنجن پکن ۾ پير رکيائون ته فقراهه اُت سندن والد وٽ دانهين ٿي آئي. چي، "فقير صاحب پارس پٿر اُڇلائي اجايو نقصان ڪيو آهي." تنهن تي سندن پيءُ کين گهرائي ڪانئن حال احوال وٺڻ لڳا. جڏهين پٿر جي ڳالهه هلي ته چوڻ لڳا ، "سائين جي سچ ڇڏي ڪچ آئيان ها ته اوهين ڏمرجو ها ، جي ڪچ ڇڏي سچ جو سودو ڪيو اٿم ته فقير ٿا ڏمرجن. هنن جو ڏمر جهلڻ سولو آهي، مگر اوهانجو امر اورانگهڻ ته ڏکيو ٿي پوي ها." اهي اکر ٻڌي سندن والد نهايت خوش ٿيا ۽ کين چيائون "تون لعل ٿيندين ۽ تومان گهٽيئي رکيا."

وطن ۾ وڻڪار وٺي کين ورين جي سڄ کي. گهڻو وقت گهر گهارڻ کين ڏکيو لڳو. وري وريا لاهوت جبل ڏانهن. سنڌ جي فقيرن ۾ خاص ڪري شاهه عبداللطيف اُت گهڻو وقت ڪاٽيو. فقير صاحب ٻه چاليهه ورهيه ته اُت گهاريا. پڇاڙيءَ جو وقت چاليهن ۾ گذاريائون.

(عام طرح اسلام ۾ روزن جو مهينو رمضان جو ڪري رکيو اٿن. حضرت محمد صاحب جڏهين جبل تي وڃي وهندا هئا ته

شام جي وقت بيبي خديجہ کين ڪارڪ ڏيندي هئي، جا ڪائي هو روزو ڇوڙي وري عبادت ۾ وجي وهندا هئا. فقيرن پنهنجي پرينءَ جي صدقي پاڻ تي ڏهاڪا چاليها لازمي ڪيا آهن. زوريءَ ڪم هموار ڪرڻ کان انسان پيو نٽائي ۽ ڪيٻائي، مگر منڙي مالڪ جي صدقي ڏونگر ڏورڻ، ڏک سهڻ ۽ سکن جي سامگريءَ کان سهنجا ٿيو پون. روزن رکڻ ڪري هن خاڪي پتلي جو بار هلڪو ٿيو پوي. خيال جو هوند ڪڏهين هيڏانهن، ڪڏهين هوڏانهن ڦرندو ۽ پٽڪندو ٿو رهي، اهو پنهنجي لاءِ اکيرو اُن الاهي جوت ۾ ٿو لهي، جن جلوهہ مڙيئي جهڪا ٿيو ٿا پون. جڏهين جيو جو چت هڪ طرف کان ڦريو ۽ ٻئي پاسي وريو ۽ اُت ڪنهن اُکير جي انگوريءَ ۾ اڙيو، تڏهين اُتان اُکيڙڻ اُن ڪي اهنجو ٿي پوندو.

لاهوت تي رهندي فقير صاحبن جي ڪاڏ قدرتي هوندي هئي، پهاڙن تي مگي ڦل ٿيندو آهي، جو ڪائي وقت گذاريندا هئا. مگر جڏهين ساڏن جو سمو سنجم سان سمپورڻ ٿيندو هو تہ پهاڙ تان لهي هيٺ هنگلاج ديويءَ جي آستان تي اچي رهندا هوا. جوڳي، جي اُت رهندا هوا، تن ۾ رواج هوندو هو تہ نئين فقير جي آزمائش وٺي پوءِ کيس پنهنجيءَ سنگت سارو ڪندا هوا. ڇون ٿا تہ اُنوقت منجهن رواج اهو هو تہ ساڌو، سنياسي، فقير يا درويش، جو بہ وٽن ايندو هو ۽ آسڻ لڳائڻ جو ارادو ڏيکاريندو هو، اُنکي ناريل هٿ ۾ ڏيئي کيس چوندا هئا "هاڻ اهو تلاو ۾ اُڇلاءِ." جيڪڏهين ناريل پاڻيءَ ۾ ترندو هو تہ کين پڪ پئجي ويندي هئي تہ فقير ڪو محنت جو مالڪ آهي. پر جي لڙهي ويو تہ وسهڻ ۾ ائين ايندو هون تہ فقير صرف ڪن - ڪٽ يا بيکہ ڌاري آهي. فقير صاحب بہ انهيءَ لنگهہ مان لنگهيا. جوڳين بہ تڏهين کين پنهنجي سنگت جو ساٿي ڪٿي بنايو.

خذمت ۽ چاڪري

[رياضت تہ فقير جو ڏاج آهي، ڏنو ويو آهي تہ فقير گھڻو ڪري خذمت ۽ چاڪريءَ جي ڪمن ۾ آپو وڃائڻ ۽ خودي گنوائڻ ۾ پنهنجو سمو سجايو ڪندا آهن. روهڙيءَ جو مست فقير سائين پاروشاهہ اوائلي اوستا ۾ درياهہ جي ڪنيءَ تي عامن جي سهنج لاءِ پاڻيءَ جا مٽ پري رکندو هو. ڀائي وسڻ رام ساڳي ريت انڌن ۽ منڊن جي شيوا ۽ خذمت ڪندو هو. سکہ گرن، سنگت جي سيوا گرو سيوا کان اعليٰ ڪري رکي آهي. صوفين بہ اهو نهاريو آهي تہ خوديءَ کي نيچو نوائڻ لاءِ جيئو ڪي ڀاري پاڻ، برتن صاف ڪرڻ ۽ ٻيا ڪنين اهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن، جنهن ۾ جيو جو اهم ٻاٽ يعني ايمان يا غرور مان نڪري نياز جي دائري ۾ داخل ٿئي. جنيد فقير ڪي ڀريائين جوٽ ڪٽڻ، برتن صاف ڪرڻ، ٻهاري پائڻ ۽ رڌڻ پچائڻ جو ڪم ڏنو ويو هو. سنت فرنسس جي ٽولي ۾ جيڪو بہ داخل ٿيندو هو، تنهنکي رڌڻي جي اٽي وڃڻي، ٻهاري ۽ برتن ڌوئڻ جو ڪم ڏنو ويندو هو. پانڊيڙو جي پاٺمرادو رياضت ۾ ٽا منهن وجهن، تن ڪي

آسيسون بہ اللهہ لوڪن جون اوس ڪنئيون آهن. ڪي ڪم، ڪي ڪرم (مهرباني) اهي ھئي جڏهين ٻيلهہ ٿيون ٿين، تڏهين پانڌيڙوءَ ڪي پروازي پرَ ٿيون ڏين. بيڪار ويهي وقت گھارڻ، ٻين جي محنت جو ڦل ماڻڻ، پاڻ تي بار چاڙهڻ جو چارو ڇيو اٿن.) فقير صاحب بہ وندر ۽ ورونهن ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪي ڪائين ڪرڻ جي ڪرت ۾ رڌل رکندا آيا. شيوا ٽهل بہ سندن چڱي چوکي ڪندا آيا. سامي صاحب فرمائين ٿا:

"سوئي شيوڪ جاڻ - جنهنکي سک سجڻ جي
شيوا ۾ سنمکہ رهي - ڪيي پنهنجو پاڻ.
سامي ڏسي پاڻ - اندر ٻاهر سپرين."

خذمت ۽ چاڪري سان دشمن جي دل بہ هري ٿي سگهجي، ڪنور جو قلوب ڦيري ٿو سگهجي؛ انسان ڇا مگر پکيءَ پسونءَ کي وس ۾ آڻي ٿو سگهجي؛ هت تہ جوڳي هئا. سندن خذمت ڪين خوش ڪري ڇڏيو. هنن فقير صاحبن کي موٽ ۾ مهمانيون خوب ڪرايون. ڪين پنهنجو ڪري ڇڏيائون. روٽي بہ کائڻ رکي نہ ڇڏيائون. مطلب تہ دکہ سکہ ۾ سندن پاڳي پائي ٻنجي پيا.

ٻه شينهن

(شير چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانور آهي. پيار جذٻن جيو جي نس نس ۾ ناچ ڪرڻ ٿو لڳي ته ڏڪار جي ڏڏڙ سندس اکين کي انڌ ۾ وجهي ٿي ڪين ٿي. عام ته پوءِ ۾ پرجي شينهن کان اهڙو ته ٿا ڪنبن جو ڪين خبر ٿي نٿي رهي ته ڪٿ ۽ ڪيئن پنهنجي جان بچائجي.

زوراور جي زبر زور تي زيردست ڪئين بنجي ٿا پون. جهنگل جو بادشاهه مٽيءَ جي پتلي جو سلامي ٿئي، سو ڏيکاري ٿو ته اهڙيءَ مٽيءَ جي مالڪ، خاڪ کي پاڪ بنائي، منجهس روح بي باڪ کي سجاڳ ڪيو آهي، جنهنڪري شينهن ۽ بڪريءَ ۾ ڪا ٻيائي ڪيس پاسي ٿي نٿي. پر مٽي جا مردن ۾، تنهن اڳيان ته اهي ٻه ته سر جهڪائين ٿا.) ٻه شير هرروز لاهوت جبل ۾ فقير صاحب جي مڪان تان لانگهائو ٿيندا هئا. فقير صاحب اڳيان سجدو ڪري اڳتي هليا ويندا هئا. هرروز سندن ڪار اهائي هوندي هئي. فقير صاحبن وٽ جي ٻه وينا هوندا هئا، تن کي حراس ٿيندو هو، هو کين چوندا هئا "اوهين ڏجو نه، اوهان کي چوندا کي ٻه ڪين." وقت خير جو گذرندو رهيو.

باهہ ڙي باهہ

(باهہ جو سياءُ آهي سائڙ، صاف ۽ نرم ڪرڻ، سڌي چيز جو موڙڻ ۽ جهورڻ سهنجو بنائڻ، مگر جنهن مٿان عشق آرو ٿو ڪري، سو سدا گرم ٿو رهي، نري بلڪل نٿو. اوائلي اوستا ۾ لوچ جي لکہ سندس مکہ مان نڪريو ٿي وڃي، مگر جيئن وڃي پچندو، تيئن وڃي منو ٿيندو. ناز پنهنجي صورت بدلائي نياز ڪي پنهنجو راز ٻڌائي قدم اڳتي هلائيندو ٿو رهي.)

ڳالهہ ٿا ڪن تہ باهہ برهہ جي ڪان فقير صاحب بہ آزاد رهي نہ سگهيا. دونهين دکيل هوندي هين. صبر ۽ تحمل ڪان ڪم بہ خوب وٺندا هئا، مگر وقت تي باهہ پڙڪا اهڙا ڏيندي هين جو پاڻ مرادو سندن زبان مان نڪري ويندو هو "ابا پاڻي، ابا پاڻي" سياري جي چيندڙ سرديءَ هوندي بہ ٿڌي پاڻيءَ جا پارا مٿان وجهندا هئا. انهيءَ جوش جي جولان ۾ اچي، ڪلامن مٿان ڪلام سندن زبان مان ازخود وهي هلندا هئا. هيڪڙي وقت هينيون ڪلام پڻ جوش ۾ چيائون :

POST

"واهہ ياهہ، برھہ دي پڙڪي، دل جيبيان جهڙجهڙ جهڙڪي
١- اندر هوهو، ٻاهر هوهو، هوهو، هرجا ڪڙڪي
٢- دلبر دا دل ديرا هوئي، خام خيال ڳيا سڙڪي
محبت دا ويکو مچ مچانڪي - ماهي ويڙهي آيا وڙڪي
قطب تتهن گهر آتشَ آئي، جنهن گهر آيا چڙهڪي

انهيءَ باهہ جي پنيٺ ۾ ايترو تہ رهندا هئا جو سندن نيڻ سدا اُنهيءَ نوراني نظاري ۾ محو هوندا هئا. ڪين هن دنيا جي ديدار جي آس ورلي ڪن ماتر مس ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري ڪنڌ سندن سدا ڪريل هوندو هو. سينو ساهي هلڻ سهاڳڻ ڪي سونهين بہ ڪين ٿو. مٽڪو سندن جسم جو پڄي پيو هو جنهنڪري اکيون سندن عجيبن جي اسرار ڪان آزاد ٿي سگهنديون ٿي ڪين هيون.

جڏهين جڏهين جبلن جي سٽر تي نڪرندا هئا تہ گهران ماني ڪائي نڪرندا هئا ۽ گهر جڏهين وري ايندا هئا تہ ماني اچي ڪائيندا هئا. چو نہ مهينن خواهہ سالن جي ساهي وچ ۾ اچي وجي. ايهو وچون ويلو قدرتي مگي ڦل يا جهنگلي ميوي تي گذر ڪندا هئا.

جبلن ۾ جوت

هميشه ائين پئي ٿيو آهي ته جڏهين جيون کي جمال ۽ جلال جي جلوهه پسڻ جي جک جک پئي جاڳي آهي ته هو جبلن ۾ پئي ويا آهن. جن جن جو قول سچي جي ڪنهن خاص حد لاءِ نه هوندو آهي، انهن کي جوت يا روشني جبلن مان ئي حاصل ٿي آهي. جيترو جيئو مٿاهين چوٽيءَ تي چڙهندو، اوترو ئي آواز عامن جا ڪيس ڪپائي نه سگهندا ۽ وري اوترو ئي هو الاهي آوازن کي جهٽڻ ۾ برک ٿيندو. **حضرت موسيٰ** هميشه جمالي جلوهه پسڻ لاءِ جبلن ۾ ويندا هئا.

اهي ظاهري جبل مشهادي جي جبلن سان تشبيهه پڻ رکن ٿا. **حضرت عيسيٰ** اعليٰ ۾ اعليٰ الهام "پهاڙ تان اپديش" ڏنو آهي. ساڳيءَ طرح پهاڙن تان **ويد**، **ٽمپد**، **قرآن** ۽ ساري خلقت لاءِ خدائي الهام پئي آيا آهن. انهيءَ مشهادي جي چوٽيءَ تي چڙهي **قطب شاهه** وڏي چمڪندڙ ستاري وانگر چمڪاڻ پنهنجن چوٽين ۾ عامن کي پئي ڏنو آهي.

ائين هجي ته فقيرن کي حياتيءَ جو سفر سٿيندي ڪيترن هنڌن تان لنگهڻو پوي ٿو، ڪيترن ماڻهن سان ملڻو پوي ٿو.

POST BY

ڪيترن اٿاون آستانن تي رهٺو پوي ٿو. انهن مڙني منجهان ڪين ملهائتو موتي لهڻو ٿو پوي، جو هو پاڻ وٽ ڪين ٿا رکن. عامن کي اهوئي ٿا آڇين. پاڻ بہ فرمائين ٿا "پيتي کي پيتر امول داٿا" دنيا کي دکہ جو دائريو ڪري سمجهيو ويو آهي، مگر جڏهين نہ اهو "امول داٿو" پيتي کولي جيو هٿ ڪن ٿا تہ اما سکہ روپي ٿيو پوي.

شايد اهو داٿو ڪٿيءَ کان بہ آبدار، عيب کان آجو، غيب جو ساڃو پاسو آهي، جو جدا جدا جيو جهل پنهنجيءَ سان، نگاهہ پنهنجيءَ مان آن دواران. نظارا پاٺواٺون ٿا پسن ۽ مرهڪ قتيل روح کي پيا ڏس ڏين.

شاهہ صاحب لوڪ کي للڪاري پڪاريو.

"هل هيئن سين هوت ڏي پيرين پنڌ وسار.

قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ ڏي."

بيدل صاحب اڄ ڪالهہ جي زماني جي عالمن کي چيتاوني چٽي ڏني آهي:

نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي

سکہ رمز وجود وڃاوڻ دي.

اکڙان دي وچ جو ڪوئي اڙيا

عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا.

اثباتي دا علم جو پڙهيا،

موج آنهان سر سانوڻ دي".

سائنس ۽ علم جي واڌاري ڪري انسان سمجهڻ لڳو آهي تہ قدرت جي غيب جو چاٺو ٿي ويو آهيان ۽ وڏي وٽ واري هستي، الستي "آن' آهيان". عالمن، فاضلن لاءِ ٿي فقيرن جو پيغام پلٽيو ويو آهي ڪيئن؟ نہ. الهام عامن کي اوندهہ

۽ عذاب کان ڪيڻ، بند مان آزاد ڪرڻ لاءِ آهي.
فقير تہ دم دم ائين هوڪو ڏيندا رهيا.

"پنهنجو نصيرا ترڪ ڪر - هستيءَ ڪي تون غرق ڪر"

ايها هستي، جوانيءَ، جمال، جلوه، جي مستي، جيو ڪي رڻ ۾ رلايو ٿي ڇڏي، ڪيس وستي ۽ وسنو مان لڏايو ٿي ڇڏي، فقير وري بہ آواز اُٿاريو -

"اول نفي ڪر نانءَ - پوءِ اثبات ڪر الله ڪي"

عام تہ علم ۽ عقل، نالي ۽ ناٿي پويان حيران پريشان هوندا آهن. فقير صاحب بہ سمجهو تہ ٻارڙا ٿورو علم حاصل ڪري پاڻکي واصل وصل جا ڏاٿي سمجهي دڳ وڃائي ڇڏيندا، تن ڪي تلقين ڪئي اتن جا هيئين سان هنڊائڻ لائق آهي.

"پڙهج، پروڙج پاڻ، پوٿي پنڌ پرائو."

لنڪا گنگا سر ۾ سامي، مٺن ماري تون ماڻ
رام ڪنئيا ويڙهي وسي ٿو، تنهنکي صحي سڃاڻ
سيتا لڇمڻ سندي دواري، جولي تنهنکي جاڻ
قطب رام رحيم اندر ۾ - پٺي پسڻ ۾ هاڻ

پنڌ پرائو، ڏس پرائو، وس پرائو، رس پرائو، اهي مڙيئي آزادگيءَ ۾ اٽڪون آهن. فيلسوفن جو چوڻ آهي تہ حقيقت اُها آهي، جا پنهنجي آزمودي ۾ آئي هجي. ٻڌل ڳالهين تي ڀانور رکي پنڌ پنجي ٿو تہ آزمودي هيٺ اچڻو اوس ٿو پوي. پنڌ ڪبو ئي ڪين، صرف هوشياريءَ سان هوڪو پيو ڏبو حق جو تہ نيٺ پڙ پڌرو ٿي پوندو. فقير جي اشاري ڪي امر سمجهي پيروي ۾ پنڌ رجهبو تہ ڪلام جو ڪرتا ٿو چوي اڄتي وڏن جي واٽ ملندءَ پوءِ لنڪا . گنگا مٺن ماري تون ماٺي سگهندين. مراد فقير ماڳ انهيءَ مٺن جي ۾ خوب واڄو

POST BY

وڄايو آهي.

"درد دوائي مجرب جنهن کو عشق طبيب کواوي
رتي روڳ نہ رهي اندر وچ غير گمان وڃاوي
مٺن دي پردي ڦاڙ ڪراهڻ، اکين عين وکاوي
يار مراد وسي دل دي، جو کو جهاتي پائي."

مگر انهيءَ مٺن کي سمجهڻ سولو سٺرو ڪٿي آهي؟ فقير صاحب فرمائين ٿا تہ:-

"آنءَ ڪيو ٿو آنءَ چوين تنهنجي بندگي ويلي آنءَ ڪٿي؟"

هيءَ آهي پڙهڻ ۽ پرجهڻ جو پنڌ. قدم قدم تي پاڻ کر سوال. کهڙو هو حال تنهنجو؟ ڪيئن ڪيو تو ڪال پنهنجو؟ سوچ ۽ ويچار سان ئي پڙهڻ وارا "پاڻ" پرکڻ، پنهنجي من جي وچتر ڦير گهير، خيالن ۽ حالن جو ڇيد ۽ ڀيد سمجهڻ جو سعيو ڪري، خيال کي اُنهي ملڪ ۾ پهچائيندا آهن، جت چاڻ ۽ چنڊ جي منڊ ڀهي سگهي ئي ڪين. اُت "پاڻ" کي پلي، وهي "توڻ" جي تنوار ۾ ڇڏي ٿا ڏين. جت جا ءِ نہ ملين جاڙ سندي، تت هار بہ جيت سمجهي پاڻ تايو ڏين. مٺن تڏهين پنهنجي هستيءَ جي پلاڻ پسي رسي پويون پڳہ وٺي اڳوان ٿي ٿي مليس.)

جبل جهاڳيندي قطب شاهہ جوت جڳائي آهي ۽ انهي جوت سان جڳ ۾ جهڳہ مڳہ - حق هڪڙي ئي جي ٿو پسي. "قطب رام رحيم اندر ۾ پئي پسڻ هاڻ." ڪيڏو نہ لامذهب پر حب آهي قطب شاهہ! ڪيئن گهمراهہ پانڌيروءَ کي پنڌ ۾، لنڪا، گنگا- رام رحيم سڀ اندر ۾ ٿا ڀاسن. ڪيڏي نہ ويکر مشاهدي جي. شاهہ صاحب بہ پنهنجي لاهوتي بولي ۾ الايو آهي.

"تيرٿ تو وٽ تون پڇين ڳس ڳنگا جا".

رام ڪلي

سامي تڏهين ٿا چون :

"پاڻ پنهنجو پاڻ ۾ پسيو جنهن نہ پيهي
پريان سندي پار جي، تنهنکي ڪل ڪيهي
وهامي ويئي، هنکي چپ چٽيندي راتڙي."

اهڙن اٿپٽن اشارن جي اوٽ وٺڻ سهنجو ۽ سٿرو تڏهين ٿو ٿئي، جڏهين جيو "عقل" جي اڳواني ڇڏي پاڻ پنهنجي پرينءَ جي حوالي ٿو ڪري، انهيءَ لاءِ پاڻ صلاح ٿا ڏين "جبل جهاڳيندو وت، من ٻاروچي ڪي ٻاجھ پوي."

دلپت سائين چون ٿا :

"جن ترڪ ڏنو طمع ڪي، سي صحي سنياسي
تجي آس عالم جي، او ڦرن اُداسي
نڪي ڊوڙن دوارڪا، نڪي وڃن ڪاشي
وينا تيرٿ ڪن تن ۾، دلپت آديسي
تن الکہ ابناسي، ڏوري لڌو ڏيل ۾"

"سڪ"

"سڪ نہ آهي سٽري ڪڻ پروڙي پير
ڪسڻ ڏاران ڪير ڪري سڏ سڪڻ جي."

شهہ ملڻ جي چاهہ جن جي اندر ۾ ٿي اٿي، انهن جي نيڻن جي ننڊ حرام ٿيو پوي. ظاهري دنيا ۾ استري پنهنجي پتار ڪي پاڻ ارپي سندس خدمت ۽ چاڪريءَ ۾ پاڻ گم ڪيو ڇڏي، تڏهين مس پنهنجي مالڪ جي من مندر ۾ آڪيرو ٿي اڏي. روحاني سهاڳ ڪي پائڻ ڪو سولو سٽرو ڪم ڪينهين. سهاڳ لاءِ سور، سجاڳ ٿئي ۽ جيو ساجن لاءِ تڙڦندو رهي. اها وري تصوير جي ٻئي پاسي جي ڪهاڻي آهي. هندو شاستر تہ پتي پتنيءَ جو سنبنڌ نفيس، نازڪ، ڳجهو تہ ٻہ ڳوڙهو سمجهندا آهن. گوپين بندرابن بهاريءَ ڪي پنهنجو گهوٽ ڪري پئي پوڄيو آهي. ڪرستاني عارفن ۽ صوفين پڻ پير پوئتي ڪين پئي رکيو آهي. پاڻ ارپڻ، پنهنجي هستيءَ ڪي "همہ اواست" ۾ گم ڪرڻ لاءِ هنن اهو پريم جو پيچ سولو ۽ سهنجو ڪري سمجهيو. انهيءَ پيچ پائڻ لاءِ نہ پنڊتن ۽ مولوين جي ضرورت ٿي ٿئي، نہ شاهدن گواهن جي گهرج ٿي پئي. دل جو پرچو ٿيو، پيچ پيو. اڪيون پوءِ ڪلي ٿيون پون. جيو ڪي تڏهين خبر ٿي پئي تہ هن دنيا اندر ڪيتريون پيون ٻہ دنيائون آهن. هرڪو پنهنجيءَ دنيا ۾ پيو رهي. هرڪو

انجا سپنا پيو لهي، **پالڪ** ساگر جي ڪنار تي واريءَ ۾ ويهي پنهنجيءَ دنيا جو دائريو ٺو لهي. راند ڪندي پنهنجن ساٿين سان ڪيڏائڻ جي ڪيل ۾ هو آئينده جي جيوت جو ميل جهيل ڪري ٿو گذري. گڏن گڏين جي ميڳ ۽ شاديءَ ۾ هو پريم نگر ۾ پير رکي وري پر پکيڙي آڏامندو ٿو رهي. انهيءَ دنيا ۾ سهاڳ جي وياڳ جو پڙدو آهي، مگر سمي پائي اها يادگيري سندس چت تان متجيو ٿي وڃي. اوچتو ٺي اوچتو هڪڙيءَ سهائيءَ گهڙيءَ سندس اکين ۾ عجيبن جو اسرار اچيو ٿو گهر ڪري.

عالم جي دنيا پوٿين ۽ ڪتابن جي آهي، ته **عامل** جي عمل جي؛ **گويي** جي دنيا آواز ۽ ساز جي، ته نقاش جي رنگ ۽ راز جي؛ **نٽ** جي دنيا امنگ جي ڍنگ، لوڏ ۽ ڪوڏ جي، ته **شاعر** جي دنيا پروازي، سونهن ۽ سازي جي، آزادي ۽ نئين آبادي جي آهي - پر اها دنيا ئي نرالي - جنهن جي چپن تي نه لالي، نه مسڪراهٽ جي اُجالي؛ جنهن جي دل "پاڻ" ڪان خالي، بي حالي، بي خيالي - جا سدا آهي هٿ پنهنجي والي، جنهن ڪي هن خوشيءَ مان خاوند بنايو، جنهنڪي هن هيج مان حاڪم ناهيو، جت "پنهنجي" خوشي خال ۾ غائب ٿيو وڃي - جت "**دعويٰ دريءَ جو ناهي دم، ڪر ڪوهيارل پنهنجو ڪرم.**" اهڙي دنيا جي رهواسين جي نيڻن ۾ نياز جو نار، دل تي درد جو باز، زبان ۾ هيڻ جو نار، هٿ هلڪو، پير پروازي، روح رضا سان، راضي ٿي، اڏاريون ڏيندو ٿو رهي.

اها دنيا آهي جت دل ديواني هر ڪار ۾ لاثاني ٿين ٿي گهري. اها دنيا؛ جت قدم رکندي رکندي انسان سر جو سانگو ڇڏڻ لاءِ سنيري ٿو هلي؛ انهيءَ دنيا جي چال نرالي، چال نرالي، انهي دنيا ۾ "مان" نه، پر "تون" والي آهي - "**مان**" **سدا سوالي آهي. خالي آهي.**

انهيءَ دنيا ۾ پانڌيرو سهاڳ جا سينگار ڪيو ٿالهي چڙي

POST ...

هٿ ۾ ڪٺي پير اڳتي رکي چوي ٿو-

"نہ مون سڏ نہ سار اچي عشق آٿاريم اوچتي"

عشق ڇا آهي، تنهنجي ڪل ڪاملن ڪي قطري جيتري مس پئي. صرف چوندا رهيا :

"سانون عشق بتاوي راهہ، عام آکن گهمراهي وي"

اڳتي هلي چون ٿا :

"ڪوئي عاشق هوئي بي سر، بي پا، اس رستي ۾ آويگا

دو جڳہ اپنا، جوئي گنوائي، وهہ ئي منصب پاويگا."

عشق ڇا نہ آهي، تنهن باري ۾ چون ٿا :

عشق نهين ڪوئي چرچي بازي،

سولي پر وي چڙهنا ري."

ڇو ؟ "سولي اوپر سيج پيا ڪي."

شاهہ صاحب فرمائين ٿا :

عشق نہ آهي راند، جيئن ڪيڏنس ڳيرو"

پر آهي بہ راند اُنهن لاءِ جي آهن هيڪاندا حق سان! پل آهي پيارا چونہ چون :

"ويڙهي عشق مچايو شور، پل گئي سب مسليٰ اور."

جڏهين قطب شاهہ جي قلب مٿان مينهن محبت جو وسيو، تڏهين تہ هو چوڻ لڳا :

"لاءِ جا مينهن وسڻ لاءِ آيا،

هئڻ هستيءَ جا گهرڙا ڍاهيا."

موهڻ فقير بہ چيو آهي :

"نينهن نسنگ، وجهي ٿو ونگ،

اهو اڙٻنگ، نہ تنهنکون سنگ،

جو پٽ هئڻ جي پچي،

بيو ڪو مچي مور نہ مچي."

جت "عشق ڪري آيو گور" ات "وحدت رنگ لايا." رنگ بہ ڪهڙا ؟

آڙهنگ عشق اڳهم ڪري آيو . دانا ديدان دل ۾ لڪيون
ويهي وجود ۾ ووڙ , اتي پرين آيا."

عشق جو اسرار ڪهڙو آهي جو سالن جو ڪم ساعت ۾ سنپورڻ ڪيو ڇڏي. پر هڪ دفعو جنهن تي عشق سوار ٿيو ، سو خلق کان ڌار ٿيو. جن جي "دل جو ديس عشق سان آباد ٿيو"، انهن جو حال ۽ مال برباد ٿيو. شاهه صاحب فرمايو آهي ته

"وهه تڪ واهڙ تڪ- جت نينهن تڪ نرالي"

فقير صاحب به تڏهين ڪتڻ ڪمائڻ ڪي جواب ٿا ڏين :

"رانجهن آيو ڪلي بهار- ڪير ڪتي ڪير ڪمائي
آتڻ آنجو مون نه سيبايو - يار رانجهن سان نيهڙو لاتو
چورخ ٿيا چمڪار
ڪرم قطب تي ڪري آيو - رانجهن سائين پاڻ پسايو
هو هو جا ٿيا هيڪار."

مراد فقير چوي ٿو :

جنهن دا پول سلامت هووي
سا ڪت ڪارڻ ڪتي
ڦري البيلي، راڄ ڳهيلي،
چرخي تند نه گهتي
ڏينهون اڳي، پهري وڳي،
رنگ برنگي رتي
جنهن تي مهر مراد خصم دي
پاڳ تنهن دي متي

سامي جن به چون ٿا :

"ڪتڻ تنهن جڳاءِ ، وچاندر جنهن ور سان"

سهاڳڻ ، البيلي چوڻ ڦرندي، ٽلندي، ٽمڪندي وتي. سانگي سان پرڏيهه ڏورڻ لاءِ سهاڳڻ سنيريون نڪرن يا ڪنهن وڳيا ڪان سهاڳڻ جي سيني مان سندس صورت پاسيري ٿيڻ

لڳي، يا لڪ چپ واري راند شروع ٿي پوي ته "برهه" جي برسات برسڻ ٿي لڳي. اکيون آب اڇلايو ڏين. پوءِ ته دل ۾ ريج ٿيو پوي. يادگيري دم دم ۾ بج ٿيو پوي. آن پاڻيءَ جي چنڊ تي فصل اُپرندو ٿو رهي. مگر انهيءَ اونداهيءَ ۽ اڪيلائيءَ جي ڪرڙائي ڪير جهلي؟ وڇوڙي جا وجود ۾ وڍ - لوڪ جي ڪل ۽ خواري ڪڍ. پوءِ جهل جهوراٽي ڪي ڪٿان ملي؟

دانهون ۽ آنهون ويچاريءَ وڏيون ڪيون. "مدد ڪج ميهار، او ميهار، ترهو ڪٽي آڻ تار مون".

خوشي، موج، محفل جي مند، ميل جهيل، روپ ۽ رنگ جو عرصو ٿورو، چلپل جو چٽڪو، مگر جڏهين جگياسو اکيون ڦاڙي انهيءَ تصوير لاءِ ٿو تانگهي، پير جڏهين پون تا پرينءَ جي ڳوٺ ۾ پنڌ اٿانگي، تڏهين انڌاريءَ رات ۾ ڪنوڻ جي جهلڪ سندن چت جي چاڪ تي وقت لاءِ ملم مکيو ٿي چڙي. اها جڪ جڪ، اها جاڙ، جيو ۾ جاڳي ٿي تڏهين ٿي، جڏهين "دريءَ منجهاران دوست ليئڙو پايون هليو ٿو وڃي." سهاڳڻ ڪي سهاڳ جو قدر تڏهين ٿو پوي، جڏهين پيتار ڪان ڌار ٿي ٿئي، هوند نه ته گهٽائي متس تابن سندا تير هلائي. انهيءَ وقت "درد" ٿو دل ۾ جاڳي. تڏهين ته فقير صاحب پڇن ٿا:

درد خريد ڪيتوني وحدت جا وڻجارا

لڳي بازار برهه دي لايون ني سودا سسيون دا

چايوني عشق آزارا

مراد فقير به فرمائين ٿا:

"درد سهڻي دلبر دا، مٺ تان سو سڪ ستڪر چايا

مٽ گئي خام خيال خودي دي، جان دل اندر آيا

شال هووي هميشه نوان تت، روز بروز سوايا

برڪت نال مراد جنهين دي، نوش الله ملايا."

اڳتي هلي چون ٿا:

درد نهين ڪو دارون دل دا، جو پيوي سو جيوي،

جي ذرا چکن انهيءَ جام وچون، سي رهن هميشهہ کيوي
مٹ وجي سڀ مستي "مٹن" دي، هستي حق ليوي
يار مراد وسي وچ ويڙهي، جو ڪوئي عاشق ٿيوي"

انهيءَ درد دوائي جو داستان **لطيف** ليلان کي خوب پڙهايو. ڪيس چنيسر کان ڌار ڪري اچي آتس وار ڪئي ۽ ڪيس چيو "چنيسر سين چاڳہ متان ڪا منڊ ڪري."

"چنئي چنيسر جام سين ليلا لڪايوءَ
تو جو پانيو پنهنجو، تنهنجو پرو ڪونہ پيوءَ
ڪونروءَ ڪانڌ سندوءَ - دست ڪيو داسڙو"

مراد فقير فرمايو آهي تہ عشق جي هٿان درد جي دوا جي ڪو جيو ٿو ڪائي سوئي مردهہ دل کي زندهہ ٿو بنائي - پر ايهو عشق جو چون ٿا تہ الهہ وٽان ٿو نازل ٿئي اهو رستو کهڙو ٿو وٺي؟

"نٹن دلال، دل سوداگر ڪيتو ني نام واپارا"

حبيبن جي هٹ تي جيءَ دي دولت ڏيئي اکين کي دلال بنائي، دل پنهنجي پسنديءَ موجب نام جو واپار ڪيو. مگر مراد فقير فرمايو آهي :

"نٹن سوداگر، دلبر سودا،
عشق دلال ڪيتوسي
سر سر واهہ سيو وچ سودي،
تن من نال ڏتوسي
مليا دوست مٺي دلگيري
سودا ٿاب ٿيوسي
رب سبب مراد ڪيتا
جو ڪکہ ڏيئي لکہ ڳڌوسي"

اها ڄاڻ تہ ڪکہ ڏيئي لکہ ڳڌوسي، جڳياسوءَ کي اننت آنند جي لهر تي لڏائيندي ٿي رهي. مگر قدرت خوشيءَ جي بي انت وهڪ سهي سگهي ٿي ڪين. چنڊ اڃا روشن ٿي رونق

ڏيڻ جي ڪندو تہ ڪکر ڪارا مٿس اچي موهت ٿيندا ۽ سندس سموري سوجهري کي پنهنجي پاڪر ۾ ڍڪي ڇڏيندا. جڏهين جڏهين جيو جي مٿان ڪارا ڪکر اچي ڪڙڪندا آهن تہ چئبو آهي تہ هن لاءِ **نسوري رات آهي.** مگر پريمين لاءِ اها انڌاري رات، روح جي ڀڄ **رات** چئي اٿن. جڏهين سندن جيوت ۾ جوت جاڳرت نٿي رهي، ٽڪ ڪري، يا ٻئي طرف جي قدرتي چڪ ڪري، جڏهين نہ دل مان اها تازگي، اها يادگيري، اها روشني، غائب ٿيو ٿي وڃي، تڏهين تہ جڻ فاعل مٿان بجلي ڪم ڪرڻ ٿي شروع ڪري. ڪيترا پانڌيڙو پنڌ ۾ پنهنجو هنڌ وڃائي ولهہ ۾ واڪا ڪندا ٿا رهن. انهيءَ حالت ڪي شاهہ صاحب پنهنجي لطيفي للڪار سان سر سهڻي، مومل، سسئي ۾ خوب للڪاريو آهي. ڏير جڏهين سسئي کي پنهون کان ڇني اٺن تي پلاٽي ويا تہ ننڊ مان سجاڳ ٿيندي سندس **اکين** ۾ اوندهہ **ڇانئجي وئي** ۽ واڪا ڪري وکون هٿندي وئي، مومل کان جڏهين **راڻو** رسي هليو ويو تہ چوڻ لڳي :

"راڻو رات رسي ويو ماريس تنهن مذڪور
جانب جدائيءَ جا پل پل پون پور
وهڻ مون وهہ ٿيو، وڃان ٿي وهلور
اندر آڳيون لايون سوڊا تنهنجي سور،
طعنا ڏيم تور، آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾"

اڳتي هلي چوي ٿي :

"ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لونو لڏائو
تو پڇاڻا سپرين، آتڻ اجهاڻو"

جس بہ شايد جفا کان سواءِ مليئي ڪونہ ٿو -

"جس جفاريءَ نہ ٿئي، جفا وارين جس،
ستين سات وڃائيو، گولي ڇڏ م گس
ليڙن جو **لطيف** چئي ڏونگر ڏيندءِ ڏس
پنهون اچي پس، سر پر هلي سسئي."

آسمان ۾ آفتاب جو جلوو چون نه هجي، سندس پردي پويان وڃڻ تي ستارن جي جهرمر، چنڊ جي منڊ چو نه هجي، شادمانو ۽ شغل، محفل جو هل شل، ساري جهان ۾ چو نه هجي، ته به هڪڙي دل ۾ "شب تاريڪ" انڌاري رات هوندي. گهاٽي بن جي انڌڪار کان وڌيڪ انڌاري، گهاٽي ڪاري رات هوندي، جنهن مان جادوگر جو جلوو غائب ٿي ويو هوندو. انهي ڪاري رات ۾ شاهه، سهڻي کي ڪچو گهڙو ٿو ڪپ ۾ ڏئي، جنهن تي به هو عشق جي آڌار تي ترڻ کان ڪين ٿي مڃي. چاڪاڻ ته شاهه چوي ٿو :-

"آريائي اوهان ٿا ڏنو هو، جيڪي ڏنو هو مون،
سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، تنهن کان محب مٺو هو"

وري اڳتي ويس ٻيو ڦيري ٿو چوي :-

"م چاتان ڪهڙي ڏوهه، چوري چپر چڙي ويا"

آڪاٽيون نه آهن، مگر تجربا آهن، جي شاهه صاحب پانڌيڙن کي پڻي ٻڌايا آهن. فقير صاحب به چون ٿا :

هي سرتيون سور اهو، جو دوست کان دم ڌار وڃن ٿا"

جڏهين اهو سور سرت ۾ سوجهري وارو ٿو ٿئي ته پانڌيڙو پلڪ پلڪ چلڪندو ٿو رهي. ڪيس اها لوچ ۽ پوچ اچي ٿي پنڌا ٿئي ته شايد هنڻ منجهاران هاڻ وڃائي ور ولهي ٿيس. پو اچي ونيس ٿي پنهنجي قولهم. مطلب ته ڦريائين ته نراسائي ۽ نااميدي، پو ملولي ۽ مايوسي، اوجاڳا ۽ آڦرڻ. سور يڪتار سندس سيني ۾ ملندو ٿو رهي. حضرت عيسیٰ فرمايو آهي ته سولي جنهن تي توڪي چاڙهيندا، اها پنهنجن ڪلهن تي ڪڻڻي به توڪي ئي آهي.

جسماني ريت جي پريتم جدا ٿيو وڃي ته انجي موٽڻ جي مهل ۽ منڌ ۾ جيو اڪيون وجهي ٿو وهي، چو جو وقت

ڦرندو ٿو رهي. پر دم جيڪڏهين دوستن جي يادگيريءَ کان
خالي ويو تہ گناهہ عظيم ٿيو. جسم جي جدائي پيرن، فقيرن،
ساڌن، سنتن، جن کي ساکي سروپ پئي سمجهيائون، انهن
جي بہ ٿي، مگر جيو جو قدم شل دم تي قابو هجي. اڳتي
هلي چونٿا:

"سو دم سرتيون مون نہ سيبايو،

جو دم جدائي جو سر آيو،

غم ڪري ٿو چوراهو"

جڏهين اهڙو سمو اچي ٿو بنجي، تڏهين عارفن اوپر
خواهہ اولهہ ۾ ائين پئي سمجهيو آهي، جيئن ٽالر (Tauler)
چوي ٿو "ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڏٺي تعليءَ هميشہ پيو
پنهنجن ٻالڪن کي لاڏ ڪوڏ مان ڪڏائيندو، مگر وقت ايندو
جو هو کين هوشيار ڪرڻ لاءِ، سجاڳ ڪرڻ لاءِ، ڪانٽن ڪسڪي
ويندو؛ جيئن هو سندن جهلڪ پويان ڊوڙون پائيندا رهن."

انهيءَ انڌاريءَ رات ۾ جيو واپار ورتي ڇڏي،
ارپڻ ورتي ڌارڻ ٿو سڪي. "پاڻ" ڇڏي انجي شرڻ وڃڻ ۾ ٿو
آنند ۽ سک سمجهي. بڪايل روح کي جيڪي بہ پريم جي موٽ
۾ پڙ ٿو پئي، سو قبول ٿو ڪري "ڪين" قبولي ٿو سڀ ڪي
جي عيوض. ڏسي ٿو تہ سندس روحاني جيوت جو بنياد
پڙڪندو ٿو رهي. انڌاريءَ ۾ سندس گذر ٿيندو ٿو رهي. صبح
جو ڪو انجام يا آسرو ڪيس آهيئي ڪونہ. جرمن عارف هنڪي
پورن ارپنتا، يا مردانگي جي نرموهتا، يا پريم جي ڪوٽي ٽا
ڪوٺين.

انهيءَ رج، سچ مان سورمو صحيح سلامت صدق سان ساڻ
ڏيندڙ ڪو ورلو ٿو اڪري پار پئي. پر سندس اڳيون ايمان ۽
اعتقاد ڪيس يادگيري ٿو ڏياري. جيئن شاهہ صاحب فرمائين ٿا:

"ڪڏهين طاقيون ڏين، ڪڏهين ڪلن در دوستن جا،

ڪڏهين اچان، اچڻ نہ لهان، ڪڏهين ڪونيو نين،

ڪڏهين سڪان سڏ ڪي، ڪڏهين ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهن، صاحب منهنجا سپرين."
اڳتي وري چون ٿا:
"ڪڏهين در ڪشادا دلبر سندا، ڪڏهين پورِيو ڏين
ڪڏهين وِجان، وجي نہ سگهان، ڪڏهين سڏ ڪرين
ڪڏهين ڪِڇن ڪينڪي، ڪڏهين ٻاجھہ ٻريا ٻولين
ڪڏهين قول ڪرين، ڪڏهين حرف نہ ڪڇن هيڪڙو"
اهڙي وچتر رنگہ رانول جي ڍنگہ کان ناواقف يا اڻپوري واقف ڪي هميشہ ليلان وانگر ياد رکڻ گهرجي.
"سارج سِپيئي، ليلان لکڻ پنهنجا
ور سين وڙهيو آئٿين، ڏوراپا ڏيئي
نہ ڇاڻان ڪيهي، ڇنيسر جي چت ۾"
اهي ياد ڪري مومل جيان پنهنجي راتي ڪي ريجهائي جيئڻ هو چوي ٿي:-
"رس م، رسڻ گهوريو، چڏ راڻا ريڏائي
منهنجي ميٽ ميندڙا، عاقل اڱلائي
لپيٽج لطيف چئي ڪامل ڪڇائي
ڪر معاف مدائي، تہ سوڍا سکياڻي ٿيان."

POST

"سجاڳي"

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي "مومل" جي تصوير چٽيندي ڏيکاري ٿو تہ محلن جي مومل ائين سمجهندي هئي تہ سندس سونهن ۽ سياٽپ، سون کي سر تريءَ تي رکڻ لاءِ سرڪائيندي؛ مگر سوڍو جڏهين نہ طلسم جي ناٽ کي لتاڙي اوڏو اچي تيس، تڏهين طاق لڳي ويس. سندس وڇوڙي ۾ پوءِ تہ دانهون ڪري پڪارڻ لڳي. انسان بہ جيسين تڏين هوائن ۽ هيرن تي هريل آهي، تيسين عيش ۽ آرام جي هنج ۾ ستل ٿو رهي. ڪنهن وقت ننڊ ۾ ساڳي پاڇيءَ واريءَ مائيءَ جو هوڪو "پالڪ سوٽا، چوڪا" ٻڌي ڇرڪ ماري اکيون مهٽيندو ٿو اٿي؛ عجيبن جي لاءِ اکيون سندس خال ۾ ڳوليندي ٿيون رهن.

اهڙيءَ سجاڳيءَ لاءِ سڏ ٻڌي سگهجن ٿي تڏهين ٿا، جڏهين گوڙ گهمسان مان نڪري، جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي، ڏورانهين ڏيهہ جا ڏس موجب ڳس اکين ۾ وهاري، اندر ۾ نهاري، هيئن سان هلڻ جو ڪو حيلو ٿو هلائجي. زمين ۽ آسمان، جي وچ ۾ ويهي اکيون اندر ورائي، جهاتي پائي، ڪن ڦيرائي، سوکيم بنائي، زبان کي زنجير هٽي ذکر جو، پاڻ جو اڏائي، سوئي ساڪي سروپ سان سينو ملائي.

ننڊ نياڳيءَ سسئي کي پنهونءَ کان پاسي ڪيو. فقيرن تڏهين تہ پاڻ تي اهو "هوڪي" ڏيڻ جو ڪم هموار ڪيو آهي.

فقير صاحب چون ٿا :

سنجهي ستي آهين پير ٻگهيري ،

تو ننڊ نہ جاتي اپنا ويري

شهہ نون ٻلاکي پئي آهين ڍيري ،

تون ڪي ڪر شهہ نو سهاويگي

جتان مل سهاڳڻ آون ، تتان ستيان مول نہ جاون

تيني ڪيتي ننڊ پياري ، اٿان رو رو حال وڃاويگي"

شاهہ صاحب سر ڪاپائتي ۾ ساڳيو سر آلاپيو آهي.

"ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين ستي سا هئين هڏ"

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو :

"ننڊ نہ ڪر تون نماڻي ،

جاڳوڙي جيڏيون رات وهاڻي"

يا تہ ستل کي سجاڳہ ڪرڻ لاءِ سچ ٿو چوي :

"ستا اٿي جاڳہ ننڊ نہ ڪجي ايتري ،

سلطاني سهاڳہ ننڊون ڪندي نہ ملي."

مهاکوي ٽئگور فرمائي ٿو :

"ننڊ وارا ، اٿو پنهنجي اُجار جي اجهاڳہ مان ۽ وري پاڻ

ڄاڻو تہ اوهين اولاد آهيو اُجالي جا"

مطلب تہ جيو کي پهرين تہ نيٽن جي ننڊ اُکوڙڻي آهي.

پو ءِ منزل لاءِ رانوتي کوڙڻي آهي.

فقير صاحب فرمائين ٿا نہ ننڊ ويري آهي. تون شهہ کي ڪيئن ٻلائي سُتي پيئي آهين ۽ ڇا جي ڪري شهہ کي وڻندين ؟ حضرت عيسيٰ جي اُمت هميشهہ "ڪنت" يا "ڏٿي" جي ڀاو سان سائين جي ساراهہ پيي ڪئي آهي. سيني ۾ اُن لاءِ اهڙي اُڪير هوندي اٿن ، جهڙي عام طرح سچي سهاڳڻ کي. هندو تہ پنهنجن گرنٿن پڻاندر "ڪانڌ" ٿي ڪري قادر کي

POST 0…

پيا پوڄين، گرو نانڪ، ڪبير، ميران ڪانسوا، سپيڻي سنت پار ڪي "ڪنواري" سمجهي ور جي ورڻ لاءِ وانجهي ويهي، لڌ چپ ۽ اها سڪ سانديندا (سواس سواس ۾ ساڄن سارينداّ) پڪاريندا رهيا. سندن دل پپيهي وانگر "پيا پيا" ڪندي رهي.

اسلامي امت هميشه ائين چوندي آهي ته پيغمبر ڏکي تعلق جو محبوب هو. عاشق الله کي بنائي، رسول کي معشوق جو مرتبو ڏنو اٿن. انهيءَ اوٽ ۾ صوفين ساڳيو سر پڻي سرايو آهي. ڳولائو هميشه پاڻ کي سهڻي، سسئي، مومل، ليلان ۽ گنڌري جي گودڙيءَ ۾ لڪائي پڻي لڪايو آهي ليلان وانگر پنهنجي سائينءَ کي پڻي ٻاڏايو آهي.

اهڙي سهاڳڻ جو بيان سامي صاحب به چڱو ڏنو آهي.

"سامي سائي ڄاڻ، سهاڳڻ سڄڻ جي
جنهن پرچايو پرينءَ کي، ارپي پنهنجو پاڻ؛
سنسي ريءَ سيوا ڪري، سڪ، صبوريءَ ساڻ؛
پوري تنهنجو پاڻ، خاوند خالي نه ڪري."

•

"چرخو چت سندو، سدا سهاڳڻيون سورين،
رينگڻ سان اوراٽا عجيبن جا اورين،
منهن ڪيڻن سي موڙين، ڪاٽياٽيون جي ڪانڌ ليءِ."

انهيءَ چرخي جي چڪري کي، چڪر، جي چت کي آهن انهن سان پيٽ ڏني ويٺي آهي. انهيءَ ڪري چون ٿا "چرخو چوري ڪت ڪاتار" وري چون ٿا:-

"سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نه ٽيڻن، پوري پوري، سيڻن
تند پسندينءَ ڪيڻن، هاڻ تون وڏي ٽنينءَ."

شاهہ پانڌيڙوءَ کي وري بہ پڪاري چون ٿا :
"پوري ٿو سين پاڻ ، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا ؟"
ساڳيو ئي سر فقير صاحبن لڳ هلايو آهي :
"ڪت چرخا ، تا شهہ نون پاويگي ،
تيڏي ننڍ نہ شهہ نون پاويگي.
اٿي جاڳہ سويلي آٽڻ وچ آوين ،
بهہ چرخي سي چت لاوين.
گهن پانديان ، شهہ ڪن جاوين.
اٿان اپنا ڀاڳہ وڌاويگي ،
قطب ڪانڌ جنهائين ريجهايا ،
انهان نانو سهاڳڻ جڳ وچ پايا ،
شاهہ تنهان تي لطف هلايا ،
هردم شهہ ڪن جاويگي."

شاهہ صاحب بہ فرمائين ٿا :-

"اٿي ڪاپائتي آڌيءَ ڪت
پيرج پيرم رويو رت
ڪر سدا تون هيئن قرار
چرخو چوري ڪت ڪاتار."

اڳتي هلي چون ٿا :
"پنهنجي تند تو آڌو ايندي." ۽ ان ڪري صلاح ٿا ڏين
"روئي ريجهائج ڪانڌ ڪنوار ، چرخو چوري ڪت ڪاتار."
مراد فقير بہ چوي ٿو تہ "ڪتڻ مول نہ ڇوڙين"

POST BY ...

"ويڪ سهاڳ نہ ڪيجي حجت، هوند ڪنون منهن موڙين
چيتن نال قرائين چرخا، هڪا تند نہ ٽوڙين.
هو حليم مراد هميشھ، نال ادب هٿ جوڙين."

انهيءَ خصم جي خاڪ - سندس قدمن جي خاڪ حاصل ڪرڻ لاءِ بہ فقيرن "پاڻ" سان ڇا ڇا نہ ڪيو آهي؟

سهاڳ جي سونهن جي جهلڪ جڏهين جيو تي ڪنهن ويل پئجي ٿي وڃي تہ هن ۾ اها اساٽ ٿي اچي جا ڪڏهين اجهامڻ جي نہ آهي، اها آڳ پڙڪو ڪائي ٿي اٿي، جا ڪڏهين وسامڻ جي نہ آهي؛ اها طاقت هلڻ لاءِ ٿي ڪڙي ٿي، جا نري ڪڏهين ڪين ٿي؛ ڏينهون ڏينهن بيٺي، تہ راتون رات چوٽي ٿيندي ٿي رهي. انهيءَ بعد ياتريءَ ڪي ڪو ٿڪ نٿو ياسي، ڪا قرباني، ڪا آواڳاني نٿي ياسي؛ هرهڪ قدم آساني، هرهڪ مشاهدو حيراني، هرهڪ مجاهدو لاثاني ٿو معلوم ٿئيس. چرخو چوريندي فقير صاحبن جي صلاح موجب "پانديون ڪڻ - شھ وٽ وڃ - تہ ياڳ تنهنجو پليرو ٿئي.

قطب ڪانڌ جنهين ريجهايو تنهين ٿي نانءَ سهاڳڻ جڳ ۾ پايو."

سوامي صاحب بہ چون ٿا:

"جنهن ريجهايو ڪنت آنءَ سهاڳڻ سا چوان؛
چڙهي سڪپت سيج تي، ڪيلي نت بسنت؛
پائي سڪ بي انت، سامي سلي ڪينڪي."

سهاڳ ڪي ريجهائڻ لاءِ بہ سائين لوڪن رستو صاف ۽ سڌو بتايو آهي - چيو اٿن:

"محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو"

سامي چون ٿا :

"سهاڳڻ ڪا هڪ , پيون سهسين ڪن سينگار ٽيون
سامي سپرين جي جنهنڪي سچي سڪ ,"
سڄ ڏاران سير ڪڏهين ڪنهن لتاڙيو ؟

فقير صاحب به پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ "سجاڳيءَ" کي وڏو مرتبو ڏيندا هئا- چوندا هئا :

"برهه جي بيدار ڪيا - سي سامي ٿيا سجاڳ
لڳي سرت صاحب سان , وڏا ورين ڀاڳ
قطب سي هردم هنئون سجاڳ - جن سان نالو نام جو"

اڳتي هلي چون ٿا.

"جي جاڳيون تن ڪٽيو - ستين ڇا وٽيو ؟
ندوري ننڊ تي - ور ڪي ڪيم مٽيو
جن جاڳي نام جپيو - قطب ور به وريو تن تي."

پرين جي پار ڏي

پنهون جي پويان سسئي جڏهين ٻاڪاريندي ٿي ويئي ته واٽهرن کيس هٽڪيو. ”چي ڪارا ڏونگر، ڪهه گهٽي، ٻي واٽن تي واري اٿيئي. ڏاهي ٿيءُ، وري هل وٿاڻ تي. اها مام کيس آئڙي ڪٿان ٿي؟ ڪين پاڻ چيائين ته پنڌ پنهون جو لکيو منهنجي للاٽ، پوءِ انکي پٺي ڪيئن ڏيان؟ وري ڪن چيس ته ٿڪجي پوندين“. اهڙن کي چيائين ”ته ٿڪ ۽ لڪ ڪڏهين مون کونه ڏٺو. ٿڪ ٿوڪ ڪهڙي آهي؟ پيرن پنڌ ڇڏيو، ته موٽن ير رڙهنديس. جي موٽن مڙڻ ڇڏي ڏنو، ته چيلهه ير چرنديس، جي چيلهه جو چلڻ چڪي ويو، ته سيني ير سرنديس، جي سيني به سرڻ ڇڏي ڏنو، ته اکين ير هلنديس. پوءِ جي ملي ته ملنديس نه ته گهوري جان جتن تان.“ اهڙي اُچل ۽ توڪل، اٽل ڏاران ڪٿ ئي ڪيچ ٿٿي؟ چيائونس ته ڏيرن توسان ڏاڍ ڪيو. ”چي منهنجو پنهل ته ڪين هيو. پر جيئن نه وٺي پنڌ سٽيندي ته سمجهڻ لڳي ”ميارون مڙيئي مون ۾ هوتن ۾ نه هڪ.“ ليلان به جڏهين هوتن سان حجت رکي کيس مٺي تي مٺي ڇڏيو ۽ جنيسر چت تان ڪيري ڇڏيس تڏهين چوڻ لڳي :-

"ڏاهي هيس ڏيهه ۾، سرتن منجهه سڄاڻ،
ڪاجا پيرم ڪاڻ، تہ منهن مٿانهون نہ ڪڻان."

سهڻي بہ جڏهين گهڙي گهڙو هٿ ڪري سير تي سوار ٿي، ڪچو پرڻ ۽ پرڪڻ لڳس تڏهين واڪا ڪري چوڻ لڳي -" ترهو چنج م تار ۾، رسج تون رحمان." مومل جنهن جي حسن تي ڪئين ڪونڌر قربان ٿي چڪا هئا، جنهن جي اکين ۾ عشق جا الماس هئا، اها بہ جڏهين راڻو رسي ويس تہ روئڻ لڳي. سندس مستي، هستي، مٽيءَ سان ملي ويون. پنهنجي سونهن ۽ سڳنڌ سيلهہ تي پيس. ويني پڪاريائين "موٽ مراني ميڻڌرا راڻا ڪارڻ رب" "رسڻ گهوريو آءِ تہ پرچون پاڻ ۾'شاهہ صاحب جنهن انهن مڙني موملن جي ويس ۾ دل جي ديس ۾ پنڌ پڇي ڪيو تنهن پڻ هڪ واري چيو:-

"ڏور م ڏيان ڏار، ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو،
ڪوڙين لک هزار، اُن اونداهيءَ انڌا ڪيا"

ڪاري رات، بادلن جي ڪڙڪاٽ، واءُ جا گهوگهاٽ، اِندر جي رت جا چيڪاٽ، وسوڙيل جي سيني کي ڏهڪايو ڇڏين؛ مگر بجليءَ جا وقتي چمڪاٽ، سندس سوڙهہ ۽ سياهيءَ کي هٽايو ڇڏين. جڏهين وسيلا وجي ٿا رهن، هٿ ڪا هٿي نٿا ڏيئي سگهن، تڏهين اڻ ڏٺل جي آڌار ۽ آسري تي جيو پاڻ ڇڏيو ڇڏي. مگر سڪ وارن جن جاٺي ٻجهي خوشيءَ وچان پرينءَ جي قدمن ۾ پاڻ قربان ڪيو آهي، تن کي بہ هوڏ، حجت ڪينو ۽ ڪبر وقت تي اڇي ٿي ويڙهي؛ ڇو جو عشق جو پنڌ پوري ٿيڻ جو ڪينهي. بي انت آهي. اُن ۾ اها بہ هڪڙي گهٽي آهي، جت جيو پاڻ گمراهہ ٿي واٽ ۽ وسيلو

POST

وڄائي ٿو ويهي ۽ اُن حد اندر ٿو پيهي، جت رات ين، ڏينهن نہ ڪو، ٿو ڏسي نيڻ هنجو. پوءِ وينو واڪا ڪري جئن **فقير صاحب** جن ڪيا آهن :-

"سخي سڀاجهل ٻاجهہ ڪريو، فضل ڪيو اوهين هاڻي
درد منهنجي جو دارون تونهين آهين."

اڳتي هلي فرمائين ٿا :-

"ڪرم **قطب** تي ڪر تون خالق -
تو ٻنان ناهي ٻيو ڪو مالڪ
ڏکہ ڪٽين تون پاڻهين."

انڌاري رات، رڄ رڻ مڙئي پانڌيڙو جي پنڌ ۾ پوڙيون آهن. پانڌيرو جڏهين ڌري پرزي ٿو پائي، تہ سمجهي ٿو تہ حاصليات هڪي هٿ آئي اٿم. ايهو خيال ايندي ئي انڌڪار اچيو ٿو ونيس. هٿن ۾ هيرو نہ ڏسي هاءِ، هاءِ، ڪندو ٿو رهي. لوچ جا سندس لنو لنو ۾ لڳل آهي سا ڪيس وهڻ ڇو ٿي ڏئي؟ ٿڌي نتيءَ پيو ڪاهيندو. نہ ڏسندو بستي نہ بر، پيو هلندو، ٿر، ٽڪندي پيو جهاڳيندو ٿانءِ پوندوئي ٿڌهين، جڏهين ٿاٺو هٿ ايندس. اُن سان اوري پيو اوريندو. سمرنيون ۽ سواس سندس لاءِ آڌيءَ منجهي پيو سوريندو. آهستي، آهستي، خزان سندس ديس مان غائب ٿيندي ويندي ۽ آڌي بهار کلي پوندو.

نت بسنت ماڻي اُها ٿي :-

"جنهن ريجهايو ڪنت، آءٌ سهاڳڻ سا چوان
چڙهي سکپت سيج تي، ڪيلي نت بسنت
پائي سکہ ٻي انت، **سامي** سلي ڪينڪي."

پوءِ پل اهو جيو بيڪس وانگيان چوڻ چوندو رهي :

"آئي بهار بسنت بهاريو ، هرجا برهه بهاري وي
گهٽ گهٽ دي وچ ، جهٽ پٽ جهٽڪي گل ڦل ٿي گلزاري وي
نول بسنت پهون دن لايا ، رو مئن گذاري وي
پهون دن لاڪي ڦر آيا ، صدقي ڪران جان ساري وي
بيڪس بيوس برهه بهاريا ، دم غنيمت ياري وي"

اننت بهار (وشو درشن)

سرءَ جي سڪائيندڙ سايہ هيٺان نڪرندو مس تہ ڳس ڪيس اُهي اکين چڙهندا جو چوندو تہ:-

"هيءُ شاهہ هزاري دا نيڙي
تنهن نون سمجهہ نہ سگهندي پئيري
رانجهن دم قدم وچ هويا ،
کهہ گهتان اهہ ڪيڙي
رانجهن ساهہ پساهہ سين هويا ،
ڏي ڏڪان نون قيري
ونحن اقرب آکہ البيلي،
آ بئني وچ ويڙهي
دين دريا دا ڪرم **قطب** تي ،
نت ناز ڪري بذ چيري."

وچوٽي ، جڏهين ويندي ٿي رهي ، تہ روشني روح تي تڏهين ٿي لهي. پوءِ تہ مستيءَ ۾ قوليو نٿو سمائي ، پاڻ ڪي

عتاب ڏني پيو سمجهائي. اجايو تون رڻ ۾ ڀٽڪندو ٿو رهين. رانجهن تہ تنهن جي ماس کان بہ ويجهو آهي، انکي وساري وهين ڪيڏانهن ٿو؟

"رکين ٿو طلب جي دعويٰ،
وتين وحدت وسارين تون."

اڳتي هلي فرمائين ٿا:-

"رکج تن طلب نت تازي، مرڻ مرڻو اڳي غازي"

اها طلب تازي تڏهين ٿي رهي، جڏهين اکين کي هرهنڌ انجو نظارو ٿو ملي. هٿ کي هاڄ سندس هٿ ٿي اچي. ڪن کي واڪاڻ ۽ زبان کي ذڪر پاڻ واڻون ٿو پڙ پئي. پو[*] جت ڪٿ صاحب وسندا، چوندو رهي ٿو "چڙيا چينگاري تون تون. ڪوئل پڪاري تون، تون جي سڀ ۾ تنوار."

"انحد مرلي ڪيا ذذڪارا، نائين نيڻ نهار
اندر هو هو، باهر هو هو، هو هو جا ٿيا هيڪار
ڪرم **قطب** تي ڪري آيو، هادي[6] سائين سانگہ رسايو
عين الحق ٿيو اظهار"

سامي صاحب چون ٿا:-

"اتني پهر وڄي مرلي من موهن جي
ٻڌي ٻن حسن سان، سامي ڪين رچي
توڙي پرين تجي، تب ڏن مڙيوئي ڏيان ۾"

نہ صرف ايترو پر اڳتي وڌي رکندي چون ٿا:-

تن ۾ تنبورو اصل وڄي ٿو آد جو
ٻڌي حو ٻائين چوي، ساڌو جن سورو
جنهن کي گرو پورو - ازغيبي ملي."

POST 8

فقير صاحب فرمائين ٿا :- تہ اهو "وشو درشن" هرهنڌ هو هو "تون - تون" جي تنوار هاديءَ جي هدايت ۽ حڪمت ذاران هٿ ڪين ٿا اچن. ان باري ۾ هادي جي هدايت وارا ڪئين قول آهن جئن تہ جاڳڻ بابت چون ٿا.

"جاڳ سمجھہ هيءَ ساعت ڙي -
نت وجيئي وهاميو راتڙي
ساز سرت جا سپ گڏائين ،
دم دوستن ڪان ڏار نہ ڇائين ،
تان اچيئي هٿ باتڙي ،
جا تن هاديءَ جوت جڳائي - ڪڏ تنهن سان سرت سيائي
ٿي رهج اهائي لاتڙي ،
چت ۾ چٽڪي نام نيارو - لنو لنو اندر تنهنجو نعرو
ڪر تنهن جي تاتڙي"
قطب مهل اهائي آهي - مهر هاديءَ جي ، تان غم ناهي
پاءِ دروني جهاتڙي ،

شيخ فريدون عطار پنهنجي پندنامءَ ۾ پڻ فرمايو آهي "دم غنيمت شمر اي پسر." هاديءَ جي مهر تي صرف پاڻ ڇڏڻ ۽ پاڻ ڪجھ نہ ڪرڻ ، انڪي بہ مجرائي ڏني اٿن ; پر پانڌيڙن ڪي ائين بہ فرمايو اٿن ، جيئن شاهہ صاحب چون ٿا :-

"پاٿهي ايندو بلوچ ، پر تون بہ ٿج ڪا اڳيري
متان ائين چوي بروچ ، تہ ڪمينيءَ مان ڪين ٿيو"

تنهن هوندي بہ هاديءَ جي مهر ڪي مجرائون ڏنيون اٿن ، جو سهاڳڻ سهاڳ ۾ سموري سمايل ٿي رهي ، مريد مرشد ۾ گم

ٿيو وڃي.

هو تہ سدا ئي سدا اھا ٿو الائي :-

"آءٌ ڏڏ ، ڏڏائين ڏڏ ، ڏڏ نہ ڏڏن جھڙو
سٺي آيس سڏ ، ڏاتر تنهنجي ڏات جو"
"مون جيھو ڏڏ ڏيھہ ۾ ، ۽ تو جيھو ڏاتار
جان ڇڪاسيم ڇوڏار ، تہ ڪونھي مور مراد ڇوي"

سامي صاحب پڻ فرمائين ٿا :-

"اھڙي ڪير ڪري ، ساميءَ بنا ستگروءَ
پڳت ، جوڳ ، ونراڳ جا ، ڏٺي پندار پري
انيءَ جوت اندر ۾ ، ستھہ سڏ ٻري
پلڪ نہ ٽٽي پري ، رمتا رام اکين ڪون."

فقير صاحب پڻ فرمائين ٿا :-

ستگر انسا پريم لڳايا هيءَ ، پريم لڳتي اکيان کليان
هرجا درسن پايا هي
ستگر انسي طاقي کولي ، وسر گئي هي ٻي سڀ ٻولي
هرجا هو هو پايا هي
ستگر انسي ڪنجي ڦيري ، وسر گئي هي تيري ميري
هرجا هڪو نام سمايا هي
ستگر انسي ڪنجي لائي ، نام بنا گئي وسر سيائي
هرهنڌ حق سمايا هيءَ
قطب ڪِ ڪيتا جڳ سارا ، باقي رهہ گيا نام نيارا
اها ستگر رمز رلائي هي.

اهڙن الھہ لوڪن ڪِءَ روحل فقير چون ٿا :-

"جنهان رمز رباني لڳي سي صاحب البيلي
وحدت وچ وصال تنهان ڪون نال سجن هر ويلي
دوئي داغ لٿوني دل تون ، نت تنهان دي ميلي

روحل رات هجر دي هتي، مليا يار سويلي"
اڳتي وک وجهندي چون ٿا:-
"جنهن کون نينهن لڳا گهر اندر - ساکيون ٻاهر وتي
جنهن کون تار برهه دي لڳي - چرخي تند نه گهتي
جا ڏي ٻانهه ستي شهه سيتي - سا کيون چرخا کتي
روحل رنگ تنهان دا ڳوڙها - جي عشق رنگت رنگ
رتي"

اهڙا رنگ ۾ رتل هميشه هولي کيليندا ٿا رهن.
"پريم ننگر کي مانهه - شام سون مئن کيلون هوري
بندرابن مون بين بجاوي - چشمان لاوت چوري
لعل گلال کي بادل بني - پچکارن جهک جهوڙي
عطر عنبير کي ڏن متي هيءَ - قيصر ڀرت کٽوري
گگن منڊل مون دامني چمکي - انحد کي گهن گهوري
آپ سون آپهين کينچ ليوهي - پاءِ پريم کي ڏوري
شاهو شاهه کي جب سرلي آيا - پريت لاگي تب موري
غلام علي اب گيان گلي مين - مليو شام کشوري"

نام جو نغارو

راز جو ساز، فقير خاصن کي ٻڌائيندو، مگر وحدت جو واڄو سڀ اڳيان پيو وڄائيندو. انهيءَ واڄي جي تار ٻڌڻ جو هرڪو انهيءَ کي جاڳندو، جو پهرين پاڻ تي پهري سجاڳ هوندو. فقير به چورن کي چيتاوني ڏيڻ لاءِ وڏي واڪي چوندا تا رهن :

"پورا من انسو اوگن کيو، نام صاحب کا مول نہ ليو
درد درونئي چت نہ لائيئي، اپنو، آپي آپ گنوائي
وقت اجايو ويو
نام بنا گئي عمر اجائي، سمجهي تو من سرت نہ لائي
در در ڀٽڪين پيو"

جڏهين جاڻ سڄاڻ کيس پيئي تہ اڳتي قدم رکڻ لاءِ کيس چون پيا :-

"جاڳ سمجهہ هي ساعت ري،
نہ تہ وڃيئي وهاميو راتڙي."

هي خيال تہ هيءَ ساعت ئي آهي، ٻي ساعت هٿ ايندي الاجي نہ عجيب آهي.

POST BY

عطار، پندنامي ۾ پڻ چيو آهي "دم غنيمت" يا جئن اولهه وارا چوندا آهن هت ۽ هاڻ "Here & now" رابعه بصري چوندي هئي تہ بيو دم الاجي ملندو کي نہ، فقير صاحب چوندا هئا-

"ايک نام سي کام ري پائي -
اور کام سڀ جونا ري."

انهيءَ نام سان ٿيڻ لاءِ سالڪن ڪئين ڪاشٽائون ٽا ڪاٽين. پنڌ تہ پاڻڌيڙو پيا ڪن، مگر، جن گس لڌو گرنار ۾، تن هو ڪو هنگلاج جو نہ ڏنو. پر نام جي لام ۾ جي لڳا تن تنوارون ۽ تڪيا هن ۽ هن جا مڙيوئي يڳا. فقير هڪڙي فرمايو آهي :-

"جِڏي هيءَ، هوءَ ڪي، نظارو نظر ڪر."

جن پاڻ انهن ٻنهي طرفن کان ٻئي طرف رکيو آهي، تن کي تجلو طائوسي ٿو طالع ۾ پڙ پئي، يا ڪٽي چنجي، تہ نام جي شام اهڙي تہ آهي جو هيءَ ۽ هوءَ کان جيو جو پاند پالهو ٿيو پوي.

فقير صاحبن بہ تڏهين تہ ڏس اهو ٽا ڏين :-

"هي، هو، ٻئي جِڏياسون هڪ نام سان ٿياسون"

جڏهين انهيءَ اوٽ ۾ هلندي هلندي جيو "پاڻ" پلندو ٿو وڃي تہ "رنگ محل" جي رونق اتس اجالو اچلائيندي ٿي رهي، دم دم ۾ پيو دانهون ڪندو ٿو رهي :-

"آهيان لڳو تہ تنهنجي لام، بيو تہ سجهي ٿو ڪينڪي
هن، هن جڳ کي ترک ڪيائون، ونئي تہ تنهنجو نام
طالب تن ۾ تڪيو بنايو، ڪين پروڙيو عام."

طالب جڏهين نام جي ڪام ۾ ڪاهيندو ٿو رهي، تہ انهيءَ ڳولا جي لوچ، لهيس ٿي تڏهين ٿي، جڏهين وڃي

تڪل ٿانءَ ٿو پئي.   پوءِ تہ صرف ذات جو ظهورو هرهنڌ هر جاءِ ٿو پسي، چوندو ٿو رهي :-

"ذاتي نال رليا ذات - پل گئي سب صفات
هرجا ويکان رانجهن وسندا ،
ڏس دوئي دا ڪوئي نهين ڏسندا
هرڪنهن وائي هکو ئي وات"

انهيءَ سرحد تي پهچندي جيو انهيءَ لاهوتي لقاءِ ۾ ٿو تپيون هٽندو رهي. هو بوليون پيجل واريون آهي ٿو بولي، راز ، آهي ٿو ڪولي، جي صرف راءِ ڏياچ جهڙا سر جو سانگو سٽي ، وجود ڪي واحد سان وٽي ، من متي ، لوڪ جي بوڪ ۽ ٿوڪ ڪي لٽي ، چوندا ٿا رهن :-

"لقا جي لقا ۾ وجي دل اڙي ،
فنا جي فڪر سان بقا ٿي ڪڙي."

جڏهين نہ لقا جي لقا ۾ دل ٿي وجي اڙجي تہ اتان جند جيئري چِٽ مشڪل ٿي ٿئي ۽ جڏهينْ وري اُت فنا جي فنائي ٿي ٿئي تہ بقا ڪڙي ٿي پئي ٿي. پوءِ هيءَ دنيا هڪ نهر جي وهڪ وانگيان اجهل ۽ بي بقا ٿيو پوي. پر پنڌ اجا پراهون آهي، حد تہ فقير ڪي آهيئي ڪين.

"حد سي جو بيحد چلي ، اُس ڪا نام هي پير
حد بيحد سي جو نيارا ، اُسا ڪا نام فقير"

هڪ ڪنڌيءَ کان ڪشتي هاڪاري ، جا وچ سير تي ايندي ، تنهن ڪي بہ ڪنڌيون نظر ايندي‌ون. مگر مها ساگر جو مشتاق جڏهين جاڪوڙ ۾ جان وجهي اڳتي وڌندو تہ ڪنهن وقت ڪيس ڪاب ڪنڌي نظر نہ ايندي.

"اورار نہ پرار ، ويچاريءَ وهہ وچ ۾
سڪي ڏني سپرين ، ٻلو مڙوئي تار
تون گهڙ ڪيم نهار ، ٻڏندن سين ٻاجهون ڪري."

POST BY:

تون گهڻ ڪيم نهار ، ٻڌندن سين ٻاجهون ڪري."

اُن وقت آسرو الڪ ڏاران ڪهڙو ٿي ٿو سگهي؟ سهڻي ٻه انهيءَ لڪ ۾ جڏهين اچي ٿي رسي، ته دانهون ۽ آهون دستگيريءَ لاءِ ڪيتريون ٿي ڪري. "ترهو ڇنج ۾ تار ۾ رسج تون رحمان" پر اها ٻه هڪڙي حد. انهيءَ حد کان مٿي ٻي حد جت منصور واري "اناالحق" جي انحد ڌني وڄندي رهي، تڏهين فقير صاحبن فرمايو آهي :-

"جڏهان واس اناالحق آئي،
بي خود هوڪي خودي گنوائي"
"جر تر تڪ تِوار ، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي
سيڻي شيءِ ٿيا ، سوريءَ سزاوار
همه منصور هزار ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين."
"سيت پچار پرينءَ جي، سيت هوت حضور
ملڪ مڙو منصور ، ڪهي ڪهندءِ ڪيترا."

جڏهين خودي وڃي ٿي ته دم قدم وڃي حقئون حق ٿو ٿئي ۽ جدائيءَ جو جزو نٿو رهي.

وار جيتري وٿي، پلڪ جي جهلڪ جيتري جدائي، جيو ترار کان تکي گهاتي ٿو محسوس ڪري. مگر جڏهين وحدت جي ويڙهي ۾ پير ٿو پائي ته هستي هار ڪائي هٿيو ٿي وڃي. پوءِ ته

"مستيءَ ۾ مخمور قرن ٿا- مستيءَ لاهه وڃائي" اهڙيءَ اهڙيءَ اوستا ۾ جڏهين عاشق اچي ٿو ٻهي، تڏهين هن جي حالت اهڙي ٿي ٿئي، جهڙي سامي چوندا :-

"منجهين تن تنوار ، وڃي ويل هرڪنهن
چنگ تنبورا ڪيترا ، سامي ساز اپار
اندي پهر اندر ۾ ، پل پل پرينءَ پچار

ڪنهن ڪنهن مگٿهار ، سوجهي هن سرود جي"
اهڙو جيو جنس ۽ انس جو انت گم ڪيو ڇڏي ۽ "گوپي"
ندرابن جي "پريم پتلي" بڻجيو ٿي پوي ۽ ويڻي لنوي :-

"مڌر ، مڌر ، مرلي ، ڪان وڄائي مک سان
ٻڌي گوپي گوار جي ، سامي سرت پلي
اوديا ڳنڍ کلي ، ڏسي منهن محبوب جو ."

POST BY: YAMNA ...

وطن ورڻ

جواني ديواني آهي. اُنجا لاڙا عجيب ۽ اسراري آهن. اهڙي طاقتور، شهه زور، زوراور جي ظلم ۽ ستم کان سري پاسو ڪرڻ، پاڪدامن ۽ پارسائن جو ڪم آهي. هندو خواهه مسلمان، عيسائي خواهه يهودي انهيءَ نقطي تي يڪراءِ آهن تہ جوانيءَ جي اجهاڳ جهاڳ ۾ جالڻ جوکائتو آهي. جيسين جڳياسوءَ ۾ جوت جاڳي ۽ اُنهيءَ جوت مان ڪا جبري طاقت جڙي، تيسين جيو ڪي ڪنارو ڪري، جبل جهاڳڻ گهرجن. رڻ ۾ راتيون ڪاٽيون ضروري ٿيون ٿين.

قطب شاهه جن جي مرشد سائينءَ بہ اها اشارت اک ۾ رکي تي ڏسجي. جو چاليهه ورهيہ لاهوت ۾ پورا مس ڪيائون تہ ڪين حڪم ڪيائون "واڳہ وطن ڏي ورايو. جبلن ۾ گهڻو ڪي جهاڳيو اٿو. هاڻ ڪو عرصو اچي اسان اڳيان گذاريو."

سج جڏهين مانجهاندي جي ٽامڻي هٽي، اولهہ طرف آلهہ ڪندو آهي تہ سندس ڪرڻا تک ۽ تاب ڇڏي آهستي آهستي شوخي تياڳہ ڪندا منڙا ٿي پوندا آهن، جن ۾ رنگہ برنگي رونق پسي شاعر ۽ فيلسوف، جيوت جي لهر ڪي ڏسي ڏٺي

تعاليٰ جي ڏور ۽ ڏر جو ڏانوڻ ڏائيندا آهن؛ مگر جڏهين پڙ جوانيءَ ۾ عشق اچي ٿو دل تي ويهي، ۽ دل انهي ديس ۾ ٿي پيهي، جت "سج نہ چنڊ ڪو، نڪو رات نہ ڏينهن" پوءِ تہ اننت ڳولا ۾ جيو وڪون وجهندو ٿو رهي.

والد ۽ مرشد جو حڪم برچشم ڪري، منزل پنڌ ماڳن تي مڙس مانجهي اچي رسيا. عامن لاءِ عجب هو تہ مانجهيءَ سانجهي ڇو لاتي، مگر راز محرمن لاءِ تہ عيد هئي تہ جبلن ۾ ڪيمياگر ڪينءَ انلاءِ رکيو هو تہ سندن صفات بدلجي ذات ٿئي. واپس وري، هڪڙي خاص اوطاق ۾ رهڻ لڳا.

ڪجھ وقت رهيا تہ رهاڻ ڪندي ڪندي، اهو سر هلايو ويو تہ ڪين شادي ڪرائجي، مس مس جند آزاد ٿي هين، سو وري پاڻ ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ واجب نہ سمجهيائون؛ پر وري بہ واڳ ڌڻين جي هٿ ڏنل سمجهي، وڏيڪ ضد ڪرڻ واجب نہ سمجهيائون ۽ ستگرن جي حڪم ۾ "پلانيءَ جا پيڙ" پسي ماٺ ۾ رهيا. هنن ڪين ائين بہ فرمايو "جيئن تون اسان مان لعل پيدا ٿيو آهين، تيئن تو مان بيا لعل پڻ پيدا ٿيندا."

سندن قول موجب ڪين بہ فرزند ٿيا، هڪڙو روشن علي شاهہ ۽ ٻيو ثابت علي شاهہ.

انهيءَ وقت ڌاري سندن والد خاڪي جامو بدلايو ۽ سندن گهر واريءَ بہ وفات ڪئي، ٻيون دفعو مائٽن ڪين وري انهيءَ گهيڙ ۾ گهيڙيو، جنهن ڪان پاڻ پري رکڻ ٿي گهريائون. انهيءَ گهر مان بہ ڪين هڪڙو نينگر ڄائو، جنهنجو نالو شمس الدين شاهہ هو.

ساڌ سنگت

"جنهنکي رنگ لڳو ، سامي ساڌ سنگت جو
اٿي تنهنجي گهر مون ، اوديا ٻوت ٻڳو
ڪيائين صاف سمجه سان پڇو ۽ اڳو
وڪٽي ٻور ڏڳو ، ستھ مليو سروپ سان"

چقمق کي پنهنجي وٽ آهر ذاتن کي ڇڪڻ جي طاقت آهي. مگر اها مقناطيس ماٺهوءَ ۾ ذاتوءَ جي چقمق کان ڇڳيءَ ويڪر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هٿ اچي ٿي سگهي. خيال هڪڙي سگهه آهي، جنهنکي ور ور ڦيرائڻ سان بجلي پيدا ٿي ٿئي ; اها بجلي برقي طاقت کان باريڪ ۽ وڌيڪ قوت واري ٿي ٿئي ; اها ماٺهوءَ ۽ مرونءَ کي پنهنجي دام ۾ قابو ڪري ٿي سگهي ; پر اها طاقت تيز ۽ تيجدار جيڪي سو وڌيڪ ٿي ٿئي ، جڏهين اڻ تي "نام" جي اٽل بجليءَ جو تجلو ٿو لهي. تڏهين تہ ذاتوءَ جا چقمق ، متيءَ مثل ٿيو پون.

اهڙي اسم واري چقمق ، چيتن چت ، کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺي يا ڇڪجيو وڃي. ماکيءَ جو واس مکين کي پني مس ، تہ ميڙاکو ڪيو اچن. گل تي بلبل جي نظر پيئي ، تہ قولي تہ

سمائبي. ڏٺي تي پتنگ جي اک پيئي نہ آهي، تہ سر جو سانگو ڇڏي اچي آتس لامارا ڏيندو. تانجو سڙي خاڪ ٿي ويندو. ساڳيءَ ريت خدائي گل ٽڙن، تہ سوين سودا اچي سائن سرت ملائن ۽ هڪ ٻئي جي جوت جو جلوو وڏائين. جبل مان الاجي جوت کھڙي آندائون، جو ستت ئي ڀائي ڪيشورام سائين دلپت رام صاحب جن جو گادي نشين وٽن سري آيو. ڀائي گوبندداس مانجهند وارو بہ وٽن وري آيو. ٿنهي خوب پنڌن ۽ گسن جا هڪ ٻئي کي ڏس پتا ڏنا ورتا. سور سختين جو اوراڻو اوريندا، دم سوريندا رهيا. سورن واريون سوراڻتين سان ئي هيان هلڪو ڪنديون آهن.

ڀائي گوبندداس تہ جڏهن جڏهن حيدرآباد ۾ ايندا هئا تہ ڀائي ڪياداس سان گڏجي فقير صاحب سان ملڻ ويندا هئا. ڀائي ڪيشورام صاحب چولو مٽيو تہ سندن جاءِ نشين ڀائي هريرام، ڀائي آتمارام پنهنجن وڏن جي واٽ وٺندا رهيا.

ڀائي دلپترام جو پوٽو، ڀائي رگھومل ۽ سندن بہ پٽ مسٽر ڪرمچند ۽ مسٽر ٻالچند فقير صاحبن جي صحبت ۾ آيا ۽ گھڻوئي سندن پيار لورياڻون.

"صوفي سنر سين ۾ - جيئڻ رڳن ۾ ساهہ"

"صوفي" صفا ۽ صاف ٿو رهي. "صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود تو" ان ڪري چيو اٿن "صوفي لا ڪوفي، ڪونہ ڀانئيندو ڪير." هندو خواهہ مسلمان، سندن سنگ جا سڪايل هوندا هئا. ڪچ ڀج وارو ڀائو عربيداس، جڏهين جڏهين حيدرآباد ۾ ايندو هو تہ وٽن ويندو هو. سندن مذهب "محبت" جو مذهب هو. ڀائي هريرام ساڌٻيلي واري جو ڀاءُ منشي ڪرمچند سندن صحبت ۾ آيو، جنهن پڇاڻا وري مسٽر جهامنداس مشتاقرام سندن سنگ ۾ آيو.

فقير صاحب سڀ ڪنهن جي مذهب کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. فرمائيندا هئا تہ ذاتي تعاليٰ جيڪي ڪيو

POST BY ...

آهي ، تنهن ۾ حڪمت رکيل آهي.

ٻه هندو مسلمان

هڪڙي ڀيري ٻه هندو حيدرآباد ۾ مسلمان ٿي ٿيا. هندن هننکي گهڻي هدايت ڪئي پر هو نه مڙيا. تنهن تي ڀائي **ڪلاچند سنت** (حيدرآباد واري) فقير صاحب ڏانهن چوائي موڪليو ته توهين هننکي ڪا هدايت ڪريو. تنهن تي فقير صاحب ٻنهي کي گهرائي ڪانئڻ حال احوال ورتو.

فقير - "ابا اوهين اها ڳالهه ته قبول ڪندا ته جيڪي ٻه ڌڻي تعاليٰ ڪري ٿو سو حڪمت سان ڀريل آهي ؟"

جوان - هائو سائين

فقير - خدا اوهان کي هندو ڌرم ۾ جنم ڏنو آهي ۽ اوهان جي ڀلائي انهيءَ ۾ ئي ٿيندي. ڌڻي تعاليٰ کي ايها توفيق هئي، اها سمجهه هئي ته جي اوهان جي ڀلائي ٻئي ڪنهن رستي ۾ سمجهي ها ته انهيءَ ريت نه ڪري ها ڇا ؟

جوان - بيشڪ

فقير - تڏهين ته ابا صاف ظاهر پيو آهي ته جي اوهين ڌڻيءَ جي رکيل دڳه کي ڇڏي واٽ ٻي ئي ٻي وٺندا ته مالڪ جي ڪئي کي پٺي ڏيندا نه ؟

جوان - هائو سائين

فقير - تڏهين چو ڪين اوهان هندو ڌرم تي پختا رهي پنهنجي سائينءَ کي ياد ڪريو

جوان - اوهان جو حڪم سائين بر سر آهي. اسان توبهه ڪئي. وري اهڙو وهم دل تي نه آڻينداسين.

فقير تڏهين ڪين چيو "ابا ، شل نام سان رهندي اچيو."

ٻئي وقت جي ڳالهه آهي، ته روهڙيءَ جو نو نهال جو انوقت ميڊڪل اسڪول جو وديارٿي هو ، الڪ جي پار جو ڪس

۽ ڏس ونڻ لاءِ وٺن ايندو هو. هندو مسلمانن جي گڏ کائڻ جي ڳالهہ اچي نڪتي، جنهنتي فقير صاحب فرمايو تہ، "ابا آهي ٻنهين جي وچ ۾ بصر جو پڙدو، ايهو پڙدو اللهہ رکيو آهي، اسان کي اُن تي ثابت قدم رهڻ لازمي آهي."

اهڙا خيال فقير صاحبن جا ڏسي، ديوان دولترام چيئمل وڪيل سندن جاءِ جي پرسان ننڍي جاءِ هندن جي رهڻ، خواهہ رڌڻ پچائڻ لاءِ جوڙائي. اُنهي جاءِ کي پاڻ هميشهہ تڪاڻو سڏيندا هئا.

فقير صاحب کي چپ صاحب، گيتا ۽ سڪمني ٻڌڻ جو نهايت شوق هوندو هو. ڀائي رتنمل گهٽو ڪري هرروز وٽن ويندو هو، کين سڪمني صاحب پريم سان ٻڌائيندو هو. وقتي وقتي فقير صاحب جن موج ۾ اچي چئي وجهندا هئا :-

"واهہ، ڀائي رتن لعل واهہ!! صاحبن بہ واهہ جو نعرا هنيا آهن!" هندن جي گرن ۽ گرنٿن لاءِ کين عزت هميشهہ هوندي هئي. فقير هميشهہ "نام" جو عاشق ٿئي ٿو. پتنگ ڪٿي بہ جوت ڏسندو تہ اُن مٿان قربان ٿيڻ لاءِ تيار ٿيندو. نام جي مهما جت ٻڌندو تہ ڦوليو نہ سمائبو. محبوب جي ساراهہ جئن جئن سندس ڪنين پوندي تئن ويندو ويڪرو ٿيندو. جئن جئن پانڌيڙو ويندا وڌندا تہ خوشيءَ جي خماري جان تان ڪيس جهجهي ٿيندي.

فقير صاحب جن تہ "نام" جا ڪوڏيا هوندا هئا. انهيءَ وارتا ڏاران ٻي ڪابہ ڳالهہ شوق سان نہ ٻڌندا هئا.

ڳالهہ ٿا ڪن، تہ ڪنهن وقت سندن فرزند اچي وٽن ٻنين جي باري ۾ گفتگو هلائي. فقير صاحب کيس چيو، "ابا، ٻني هٽ اوطاق ۾ تہ نہ ڪندين ؟"

POST BY

جيڪڏهين ڪو پڇندو هون "سائين اوهين شيعا ڪي سني؟ چوندا هئا "ابا اسان وچ جي مڻي!" اهڙي نام جي عاشق وٽ هندو نونهال گهٽيئي گهلجي آيا. چاڪاڻ تہ صاحبن جو بہ فرمان آهي تہ هريءَ جو ڀڳت پاتال ۾ لڪل هجي تہ آڪاش ۾ انجو اجالو ٿيندو!

"ڀڳتي ڪريءَ پاتال ۾ پرگهٽ هوءَ آڪاش
رجب تينون لوڪ ۾ ڇپي نہ هرڪو داس"

ڀائي ڪيمچند حيدرآباد وارو سندن صحبت ۾ اچي رهندو هو. مرندي گهڙيءَ سندس مائٽ ڪيس نازڪ حالت ۾ گهر ڪٽائي ويا، نہ تہ هن پريميءَ گهڙيءَ ۾ گهاري، وس پڇندي نہ وڌي.

ديوان تاراچند آسودومل ٽلٽيءَ وارو، سندن صحبت ۾ آيو، سرڪاري نوڪريءَ کان فارغ ٿيڻ بعد، ايڪانت ۾ اڪسير هدايت ۽ ڪيميائي سعادت ابياس ڪري، هندي پارس ڀاڳ جو سنڌي ترجمو عامن جي ڀلي لاءِ تيار ڪري ڇپايو آهي.

ڪنيءَ ۾ ڪاريگر ڪپڙ ڪيتروئي ٿو وجهي، مگر هرهڪ ڪپڙي تي رنگ پنهنجي مرضيءَ موافق ٿو چاڙهي. فقيرن، جن پاڻ سائينءَ جي حوالي ڪيو آهي، تن سان بہ ساڳي حالت آهي. ڪپڙا تہ ڪجي نٽا سگهن، مگر انسان تہ وهم ۽ فهم جي قيري ۽ قند کان فارغ ورلي ٿا ٿين. تن ۾ ڪي سائينءَ جا پيارا تي ٿا پون، جي پنهنجي رضامندي يا اڳلي جي اٿل آڪرشڻ ڪري پنهنجو هيڻئون هاري ٿا وهن. پوءِ تہ اتن حال ٿو پڻجي پوي.

اهڙن مان هڪڙو ڀيرو جوان، روهڙيءَ جي ديوان سڄانسنگهہ منشاراماڻي ڪل جا فرزند روچلداس انوقت پنهنجن سنگتين کان فقير صاحبن جي ساک ٻڌي وٽن هلي آيا.

ملاقات ڪرڻ ۾ ڪين مشڪلاتون جيئن ويئون پونديون، تيئن سندن شوق وڌيو وڌندو. سائين وسترام ۽ سائين پاروشاهه جي پاچي هيٺ ته ننڍي ڪان رهندا آيا هئا. اشارو ٻه اُتان ئي راتين اوجاڳي ڪندي ڪين ٿيو هو. تانگهه تکي هين، تحليقون تانگهه واري کي پاڻ تائي تازو ٿيون بنائين. من گهرني ميلي جي مند جڏهين آئي ته تڙڦندڙ دل لاءِ ٿي سامت سئائي، فقير جي نظر مٿن پيئي مس، ته چيائون "ابا ايتري اوير ڇو ڪئي اٿو؟" بس پو" ته ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي جو وچاندر ڪير وٺي؟

روچلداس تي نالو ئي اهڙو شايد رکيو ويو آهي جو سدا پنهنجي روچڪ روچي جا داس بڻيا ٿا رهن. سندن ستگرن جي اُتن پڻ اهڙي مهر ٿي ٿي پائنجي.

حيدرآباد جي ميڊيڪل اسڪول ۾ پڙهندي، نوجواني ۾ ئي محنت جو دڳ وٺي پنڌ هٿندا آيا. فقير جو هٿ ٻه سدا سندن مٿان هوندو هو. جيئن جيئن ويا مرشد جي بتايل راهه وٺندا، تيئن تيئن مهر اُتن وٺي جهجهي ٿيندي. تانجو اڄ تائين لوڪ خدمت ۽ چاڪري جي ڪم ۾ ٦٧ ورهين جي جمار هوندي ٻه جوانن کان جبرا ۽ جريت وارا ٿي پيا ڏيسون ديس شيوا ڪندا رهن. "نام" جي صدقي يعني جي نام جي نالي جي خدمت ڪندا، تنکي گهرج ڪيئن گهيري سگهندي؟ اها ٻه اُتن مالڪن جي مهرباني آهي. پنهنجي حياتي ۾ ڪين چوندا هئا ته "فقير دنيا کي اوهانجي ويجهو اچڻ نه ڏيندو، پر هٿ ٻه اوهان جو تنگ نه ڪندو."

محنت ۽ ڪمائي، پنڌ ڪري هنڌ حاصل ڪن ٿا، مگر قرب جي ڪٿ ڪهڙي ڪجي؟ مهر، فرش تان عرش تي اڏائي سگهي ٿي. محبت جي قيمت جو قائل ڪڇ نٿو هٿ ڪري سگهي. باقي سندن سرويچي ڪيس ويجهو ڪندي ٿي رهي ۽ اها عزت

POST

ٿي لهي جنهن تي لکين لوڪ فدا ٿيو پون.

فقير صاحب گهڻو ڪري پنهنجيءَ جاءِ کان ٻاهر ڪين نڪرندا هئا. مگر ڪڙي دفعي پنهنجي پريمي ٻالڪن ڊاڪٽر روچلداس ۽ ڊاڪٽر گهنشامداس جي گهڻيءَ سڪ ڪري، سندن عرض تي روهڙيءَ ويا. سندن سنگت ۾ مسٽر جهامنداس ۽ ٻيا هندو مسلمان فقير پڻ هئا.

روهڙي فقيرن جو مڪان آهي، جيڏانهن نهار ته فقير جي درگاهه جو سينگار اکين ايندو. اهڙي مبارڪ ملڪ، زنده فقير جو ڪيڏو نه قرب ۽ قدر ڪيو هوندو. تنهنجي ڪٿ ڪهڙي ماپي سان ڪجي؟

ديوان ميٺارام، ڊاڪٽر روچلداس جو مربي پاءُ. ڀائي وسٽرام صاحب جو ٻالڪوءَ سندس ننڍو ڀاءُ ديوان تاراچند اهڙي خدمت جا نه ڪوڏيا هئا. ڪين ته جڻ خدائي خدمت جو وجهه ملي ويو. هنن فقير ۽ سندن سنگت جي چڱيءَ پر خدمت ۽ چاڪري ڪئي.

بيدل سائين روهڙيءَ جو "جهنڊو" آهي.

سندن درگاهه تي فقير صاحبن جي وقت ۾ ڀائي ڪشنداس رهندو هو. هنڪي فقير صاحب جي خبر ملي ته اچي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪين پنهنجي هاديءَ جي درگاهه تي وٺي ويو. جت سڄي رات ڪلام هليو. آواز بند ٿيڻ بعد رهاڻ جو دور جاري ٿيو. پانڌيڙن پنهنجن پنڌن جا احوال اوري، اڳتي وڌڻ جا اشارا حاصل ڪري وقت سجايو ڪيو. مٿان پرهه ڦٽي پرڀات ٿي، پکين به سيريا پر ته فقير صاحبن به پنهنجي سنگت کي فرمايو "ابا اوهان به وڃو هلي پنهنجا تر." ايهو اشارو معتقدين سيڻي ساٿي اٿي کڙا ٿيا ۽ فقير صاحبن جي اڳواڻي هيٺ اچي ڊاڪٽر روچلداس جي اوطاق تي پهتا.

بس ، پوءِ تہ سوالين ۾ سائين جي پيارن جي پٽي بازار کلي. سڀ هڪ ٻئي کان اڳرا تہ سودو پنهنجو وٺي چڙهيون، متان بزار بند ٿي نہ وڃي. اهڙي بازار جي سوداگرن جو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي، مگر تڏهين بہ ڪن پيارن کان ڪنارو ڪرڻ ڪنن. اُنهن مان هڪڙو ڀائي گوبندرام، (جنهنجو اصلوڪو نالو ڀائي چيتومل هو) ويراڳہ ورتي ۾ وقت گذاريندو هو. سندس پتا ماتا ڪي ايها ڳالھہ ڏکي ٿي لڳي. هنن فقير صاحبن کي اچي عرض ڪيو "سائين اوهين گوبندي کي حڪم ڪيو تہ شادي ڪري."

فقير- "ابا هن جي حالت اهڙي نہ آهي جو هن تي ايهو بار رکي سگهجي؛ مگر جي پنهنجيءَ رضا، خوشيءَ سان اها ڳالھہ قبولي تہ وس وارو آهي."

فقير صاحب تڏهين ڀائي گوبندرام ڏانهن منهن ڪري چيو- "ابا اوهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟" تنهنتي هن ورندي ڏني "سائينجن جيڪي منهنجن مائٽن کي چيو آهي سو ٺيڪ آهي. مونکي حڪم ڪريو تہ جيوت جو عرصو سائينءَ جي سمرن ۾ گذاريان." فقير صاحب تڏهين فرمايو "ابا گهرجي بہ ائين." ايهي اکر ٻڌندي سندس مائٽ چپ، مگر ساري سنگت، ٿوري وقت لاءِ چپ ۾ اچي وئي. گوبندرام ان بعد پنهنجي آخر دم تائين ايشور سان اوراڻا اوريندو دم سوريندو رهيو. هن پرٿوي منڊل تي سندس عمر جو سمو ڪو ٿورو هو. جلد ئي ڪيس خاوند پاڻوٽ سڏائي ورتو. هاڻي بہ اُنهي آستاڻ تي هرروز ڪٿا ۽ رهاڻ ٿيندي آهي. هر سال چڱو ميلو لڳندو آهي.

"نام" جي لاري لڳڻ ڪري جيو کي فائدو ٿئي ٿو. مگر جن آستانن تي ويهي مردن ڏني لڳائي آهي اُنهن ۾ سندن ڪمن ۽ دمن پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. اصل ۾ "نام" جي سنگہ ۾

POST BY

رهڻ ئي زندگيءَ ۾ زيب ۽ زينت ٿو آڻي. سائين آهي قرآن شريف جي قول موجب "ڪل حسن" "ڪل عشق." انهي جي سنگ ۾ حسن جي هبڪار هڻ نه ايندي ته پيو ڇا؟ بس هڪ دفعو انهي حسن، اکين ۾ آڪيرو بڻايو ته اُتان اُنجو اُکڙڻ مشڪل آهي، پوءِ ته پانڌيڙوءَ کي ڏيءُ چو ٿو ٿئي، جڻ پيو وکش وڌائيندو تڻ پيو پائيندو ته اجان اُج اُجهائي سگهيو ئي نه آهيان. آخر دم تائين سڻون پائيندو رهندو. ان ڏاران ڪيس آرام ايندو ئي ڪين. هو ته هينئون حبيب اڳيان هاري وينو سو وينو. شاهه صاحب پڻ سهڻيءَ کي صلاح تا ڏين :-

"هاري! حق رکيج، سانپارا ساهڙ جو
خواب، خيال، خطرا تن کي ترڪ ڏئيج
اندر آئينو ڪري، پڙ ۾ سو پسيج
انهم راهه رسيج، ته مشاهدو ماڻين"

باقي لڳ لوڪ سان ڳڏيا اٿس. انهي لڳه تار چرخي چورڻ ڪري قلب جي مر لهندي ٿي رهي. آخر اهو اهڙو اوجل ۽ صاف ٿيو پوي جو آرسي به اُن اڳيان ڪنڌ جهڪايو ڇڏي. دنيا ۾ جيڪي وهي واپري پيو، اُنجو عڪس منجهس پيو پوي. انهيءَ ڪري فقير اندر جي ڳالهه سمجهي تا سگهن.

اڄ ڪالهه جي زماني ۾ وگيان، ورزش ۽ ساڌنائن سان اها ڏات حاصل ڪرڻ جي همٿ رکي آهي ۽ گهڻي قدر ڪاميابي به حاصل ڪئي اٿس. تنهنڪري عام طرح جنهنکي اها طاقت هجي، ته اُن کي هرويرو فقيرن جي قطار ۾ شمار ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. ڪن کي اها سگهه سمرڻ ڪرڻ جي ڪنهن ڏاکي تي پير

رکڻ سان پڙ پئي ٿي. **فقيري**[4] **جو پنڌ اجا تہ گھڻو پري آهي.**

فقير صاحبن تي تہ اها بخشيش "نام" جي نالي مان ئي پيدا ٿي، سندن ڪنڌ سدا صاحب اڳيان جهڪيل هوندو هو. اندر جي ڳالهہ سمجهڻ تہ هنن لاءِ ڪا ڏکي ڳالهہ هئي ڪانہ

ڊاڪٽر روچلداس ڪي اون اهائي هئي تہ فقير صاحب سندس عرض ڪرڻ تي پڪي ۾ پيهي آيا آهن. مٿان ڪا سندن خدمت ۾ ڪوتاهي ٿي، اهڙي اون اتي پريم ڪانسوا[5] مشڪل ٿي سگهندي. عام رواجي طرح حاڪم يا بالا عملدار جي چاڪري ۽ خدمت ڪرڻ ۾ ماڻهو چست رهندا آهن. جو ڪين دنيوي مرتبو ۽ عزت حاصل ٿيڻ جي اميد رهندي آهي، پر فقير جي خدمت اهو ڪندو، جنهنکي ڏٺي[6] پنهنجي طرف کان گهريو هوندو. فقير صاحب پنهنجي بارڙي ڪي هيترو پاڻ پتوڙيندي بہ اون ۾ رهندو ڏسي رهيو نہ ويو. سندن دل اُڇل ڏني ۽ کيس فرمايائون "ٻچا توهان ڪا اون نہ ڪريو. وڃڻ وقت بہ اسانکي سڙ رپيا ملندا، جي سنگت جي سفر جي سر انجامي ڪندا." جيو جڏهين جڏهين ڪوبہ ڪاريہ ڪري ٿو تہ کيس انجي ڦل ڏاران پنهنجي مٺڙي جي راضي ڪرڻ جي خواهش سرسيري ٿي رهي، اها خواهش ئي آهي، جا سمي پائي مان ۽ عزت ٿي لهي. **جگياسو[7] ۽ سهاڳڻ ڪي سهاڳہ جي راضپي ڏاران بنئي ڪنهن ڦل جي اچا نٿي رهي.**

بلاشاهہ سان جڏهين سندس مرشد **شاهہ عنايت** سائين ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ٿي پيا، تڏهين نيڻن جي ننڊ حرام ٿي پيس. رات ڏينهن کيس چورا ڪورا اهائي تہ رٺل راڻو الاجي ڪيئن ريجهائي سگهندس. حيلا هڙئي ۾ هن حد ڪئي. آخر ڪن

نوپائي، راڳڻي جا ويس وڳا پهري، مشهور راڳيندڙ جي ٻالڪي ٻڌجي، اڇي پنهنجي سائين ٔ اڳيان مجرو ڪيائين. شاهه عنايت جي ڪن تي جو آواز پنهنجي ٻالڪي جو پيو، تنهن هڪل ڪري چيس "ٻلا ائين" ته ٻلا شاهه ڪٺي حياو وچان ڪنواري ٔ وانگيان ڪنڌ هيٺ ڪيو. پانڌيڙو هميشهه اها ڳالهه تازي رکندا ايندا آهن ته راضپو راڻل جو هٿ ڪرڻ لاءِ ڪابه قرباني وڏي نه آهي. ٻي سرنامئه جي چوندڙ چڱو چيو آهي "**سر از قدم يار فدا شد چه بجا شد**" يعني يار جي قدمن تان سر قربان ٿيو ته ڇا ٿيو ؟ جيئن شاهه ڀٽائي فرمائين ٿا :-

"مٿي اُتي منهنجي هوا سرن سو هزار
ته تنهنجي ساڻ تنوار، هر هر وڍيم هيڪڙو."

ڊاڪٽر به خدمت ۾ هڪيا ۽ حاضر بيٺا رهيا، فقير صاحب به ڪين چڱي ٔ ريت پي ڏٺو ته ڪنن نه قرب جا ڪنل خدمت جو خاصو چتر تي بيٺا آهن. **خاوند جي خادم جو قدر نه ڪري، يتار جي پنهنجي ٔ وني ٔ جو قدر نه ڪري، ياءَ جي پيڻ جو قدر نه ڪري، ته الاجي قرب جو قدر ٿي ڪٿي.** انهي قدر جا ڪانگي قرب وارا آهن ڪين، پر ته به انسان جڏهين هن جامي ۾، هڏ چم وهيٺو تي ويچارو تو تني، ته ڪيس انهي ٔ قدر، انهي آڌر جي اون ڪنهن وقت اتپن تني تي. قدر وارا اوس قدر ڪرڻ ڪان پوئتي ڪين ٿا پون. اهو اعتقاد ته خدمت خالي نه ٿي وڃي ۽ جي هيو ڪي به حاصل نٿو ٿني ته جيو جو چٽ ۽ من ئيچي راس ٿا ٿين. فقيرن تڏهين ته شيوا، يا رياضت تي زور پٺي رکيو آهي.

ڊاڪٽر روچلداس ڪي ان وقت ڪان ئي ستگرن جي سيوا جي ستي پيئي تي ڏسجي، جو اچ تائين سندن خدمت ڪرڻ ۾ قدم پوئتي ڪين پٺي رکيو اٿن. سگهه به سگهارا ڪين بخشيندا

ٿا رهن، جو عمر جي لاهہ جو اچا تہ خيال ورلي ٿو ٿئين. اهڙي چاڪر جي چٽ تي شايد فقير نانڪ يوسف جي چوٽي چٽيل تي ڏسجي. جنهن چيو آهي :-

"چاڪر چاڪر ڪر رهيا ، مئن بہ هڪڙا چاڪر
چاڪران دي لائق نہ هئاسي ، آپ ڪيتوئي چاڪر"

اُن وقت ڊاڪٽر ڪي فرمايائون "ابا ، فقير اوهان وٽ ڪهي آيو آهي ، گهرو جيڪو گهرٽو هجيو" حياو ۽ شرم جئن استري جي حسن جا سنج آهن ، ساڳيءَ طرح سائين جي پنڌ پنڌ وارن لاءِ بہ اهي ٻہ گڻ ضروري ڪري چيا اٿن. وڏن اڳيان وات نہ هلائڻ ، اوچي ڳاٽ نہ وهڻ ۽ نہ هلڻ ، نيچي نگاهہ رکڻ ، جيو ڪي وڏيڪ پيارو ۽ سونهارو ٿا بنائن ، حجت هوتن سان هلڻ ، سينو ساهڻ ، گهر گهر ڪرڻ ، گهپي ۽ ڪل ڪل پنڌا ڪندڙ آهن.

شاهہ صاحب فرمائن ٿا :-

"سيپئي سهاڳڻيون ، سيني ڳچيءَ هار ،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي ، سهسين ڪن سينگار
ڊول تنين جي ڊار ، هيٺايون هلن جي."

ڊاڪٽر جا مربي پائر. فقير صاحب جي ڪچهريءَ ۾ ويٺل هئا. اُنهن جي اڳيان هيءَ ڪجي نہ سکهيا. جڏهين فقير وري بہ ساڳيو سوال دهرايو "ابا ، فقير توهان وٽ ڪهي آيو آهي ، گهرو جيڪي گهرٽو هجيو." وري بہ ساڳئي سبب ڪري ڊاڪٽر چپ ۾ رهيا. وري ٽيون دفعو فقير ساڳي هڪل ڪئي. شرع موجب ٽي دفعا ڪنهن بہ ڳالهہ ڪي پڪو ڪرڻ لاءِ ليکيا اٿن. ڊاڪٽر روچلداس تڏهين هٿ ٻڌي جهيڻي آواز ۾ ڪنڌ زمين ۾ ڪپائي عرض ڪيو "سائين نام دان بخشيو." فقير صاحب پنهنجي اميدن پرئي بالڪي جي واتان دل گهريا وچن ٻڌي نهايت خوش ٿيا ۽ فرمايائون "ابا ائين ئي ٿيندو. گهرڻ بہ اهو

ٺي گهرجي."

روهڙيءَ مان منزل پٽڻ کان اڳ ڊاڪٽر روچلداس جي گهر پڻ پيرڙا پري ويا. سندس گهر واريءَ کي پڻ فرمايائون ته جيڪي گهرٽو هجيئي سو گهر. هن تڏهين چين، سائين منهنجي پتار کي وڏيي حياتي بخشيو. پاڻ کلي فرمايائون "سندن وڏي حياتي اڳيئي آهي، پر تون چوين ٿي ته اسان حياتي اڃان به وڏي ڪري ٿا ڇڏيون." سائينءَ جا پيارا جت جت پاسو ڪوڙين، ته اُت سندن رنگ اوس چڙهندو. نام جي ڪمائڻ ڪري قدم قدم کي قوت ٿي حاصل ٿئي، دم دم کي طاقت ٿي پڙ پئي، هنن جو هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ اُهائي سرهاڻ اوتيندو ٿو رهي، فقير صاحب جي رهڻ ڪري چون ٿا اُنوقت سڪيون ڪاٺيون به سايون ٿي پيئون، جي گهر وساٽيل هئا سي به وسي پيا.

روهڙيءَ مان رواني ٿيڻ کان ٿورو اڳ ڊاڪٽر روچلداس جي وڏن ڀائرن ديوان ميٺارام ۽ ديوان تاراچند سندن اڳيان هڪ سؤ رپيا نذرانو رکيا. ڊاڪٽر روچلداس اها حالت ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ فقير صاحب سنگت سميت حيدرآباد روانا ٿيا. وڃڻ وقت ساري سنگت وڇوڙي وڃان وانئي ايهائي چوندي رهي.

"وڃن ٿا ويراڳي، ويراڳي وطن ڏي
ڪنهن نہ جهليا، ڪنهن نہ پليا، هتون ويا ٿي هاٺي
وري اللہ تن کي الا ڪڏهين آڻي."

"رهڻي"

"بڪن گهٽائي بات، پر تات ڪنهنجي تن ۾
ٻڌل سڏل ڳالهڙيون، پيا واتائين وات
ظاهر ٿيندي ذات، رهڻي مان روحل چوي."

ڪيترن عالمن ڪي شعر چوڻ جو ڏانو هٿ اچي ٿو وڃي ته انجي وسيلي هوڪو انهي حد جو ڏيندا ٿا رهن، جنهن جو ذڪر ڪنهن ٻي هنڌ پڙهيو هونداٿون يا ٻين جي واتان ٻڌو هونداٿون، پر جا لذت ڪلام قوت پرڻي مان پئدا ٿي ٿئي سا لفظي للڪار مان ورلي ٿي ملي. ڪهڻيءَ ۾ ڪيميا، لفظن ۾ لنو پري للڪار اچي تڏهين ٿي وهي، جڏهين رهڻيءَ جو رنگ منجهس هوندو.

رهڻي هڪ عجيب ۽ اڪسير علاج آهي، جنهن مان جيو جون مڙيئي مدايون مري ٿيون وڃن ۽ انهن جي جاءِ تي گل ڦل اهي ٿا ڦٽي پون، جنجي سرهاڻ معطر ڪيو ڇڏي. جنهن جگياسوءَ جيترو پاڻ پتوڙيو هوندو، ديهه جو ديس ڏوريو هوندو، وس وسيلا هلايا هوندا، تڪليفون سٺيون هونديون ۽ انهن مڙني ۾ محبت جي مام ملائي هوندي، انجي اک ۾ آلهه آها، انجي قدم جي چال آها، انجي وات ۾ تات آها.

مطلب ته

POST BY:

اهڙي جيو کي جانب جي جنسار سان پنهنجو جيءُ جهڙيل نظر ايندو.

اهڙي جذبي واري جيو جي واتان جڏهين نينهن جي نهر چوهه مان ٿي چٽي هلي، ته اُن کي ڪير جهلي، ڪير پلي. چوندو ٿو رهي "عشق ريءُ مونکي ڪي نه کپي."

اهڙا املهه رتن سنڌ ۾ ڳولبا ته لبندا ;

"اچان به آهين، سڀ نه ويا سنسار مون
جي ريءُ عشق لنو ڪنهن سان نه لائين.
دونهيون دکائي دل ۾ ڪنهنکي نه ٻڌائين
سدا چت چائين، چاهه مان پرميش ڏي"

اهڙن مان هڪڙو نوجوان نوشهري جو تولارام ٻالاڻي ٿي گذريو آهي، جنهن "عشق" ريءُ "ڪين" ڪي گهريو. ڪين ڪي وريو. عشق جو مذهب، عشق جو الاهي شان جو هن پنهنجي ڪوتا ۾ ڪٿي ڪيو آهي سو هن عاشق نرانڪاريءُ سائين قطب شاهه جي جيونيءُ ۾ بي جاءِ نه ٿيندو.

"عاجز جڏهين هن کي عشق بنايو تڏهين پنهنجي گهوٽ عشق کان ٻيو گهري ڇا ؟- سهاڳڻ، جي ور ڏاران، عيش عشرت کي سکه جو سامان سمجهي، ته هوءُ سهاڳڻ ڪيئن ٿي؟ هو چوي ٿو :-

(۱)

"اديون جي آکين - گهر جيکي گهرٽو هجيئي
جي مون مرد مولا جا - نظر نوازش ڪن
جايون جواهرن سان - پري جي به ڏين
لکين لعل اڻ ملها - موتي ڏين مٽن
سون به ڏين سمورو - ڪڏي ڪل ڪاٽين
شاهي جڳ جهان جي - آها پڻ آچين

تنهن سان گڏ تهدليون - جي موٽ ملائين
تہ تر نہ وٿان تن - کي عشق ريءَ عاجز چوي"
(۲)
"اديون جي آکين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
وڏا تول وهاٿا - هنڌ پٽڙيون ڏين
پٽ پٽيهر بافتا - جي پل پل پهرائين
باغ باغيچا بنگلا - بازاريون بخشين
ماٺون مڙيئي منهنجا - جي مزور مجائين
پرتيون پاڻ پيهي ڪري - جي خوش ٿي خدمت ڪن
هردم هندورن ۾ - لوڏن لاءِ بهن
مور نہ منگان تن - کي عشق ريءَ عاجز چوي"
(۳)
"اديون جي آکين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
اڻ چيو اُهي جي - قيدي ڪل ڪڍن
رزق ڏين تن کي - جي روزيءَ لاءِ رڙن
وسائن وجي ڪري - بي وارث گهرن
امالڪ امرت سان - لاهي اُج اُجن
مرض نہ ڇڏين مور ڪو - جيارن جڏن
رهبر ٿين رڄ ۾ - موڳن ۽ منجهن
آءُ نہ گهران تن - کي عشق ريءَ عاجز چوي"
(۴)
"اديون جي آکين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
سندي سندم سامهون - ڏڏن ڏاڻ ڏين
سڪايلن سيني کي - ميلن محبوبن
دم ۾ لاهن دکڙا - دل جي درد وندن
ٿباڻن ٿهڪن ۾ - راتيون ڏينهان رکندن

POST 91

غمگينن غم ڪٽي - راحت روح ڏين
مالڪ ڪن مونکي ڪٽي - سندو سڀ سڏن
ڪڻ تہ ڪٿان تن - ڪي عشق ريءِ **عاجز چوي**"
(٥)
"اديون جي آڪين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
اڱڻ هر انسان جي - باغ بهاري ڪن
بهي سنوارن برڪي - سائو ڪن سڪن
بوٽن تي پاٽي وجهي - ڪن چوڏاري چمن
ذرتيءَ تان ڏوڙ ڪٽي - ساري سينگارن
خزان رهي نہ خواب ۾ - رڳي گلزاري گلڻ
اڻ ملها اڻ ڳوليا - ميوا مفت ملن
ڪين قبوليان تن - ڪي عشق ريءِ **عاجز چوي**"
(٦)
"اديون جي آڪين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
پڇي بنا پاٺي - وهنجائڻ وهٽن
چڱا چوڪا چورما - چارن چوپاين
پاٺيءَ عيوض ڪيرٽيون - پيارن پڪين
ماڪوڙي ڪولي جي - ساڳي سار لهن
مڇين ڏين ماليڙا - پڻ پاٺي جي پوئرن
سڀ سم ٿيون جڳ جون - جي پلئہ مون پائين
ڪٿو قبوليان نہ تن - ڪي عشق ري **عاجز چوي**"
(٧)
"اديون جي آڪين - گهر جيڪي گهرٽو هجيئي
ڏاران ڪرڻ ڏرم جي - راضي نہ رهن
ضروري زوريءَ سان - ڏيڻ جي چاهين
تڏهن بہ چوان تن کي - جي منهنجي منٿ مڃين

تہ جيڪي آڇيو اڳہِ ۾ - سامگريون سڪن
اهي ڏيو اُنهن کي جيڪي سڏون ڪن
ميلو خود خدا؏ جو - سو پڻ ڏيو ٻين
مونکي مارئڙن - کي عشق ڏيو عاجز چوي."

(٨)

"اديون جي آکين - گهر جيڪي گهرٹو هجيئي
پر بنا بازي برهہ جي - جو وٺيئي سو ڳهن
تہ بنا پريت پرين؏ جي - مان ٻيو سڀ ڏيان ٻن
ڪارڻ دان درد جي - جي مٺو ملهہ گهرن
تنهن سان ڳڏيون تهدليون - جي لاهي چون لڱن
وڪامان وٽن وڃي - توڙي جيڙي جلائين
سر ڏيئي سڪ وٺان - جي سامي سودو ڪن
پو؏ بہ پلڪ پال سندن - کي اڻ ڳڻيا عاجز چوي."

چوندا هئا تہ "اسانجي مرشد سائين اسان سان ڏاڍا وڙ ڪيا آهن، پال پلايا آهن. ننڍي وهي؏ کان ئي وحدت جي وهڪ ۾ وهو ڪيڍيائون، مگر تہ بہ انسان جو هڏ چم جو پتلو آهي اهو وقتي ڪمزور ٿيو پوي ۽ پنهنجي؏ منزل تان ڪريو پوي. پر مرشد ڪامل پنهنجي ٻچڙي تي سدائين نگاهہ رکندو ٿو رهي ۽ جت جت سندس پير ڦسڪيو پوي، اُت هٿ وٺي ڪيس مٿي چڪيو وٺي. اُٺ جي مهار جت جي هٿ ۾، عورت جي نٿ سندس پتار وهيٺي، جڳياسو؏ يا مريد جي واڳہ سندس سائين هٿ. انهي؏ اعتقاد سان پانڌيڙو پير ڪوڙي پنڌ ڪندو ٿو رهي."

هڪڙي سمي جي ڳالهہ ڪندا هئا "چوڪراٺي اوستا هئي تہ ڪنهن وقت مون وٽ هڪ ڪيري اچي نڪتي. ڪيس ڏسي سندس راڳہ ٻڌڻ جو اندر ۾ اچي شوق جاڳيو. هن هڪڙي؏ ڪوني؏ ۾ راڳہ ڪرڻ شروع ڪيو. جيئن پير ڪوني؏ ۾ رکڻ تي

POST

هوس تہ سامھون شعاع نظر آيو. مرشد سائين جي مورت ڏسي منجهي پيس. حوصلو سنڀاري پير پوئتي رکيم. ايهو اشارو سمجهي اهڙي وري واٽ ورتم ئي ڪين."

بيدل سائين (روهڙي واري) جي بہ مريد جي ڳالهہ ڪندا آهن، تہ هڪڙي وقت سندس مريد پنهنجي ڳوٺان سندن زيارت لاءِ نڪتو تہ رستي تي ڪيس شيطان اچي گمراهہ ڪيو. اوچتو ئي اوچتو جنهن وڻ هيٺان مريد بيٺو هو، اُن مان پهڻ جو وسڪارو ٿيڻ لڳو. مريد، جڏهين پنهنجي مرشد اڳيان پهتو، تہ هنن مرڪي ڪيس چيو "ابا ڪامل مرشد ائين رسن، جيئن لڻن هيٺان پٿر وسن." مريد ۽ عام انهي روايت ڪي رواجي حقيقت ڪان گهٽو مٿي ڄاڻندا آهن. مگر وڳيان وارن چٽيءَ ريت ظاهر ڪيو آهي تہ خيال ڪي وڏي طاقت آهي. هزارن جا هزار ميل وڇوٽي جا هوندي بہ وڇوٽي ۽ وٿ وٿ وڃائي ٿيو وهن ۽ جيو جي اُنهن تهن ۾ ٿيون پهن، جت ناهہ جاءِ ڪنهن جي. ڪنهن بہ ڳنڍيا ظاهري تار ڪانسواءِ تارون پيون پهچن. مگر پاڪ پوتر روح پاڻ پنهنجي مريد جي جان ۾ جاگير ٿي ڪيس هلائيندا چلائيندا ٿا رهن.

پاڻ بہ فرمائيندا هوا تہ "عاشق جي دل جي اور تند بنان تار وانگر آهي. هو ڪٿي بہ هجي مگر جي سندس سيني ۾ سچائي، صفائي ۽ سڪ آهي تہ ستگرن ڪي ويجهي ڪان بہ ويجهو آهي، ڪي اوڏڙا رهي بہ دل ڪري دور آهن، بيا دور رهندي بہ دل ڪري ويجهڙا آهن."

چوندا هئا "ذاتي تعليٰ پنهنجن پيارن تي ڪڪہ پيو بہ نہ سهندو آهي. هڪڙي دفعي ڪو فقير اچي مسجد ۾ رهيو. ساري رات فقير مراقبي ۾ گذاريو. صبوح ٿيو تہ ملي مسجد جي ايوان ۾ قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيو. فقير جي مٿان چت ۾ جهرڪ ۽

جهرڪي اچي ويٺا. فقير مٺان حڪ حق ڪرڻ لڳا. فقير جو مراقبو کلي پيو. مٺي نهاريائين ته ڇا آهي؟ ايتري ۾ ٻئي جهرڪ ۽ جهرڪي اچي پٽ پيا ۽ ڀسم ٿي ويا. ملي ايهو رنگ ويني ڏٺو. فقير کي ميارون ڏيڻ لڳو، ڇي فقير کي ائين ڪرڻ کپندو ٿي ڪين هو. فقير تڏهن ڪيس وراڻي ڏني ته قرآن شريف جو دور ويٺو ڪرين اٿن ۾ تنهنجو پورو اعتقاد آهي؟ جواب ڏنائين ته هائو. تنهنتي فقير چيس ته مان قرآن شريف جو قسم کڻي ٿو چوان ته مان جهرڪ ۽ جهرڪي کي ڏهٽ ڪين گهريو آهي، ڪين بد دعا ٻه ڪانه ڪئي اٿم. الله تعاليٰ اهڙو رستو پاڻ ٿو بنائي. هو پنهنجن تي حڪ پيو ڪڏهين ڪين سهندو آهي.

سندس چاڪر ٿيڻ يا سڪائتو بڻجڻ لاءِ ٻه مذهبي ڪتابن شريعت جي پابندي لازمي چئي آهي. صوفي فقيرن ٻه شريعت جي ڏاڪي تي پير رکڻ ۽ انطرف پنڌ ڪرڻ ڪانسوا ٻي ڏاڪي ڏانهن ورڻ کي وارو ڪين ڏنو آهي.

منو سمرتي ۾ يم نيم ٻڌايل آهي، جي عام آدمي کي اخلاق جي دڳ تي وٺي هلندا، هنجو من قابو ۾ آڻيندا ڪيس اڳتي وڪ رکڻ لاءِ لائق بڻائيندا.

حضرت عيسيٰ پڻ ڏهه امر پنهنجن پوئلڳن لاءِ لازمي بنايا آهن، جن ۾ هنن فرمايو آهي ته اوهين هن ڪان پرهيز ڪندا، هن ڪان پاسو ڪندا. ٻيو طريقو جو فقيرن پي ورتو آهي سو آهي عشق جو. مگر ايهو عشق، گرو صاحب فرمائين ٿا ته انهي تي ٿو لهي، جنهن کي سائين گهري ٿو. پر ته ٻه عشق وارن تي وڏيون جوابداريون مقرر ڪيون اٿن. مرد ٿيڻ جي مشڪل آهي ته عورت جو فرض ادا ڪرڻ ٻه ڏکيو آهي، بلڪ وڏيڪ ڪٺن آهي. نيومن چوي ٿو:-

جيڪڏهين اوهان جي روح کي آنند جي آتانهين ۽

POST OF

اونهائن ۾ وڃڻو آهي، تہ ڪيس پنهنجي هستي ۾ مستي وساري "عورت" ضرور بڻجڻو پوندو. مردن ۾ ڪيڏا بہ ڪٺي اوهان مرد هجو، تہ بہ سک سدا "پاڻ" گم ڪيو ڇڏي ۾ خوشيءَ وچان پنهنجي پريتم کي سڀ ڪي ارپيو ڇڏي. اڏين ٿي رهڻ ۾ ڪيس آنند، سهاري وٺڻ ۾ ڪيس سکہ ۾ خوشي حاصل ٿا ٿين. اوڪيءَ جو آسرو ۾ آڌار سمجهي اُتس آرو ڪرڻ روح کي آنري ٺي ڪين. اڪيلائپ ۾ آزادي ڪيس ڏنگي ٿي ۾ انڪري بڪاريءَ جيان هٿ ٽنگيءَ پنهنجي پياري کان منگي ٿو.

مشڪلات ۾ مهر ڏانهس ڪرڻ، يا انسان ذات جي همدردي نہ هئڻ سبب ڪيس هيڻئين سان لڳائڻ، تہ ضرورتون آهن، جي هو پوريون ڪرڻ جي ڪري ٿو ; مگر سيڪي هوندي ائين سمجهڻ تہ هوند سيڪي هوتن وٽان ٿي حاصل ٿئي ۾ گهرج ريءَ گهر ۾ ور منهنجو هوئي آهي. مان **سهاڳڻ** سونهان ساٿس ٿي، هن کان دم ڏار، تہ ڏهاڳڻ وار.

مانيٽي پڻ پڻ ۾ ڏکہ ۾ درد، آسائون ۾ ترشنائون، اورڻ، ڏيکاري ٿو تہ هو اسانکان ڌار آهي ٺي ڪين. اسان هن ڌاران رهي سگهنداسين بنهہ ڪين. ايهو ڏيکاريٿو تہ روحاني ميل جي مشابهت پوري آهي، اُنهيءَ لاءِ "عورت" جا سمورا سينگار سير تي پاڻ ۾ اُپائڻ جو اُرٿو پنڌا ٿي پئي جيتوڻيڪ هتي هام

وڃائي هيناهون هلي، ڍول پنهنجي ڀارتي آئڻ، ڪو سهنجو، سٿرو ڪم آهي ڪيئن؟

اهڙي سهاڳڻ سدا ائين چوندي ٿي رهي:

"تنهنجي آسري آئہ تڳان پئي، ويل وري وڃي، ٿيم ٽري وڃي، تہ بہ آسرو تنهنجو منهنجن تاڪين جي **طاقت** بڻجي پيو مون تڳائي.

اُميد اتهيءَ جي جان تان جبري مونکي جڳائي، ۾ جار

انهيءَ ۾ لڳائي، پوءِ آءٌ ڪيئن انهيءَ ڪان پالهي رهان. هو چونم ته ايهي اُميدون آباد ٿينديءَ ئي ڪين. آئـُ چوان آباد نه ٿينديون ته آباديءَ جو آلاپ ته پيون ڏينديون، پوءِ به بربادي الاجي ٿيندي ڪيئن؟

ڏن ايها ڏنونديي رهي، وڄ ايها ڪنوديي رهي، پوءِ پرميش ، اوندهه ٿيندي ڪيئن اوهان جي راڄ ۾."

ڪيس ته هرجا هنجي هٻڪار پئي اکين چڙهندي جيئن ڪنهن اُڇل ۾ اچي چوي ٿي :

"النکار ۽ شرنگار مهاڪوي قدرت جي پردي اتي ڏيندو ٿو رهين، ته به جهٽ هٽڻ وارو ڪٽ ڪو ورلو ٿو لهين.

مان ته ڪڪرن جو گهمڻ، پکين جو ٻولڻ، ڪنولن جو ڦلڻ ڏسي وٽ وٺي سگهان ئي ڪين ٿي. ڪاويه لکين ڪهڙيءَ ڀاشا ۾ ٿو؟ رنگ روپ ۾؟ ماٽ ٺاٽ ۾؟ سج ساوڪ ۾؟ ڪارنهن صفائي ۾؟

ڇا نقاش جو آڪاش آهين، ڪي بنسريءَ جي تان جو واس آهين؟

جيون ڪاويه ٻڌائي، هڪ هڪ ۾ ڪلا پنهنجيءَ سان قلم هلائين ٿو، ته به پرميش ، بنائين ڪٽ ٿو اڌوري تصوير، ڪٽ بنائين اڪثير، پوءِ تقصير؟ پرميش ڪاويه سموريءَ جو پنڊار پڳل ۽ پريل ۾ نه آهي، ته صرف پورن ۾ آهي ڪيئن؟

مطلب ته "جنهن نون رانول رمز چڪائي، سا دل ڪرندي ماهي ماهي."

چوندا هئا "طالب ڪي ڪپي ته وڪ وڌائيندو رهي پر ساڳي وقت لڪ اهڙو رکي جهڙو ڪنواري ڪنيا پنهنجي اُرهه کي اُگهاڙڻ ڪان پاسي رکندي آهي. پر جي ڪو چوڏهينءَ صديءَ ۾ پاڻ پڌرو ڪرڻ جي ڪندو ته ڪيس ڇيهو رسندو ۽

POST

سندس اوستا بہ گھٽ ٿيندي." پاڻ انهيءَ اوٽ تي پختا رهندا آيا.

"طلب تن جي تن ڇڏي - تار جن کي تار ڪيو." بدن تي انهن جي نظر رهندي ئي ڪين جي ڏٺي جي دڳہ وڪون وڌائيندا . ڪپڙي لٽي جو شوق, ڪاڏي پيتي جو ذوق, عيش آرام جو حرص ڪيئن ٿو انهن کي پنهنجي حوالات ۾ بند ڪري سگهي؟ انهن مڙني جي قيد کان رهائي حاصل ڪري حقيقت جي طرف وکہ وڌائيندا ٿا رهن. هو انهي الاهي خماريءَ ۾ اهڙا تہ ٿيا آهن جو اُن ڏاران ٻيو مڙيئي مزو مٽيءَ سمان ٿو لڳين. ضروري حاجتون سمجهي مڙيئي فرض ادا ڪرڻ جي ٿا ڪن.

"ماسو ماس نہ تن، برهہ جني جي بکري"

جڏهانڪر گوڏ ٻڌي جبل جهاڳڻ ۾ جيءُ جهوري ڇڏيائون, تہ پاڻ پگهاري, چس ۽ رس کان پري رهي پاڻ سڪائي ڪنڊا ڪري ڇڏيو هوائون. بدن کي پهراڻ سان ڍڪيندا هئا ۽ جڏهين اهو لاهيندا هوا تہ سندن تن جون تاڪيون نظر اينديون هيون. مگر جن ڪين جواني جي سمي ۾ ڏٺو هو سي ساکہ ڀرين ٿا تہ سندن سرير اهڙو تہ سگهارو هوندو هو جو ڪين چنبو ڪو ڇڏو ڏئي سگهندو هو. مٿي تي صوفين وارو تاج ڍڪيندا هئا.

سندن کاڌو تمام ٿورو هوندو هو. رات جو فقط ٻہ ٽي گرهہ چانورن جا کير سان کائيندا هئا. اڪثر رات جو تہ کائيندا ئي ڪين هئا. جيئن اوستا وڌي ٿيندي وين تيئن کاڌي جي سڌ ئي ڪانہ رهندي هين. وقتي فقير کاڌو کڻي ايندا هئن تہ ڪين چوندا هئا "ابا اسان تہ روٽي کاڌي آهي." فقير چوندا هئن "سائين اوهان روٽي ڪانہ کاڌي آهي, ٻہ ٽي گرهہ تہ کائو" انهن جي چوڻ تي ٻہ ٽي گرهہ کڻي کائيندا هئا. "اکڙين ۾ جن آکيڙو عجيبن - سي ڪيئن ننڊون ڪن." رات جو

ڪلاڪ به ٻارنهن ۽ ٻن جي وچ ۾ ڪٽ تي ليٽندا هئا. پر پوءِ ايها گهڙي ليٽڻ به ڇڏي ڏنائون. سڄي رات بيدار رهندا هئا. جيئن جيئن اوستا ۾ وڌا ٿيندا ويا تيئن سماڌيءَ تي وڌيڪ زور رکندا ويا. ايتري قدر جو رات ڏينهن جو سماءُ رهندو خير هون. هڪ دفعي فقيرن کان پڇيائون "ابا ڪهڙا وڳا هوندا ؟" فقيرن عرض ڪيو "سائين چار لڳا هوندا." تنهنتي ورندي ورايائوين "چار رات جا ڪي ڏينهن جا." سندن حاضريءَ ۾ ٽي فقير رهندا هئا ، هڪڙو هدايت علي ، ٻيو محمد بخش ، ٽيون نظر محمد. ايهي ٽيئي ساڻن گڏ جاڳندا هئا. فقير صاحب ته مراقبي ۾ رهندا هئا ، فرمائيندا هئا ته "ٻي بجي کان پوءِ ننڊ حرام سمجهڻ گهرجي." وٽن جيڪي رهيل هوندا هئا سي ٻي بجي اُٿي ڪڙا ٿيندا هئا. سنگت جي سهوليت لاءِ ڇنڇر رات ساري اوجاڳو ڪرائيندا هئا ، جو ٻي ڏينهن تي سيئي مزي سان آرام ڪري سگهندا هئا. ڪي فقير چوندا آهن ته ڏينهن پرائو آهي، رات پنهنجي "نيٺن ننڊ اکوڙ"

ماستر جيوترام مٺائي (نارو شاهه نواسي) ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي ڏينهن مون فقير صاحبن کي عرض ڪيو "سائين اوهان ساري رات هرروز بيدار ٿا رهو ، مگر جي اسان هڪڙي رات ننڊ نٿا ڪريون ته بي حال ٿا ٿيون. سائين جن الاجي ڪيئن ننڊ بنا گذاريندا هوندا. فقير صاحب تڏهين مونڏانهن مهڙ ڪري فرمايو - "ابا ، وجد جو هڪ ئي لحظو اهڙو ته قرار ٿو بخشي جو سرير جو سارو درد ۽ شڪ دفعي ٿي ٿو وڃي. ساري رات جي ننڊ اُن سان مٽ پڄي نٿي سگهي." چون ٿا ته هڪڙا پکي پاليندا هئا جي رات جو سوير اُٿي "هو" "هو" ڪرڻ شروع ڪندا هئا ، پاڻ چوندا هئا ته غفلت گنوائڻ لاءِ هني رکيا اٿئون. سامي صاحب به فرمايو آهي:

POST BY: ...

"ڪڙ ڦڙهاڻي ڳول، ٿيءَ پيرادو پر جو
منهنجي سڏ سامهي چوي،توں ڏوري لهه اڏول
ور ۾ مڙيئي پول، ته سهج ملينئي سپرين"

رات جو تات تکي هلي سگهي ٿي جو وهنوار جون مڙيئي لهرون شانت ۾ ٿيون رهن. ستارن جي سنائي مان اهي سرنيون ٿيون لهي پون، جن جي جهڻ سان جيو ۾ جوت ۽ جلوو پئدا ٿو ٿئي. اميريڪا جو مشهور شاعر ۽ عارف ايمرسن چوي ٿو "ستارا، مونکي سيکاريو پنهنجي من جو پاڻ، ڏيو مونکي ڪو سڏ سماءَ - جيئن چڙهو منجهه ٿا اسراري واءَ"

فقيرن به فرمايو ائين ئي آهي ته "لهه وارو جي لوڏ وڃي، ته توں اوچو وهه اوپار-" جڏهين "لوڪ ننڊن ۾ اناسر پيو هجي ته توں ويهي اور الله سان" "ائين چرخو چور جيئن پون پٽڪو نه ٿئي"

سنگت ڪي جڏهين سياري ۾ به سجاڳي رکڻ جي ڪندا هئا ته فرفڪ ڪي سر وهاڻي عيوض ۾ رلي مٿان وجهڻ لاءِ ڏيندا هئا.

بي بي رابعه بصري به هميشه سر جو وهاڻو رکندي هئي. پڇائونس، بي بي صاحبه ائين چو ٿا ڪريو چيائين، "جي نرم وهاڻو ۽ بسترو رکبو ته ننڊ نهوڙي نيندي"

انهيءَ عبادت جي عرصي ڪي وڏيڪ ورثي وار بنائڻ لاءِ ڪن فقيرن "ڪلام" يعني سماع جو شوق ضروري ڄاتو آهي. يڪت ڪي جي پنهنجا ساز گهرجن ته فقيرن ڪي اباڻن جي اکير جا آواز اوس ڪپ ۾ ٿا اچن - انهن آوازن ۽ آلاپن جي سر ۽ تار ۾ سندن "رڳون ٿيو رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهن" پر جي سوز سر جي، سندن سرير ڪي اتل پتل هيٺ آٽي چڙيو ته هو

اُن مستيءَ جي موج ۾. اُنهيءَ اوج ۾ منزل تي ٿا رسن، جو خوشيءَ وچان رقص ڪيو ڏين. فقير صاحب وٽ بہ پرپيات جو ڪلام شروع ٿيندو هو ۾ جنهن وقت بہ وٽن وڃبو هو تہ ٻئي دونهي دکي پئي هوندي هئي. صبوح توٽي شام ڪنڌ سندن موج ۾ پيو جهوليندو هو. برڏاوستا هوندي بہ وقتي اُٿي بهي نچندا هئا. اهڙن مستيءَ جي موقعن تي نماز قضا ٿي ويندي هئن تہ ڪين خيال خير ڪي ٿيندو هو. چوندا هئا تہ گهڙيءَ جي گهاري نہ پوي تند ڇڇي نہ، چرخو چوريندا رهو. جيئن رب جي رون رون اُنمان رڳہ رڳہ جذب ڪندي، سر تل ملائيندي. راڳہ ڳائيندي وکہ وڌائيندي رهي.

"مسڪيني"

"توڪل ترهو جن - ترن ترت سي تڪہ مان"

جيئن جيئن جڳياسو پنڌ ڪندو ويندو تہ دڳہ ۾ ڪيس بلائون اچي وٺنديون، جن مان مشڪل سان پاڻ بچائي "اسم" سنڀالي، واٽ وٺندو هلندو. انسان کي پيٽ پنيان لڳل آهي. بکہ بڇڙو ٽول، دانهہ ديوانا ڪري. مگر جو جيو ڏورڻ جو ڏاج ٿو قبول ڪري، اُنکي بکہ اوس پنيلائيندي، لالچائيندي، تہ من ڪاهل ٿي، سائينءَ جي واٽ ڇڏي، اوٽ اُها اختيار ڪري، جٽ جسم لذتن ۾ جڙيو رهي ۽ من مالڪ کان مڙيو رهي. پر جن کي پرينءَ جي پار جو پرلاءُ پيو، شوق جاڳيو، تن کي اُج نہ بکہ، وکون هٽندا، سٽون سٽيندا "سپرين سندا ماڻن ٿا سدا سکہ - مٿان مردن دکہ، لٿا حرف حساب جا."

POST BY

بکـ جيو جي نفس کي نمائي ٿي. سندس هستي وڃائي ٿي.

تتهنڪري ڪن ته فاقيءَ فقير جو ڳهٽو ڪري ليکيو آهي. سيکو اهو اصول قبول ڪرڻ کان انڪاري نه ٿيندو ته جيو پاڻ کي تسيا پل ڏي، پل اُنهيءَ باهه مان ٻه اُکري پار پوي. جيسين سندس ستارو ساٿس ستاري ڪري ڪيس تاري ڏئي. پر اُتس اهو بار اوس آهي ته پنهنجن ٻارن جو بار مڙس تي ڪٽي ; پر جن جسماني مردانگي هوندي ٻه پاڻ کي شهه اڳيان پيٺا رکيو آهي تن ته انهن ابهمن جو احتياجون پڻ اُنجي اڳيان پي رکيون آهن. انهيءَ عرصي ۾ تڪا تير ۽ تکما، جي انهن صبر سان پنهنجي سچڻ جي صدقي پي سنا آهن، تن جي ساکـ سکـ وارن جو سينو بيشڪ پريندو. عام ته پنهنجي عقل موجب اُتن ننوليون ضرور ڪندا. سچا ٻئي آهن. عام ٿيا سگها "سگهن سڏ نه سور جي ته گهايل ڪيئن گهارين."

فقير صاحب ٻه الاهي توڪل جي تڪيه تي ترندا رهيا. جيڪي ٻه پئسو ڏوڪر ملندو هون سو شام تائين پورو ڪري ڇڏيندا هئا. ٻي ڏينهن لاءِ رکڻ ڏکيو لڳندو هون.

مفلسيءَ جا مشتاق هوا. دم دم ۾ دوست جو دلاسو ۽ آڌار هوندو هين. چوندا آهن ته وقت اهڙا ٻه ڪئين ٿيا جڏهن در تان ڪين نياپا ايندا هوا ته سائين داتو ڪٺو ڪونه بچيل آهي. هاڻ چا چاڙهيون. پاڻ جواب ڏيندا هئا، "شڪرانا، اڄ ته اللهه دعوت ڏني آهي" سندن اُستاد ڪين ائين ئي پڙهايو هو ته:-

"سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تيءَ تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاڃ تو"

اُستادن اشارا پئي ڏنا آهن. مگر سڪ وارن انهيءَ تي قدم پئي رکيو آهي. سڪ، سور ۾ نور تي ڏسي ۽ سوريءَ ۾ سيج تي پسي. "سور سختيون سالڪن ڪي، محب مهمانيون مڪيون." عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو - ڪڙي ۽ قاتل جا هميشهه هيراڪ." انهيءَ آڌار ۽ اون ڪان آزاديءَ جي ثبوت ۾ ڪئين مثال سندن سنگت مان ملن ٿا. ڊاڪٽر روچلداس سجانسنگهه چون ٿا ته ڪنهن وقت ننڍي صاحبزادي ڪين اچي طوطلي ٻوليءَ ۾ ٻڌايو "ابا بڪه" پاڻ اُن وقت بيراڳڻ تي مٿو جهڪائي ويٺا هئا. پاڻ فرمايائون "هائو ابا، چاڻ تو الله اُن جي پورت ڪري" ڪيترو وقت گذري ويو. وري ٻار ڪان رهيو نه ويو. بڪه جهلي به ڪيترو وقت. هت ته اون اصل پليل هئي. سندن سڀ ڪارج قادر جي حوالي ڪيل، پوءِ اهي فڪر ڇاجو ڪن؟ وري اچي چيائين "ابا اسان ته بڪه ۾ ٿا پاهه ٿيون، اوهان ته صرف ڪنڌ جهڪائي ويٺا آهيو." وري به فرمايائون "هائو ابا الله اوهان جي گهرج اوس پوري ڪندو." ڪا گهڙي گذري ته صاحبزادو بڪه ۾ ڇتو ٿي وٽن آيو ۽ حجت مان اُتن ڇوهه ڇنڊڻ لڳو. تڏهين پاڻ فرمايائون ته "ابا بڪه جا بڪه ٿيا آهيو ته ڏهءِ به ٻولڻ اجهو ٿو ڪرائيو." ٿوري وقت بعد ٿالهن جا ٿالهه اچڻ لڳا، جي در تي موڪلي ڏنائون. ٻارڙن ڪائي رڄ ڪيو. فقيرن به ڍو خوب ڪيا. مطلب ته رنگه رب جا اهڙا ئي آهن، جي سڪ ته ڦڙي لاءِ پيو ڦٿڪي، جي وسي ته وس ڪري، پوءِ جهلڻ واري جا آهن حال.

"ڏيندا دي ليندي ... تي پا؟"؟

جنهن مهاڪوي ٽئگور فرمايو آهي "اوهان جون بخشيشون منهنجي هٿن ۾ ڪرنديون رهن ٿيون. تانجو ايتريون ته ٿي ٿيون پون، جو جهلڻ جي جاءِ نه ٿي رهي." ائين آهي ته آزمائش جو وقت اوکو ٿو گذري، پر صدق وارو، سڪ وارو سڀ ۾ معنيٰ ۽ مام پيو پڙهندو.

ٻي وقت جي ڳالهه ٿا ڪن ته در تان وٽن نياپو آيو ته ڪچ ٻه چاڙهڻ لاءِ ڪونهي، ڪجهه پئسا موڪليو ته بزار مان ڪچ گهرائي چاڙهجي. پاڻ ماٺ ۾ رهيا. پلا واڳه وس ڏٺين جي ڪري چڏي هيائون، هاٿي هٿ ڪيئن هٿن. ويرم ئي نه پيئي ته ٻيو ماڻهو آيو، چي سائين مال ٿو بکه ۾ پاهه ٿي، ڪچ ڏوڪڙ ڏيو ته ڪڙ ڪتر گهرائي حال ته ڏجين. وٽن ته ڪارو پئسو به ڪونه رهندو هو، سو پنهنجي حال تي شاڪر رهيا. ساعت ئي ڪين نبري جو هڪڙو زميندار آيو، جنهن اينديئي اچي ڊيگهه رپين جو سندن اڳيان ڳوٿريءَ مان اٿلائي رکيو. ويٺل سڀ حيرت ۾ پئجي ويا. فقير صاحب زميندار کان پڇڻ لڳا: ابا هي ڇا جا رپيا آهن؟ تڏهين زميندار عرض ڪيو "سائين سرڪار مونکان زمين ورتي هئي، مگر انجو عيوضو تمام ٿورو ٿي ڏنائين. مون تنهنڪري دعويٰ داخل ڪئي. ان بعد مونکي تڪليفون به هڪ ٻي پٺيان اچڻ لڳيون. ڪٿڻ جي اميد اصل ڪانه هئي. مون تڏهين سائين جن جي باس باسي. هاڻ اها دعويٰ سائين جن جي دعا سان کٽي اٿم ۽ هي پئسا اوهان جي حصي جا آهن." فقير صاحب تڏهن چوڻ لڳا "ابا پنهنجا ڪم پاڻ ٿو ڪري هن کي آڌار رکي ڏسي، آزمائش جي گهڙي سو ڏکي لڳندس، پر پوءِ ته ڪکم پيو ٻه اُتس نه سهندا. جهڙيءَ ريت پنهنجيءَ عورت تي پيار پيار وچان ڪچ نٿو سهي، ساڳي ريت ڀڪ

ڀولڻ ڀڪيندو ٿو رهي. هر طرح سار سنڀار ٿو لهي. هڪ چتو ٿي جيو سندس چرنن ۾ سر رکي اهائي اوٽ وٺندو رهندو ته تار ۾ تڪ مان ڪيس هٿڙا ڏئي به ڀيو پار اڪاريندو." تنهن کان پوءِ ڪجھ پئسا در تي موڪلي باقي اتي جو اتي ونڊي ورهائي خلاص ڪيائون. پاڻ مسڪينيءَ ۾ گذارڻ ۾ ڪين مزو ايندو هو، ته ٻين کي اهڙي مڙي ماڻڻ لاءِ للڪاريندا هئا. مگر غريبي، خوشيءَ سان ڪير ٿو اختيار ڪري؟ وٽن جي رهندا هئا، سي گھٽو ڪري روٽي پنهنجي هٿ سان ڪندا هئا. ماستر جيوترام مٺائي ڳالھ ڪندو آهي ته هڪڙي ڏينهن فقير صاحب پڇيو "ابا ڇا ٿا کائو؟" مون ورندي ڏني "سائين دال ڦلڪو" وري فقير صاحب پڇيو "ڦلڪن کي گيھ مکيندا آهيو؟" مون عرض ڪيو "جي سائين" تڏهين فرمايائون "فقير ٿي گيھ ٿا کائين! فقير کي ته جوَن جي رکيءَ مانيءَ تي هرڻ کپي."

"رهاڻ"

سندن رهڻيءَ جو رس وقتي وارتا يا رهاڻ ۾ نکري پوندو هو. جيئن ڪو ٽيڪ گل جي خوشبوءِ واءُ کي به معطر ڪري ڇڏيندي آهي، مگر عطر ته دماغ کي به تراوت ڏيو ٿو ڇڏي. رهاڻ به اهڙي عطر جي مثال آهي. سندن زور رهت تي هوندو هو. سندن عقيدو به عاشقن وارو هو. جن مان هڪڙي سامي چيو آهي.

"مکه سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي
ان پاڻيءَ جي نانو سان، بکه اُڃ ڪين لهي
ننگر پهچي ڪونه ڪو، بنا پنڌ ڪئي

POST

هڪڙي ڀيري ڀائي ڪيمچند وٽن عرض ڪيو "سائين مئيءَ اڄ ڪالهہ مورتن جا ناٽڪ نڪتا آهن اوهين بہ هڪڙو دفعو تہ هلو." هنجي چوڻ تي اوڏانهن ويا تہ سهين، مگر جيئن ناٽڪ شروع ٿيو تہ ڪنڌ ڪٽي مونن ۾ هنيائون. ڪيمچند ور ور ڪري چوڻ لڳو "سائين ڏسو تہ سهين." فقير صاحب بہ ڪيس چوندا رهن "هائو ڏسون پيا." آخر اون ڪيمچند ڪي اهڙو تہ ڪيو جو چيائين "سائين اوهين ڏسو تہ اصل ڪين ٿا." تڏهين ٿا ڪيس چون : "ابا پنهنجي ناٽڪ مان واندڪائي ملي تہ اڪين ڪي ٻي هنڌ اڙايون."

سامي صاحب بہ فرمائين ٿا:

"آئي هٽ رهت، سامي جنهن سيوڪ
مٽي تنهنجي من مون، سڀ ممتا مت
اندر ٻاهر ده دسا، ساڪي ڏسي ست
راتيون ڏينهان رت، رهي پد اوچ ۾"

انهي اوچ پد ۾ رهندي ناٽڪ ۾ اکيون ڪير اٽڪائي سگهندو؟ ايڪائي جا عاشق بہ اڪثير هئا. چوندا هئا تہ، "جيو پاڻ جدا ڪيو پٽڪندو ٿو رهي تنهنکي آهو ٽٽل ڌاڳو ڳنڍڻ ضرور گهرجي." ٻي ٻي رابعہ جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن وقت هڪڙي آدميءَ وٽ چري ڏٺائين تہ پڇيائين "هيءَ ڪهڙي ڪم ايندي آهي؟" جڏهين جواب مليس تہ ڪپي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ ڪتب آٽبي آهي تڏهين واڪو ڪري چيائين "ابا جدائي! ابا جدائي!! ائين چوندي اٽس حال پنجي ويو."

فقير صاحب جي ڪچهريءَ ۾ هڪڙي ڀيري مير ويٺا هئا.

فقير- "ابا ايها ڇا اٿو ؟"

"سائين ايها ترار آهي"

فقير- "ابا اها ڪهڙي ڪم آئيندا آهيو ؟"

مير- "سائين اها هڪ ڪي هٿون، تہ ٻہ ڪري ڇڏيس."

فقير- "ابا اسانجي ترار اهڙي تہ آهي، جو ٻن کي لڳي تہ هڪ ڪري ڇڏيس."

جڏهين جڏهين جيو جي خيال کي مستي اچيو ٿي وئي، تہ اها مستي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ پاڻ ظاهر ڪيو ڇڏي. فقير، جن کي واٽي اُچارڻ جي ڪلا ڏني آهي، انهن وٽان تہ اها مستي ويس وڳا پهري، ڇنڄي نڪري نروار ٿي ٿئي. ڪن کي تہ چيٽڪ لايو ڏئي، انهيءَ موج جي اوج ۾ شاعر درويش ٻي سڌ ٿيو وڃي، اوزار ٻڌجي پيو آواز ڪري، انهيءَ آواز اندر راز الاجي ڪنهنجو ؟ انگريزي شاعر رابرٽ براٺوننگ، جنهنجو اهو عقيدو هو، تہ سرشٽي جي سٽاو ۾ ڪا ڪوتاهي ڪانهي ۽ نہ ڪا ٿيٽي آهي، اُن ڪان ڪن وڃي ڪنهن شعر جي معني پڇي تہ شاعر ڪنڌ هيٺ ڪري نماڻائيءَ سان چيو "جنهن وقت مون اهو شعر چيو، تڏهين اُنجي معنيٰ جي خبر ٻن هستين کي هئي، هڪ هيءَ (پاڻ ڏانهن اشارو ڪري) ۽ ٻيو هو (ڏنيءَ ڏانهن)، هاڻ صرف هن کي ڄاڻ آهي، مان اُن ڪان عير واقف آهيان."

فقير صاحبن جي بہ اهڙي هڪڙي ڳالهہ آهي، جا سندن سڪ جي ساکہ ٿي ڏئي، رات جو وقت هو، پنهنجي محبت جي محويت ۾ هٿا، ڪلام چوندا ٿي ويا، ويٺل فقير قلم بند ڪندا ٿي رهيا، اوچتو ئي اوچتو ڪلام آخرين مصرع تي بيهجي ويو. اڳتي هليو ئي ڪين، ٻئي ڏينهن صبح جو عرض ڪيائون "سائين راتوڪيءَ ڪافيءَ جو آخرين بند ڪونہ ڏنو." پاڻ

POST BY

چيائون "ابا اسانکي خبر نہ آهي تہ ڪافيءَ ۾ ڇا چيوسين. ان وقت سڌ ڪان بي سڌ ٿا ٿيون. اسانجي زبان مان ڇوائڻ وارو ڪو ٻيو آهي. وري جڏهين انهيءَ حالت ۾ ايندا سون، تڏهين اهو چونداسون."

اهڙي حالت اٿن گهڻو وقت رهندي هئي ۽ ڪن وقتن تي پنهنجن ٻارڙن کان بہ غافل ٿي ويندا هئا.

هڪڙي وقت جي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي اوتاري ۾ دروازو بند ڪري ويٺا هئا تہ دروازي تي کڙڪو ٿيو. پڇيائون "ابا ڪير آهي؟" سندن حاضريءَ ۾ ويٺل فقرا جواب ڏنو "سائين ثابت علي شاهہ، اوهانجو فرزند آهي." تڏهين پاڻ پڇيائون "اسان کي ثابت علي شاهہ نالي پٽ آهي ڇا؟"

دنيا کان اهڙا تہ لاطمع هوندا هئا جو ميرن جي منٿن ڪندي بہ ڪو ڏيان ڪونہ ڏيندا هئا ۽ نہ حرص جي ٺي حوالي پاڻ ڪندا هئا. هنن تہ **حق کي ٺي پنهنجو حق، مالڪ ڪري ڄاتو ۽ سڃاتو هو.** مالڪ کان منهن موڙي ناتا توڙي ڪيئن سندس خلقيل انسان جي آڏار جي اوٽ وٺن. گدو بندر جا مير سندن مريد هئا، تن ڪيترا ڀيرا کين ڇوائي موڪليو، تہ اسين اوهانکي زمين وٺي ڏيون، پاڻ بلڪل انڪاري ٿيندا هئا ۽ چوندا هئا "ڏٺي تعليٰ اسانکي سڄ اڀري کان اڳہ ڪاڏو پيو پهچائي، تڏهين ڇو ائين ڪامورن جي زيردستي ڪريون." دنيا ۾ رهي ايترو ايمان ۽ اعتقاد رکڻ، ان تي قابو رهڻ، ڪنن آهي. ڏک ۽ بک جيو کي لوڏي ٿا وجهن، مگر جن سرسٽي، پاڻ مٽي، محبوب جي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي، تن کي تات ۽ تنوار بہ هڪ ٺي ٿي رهي.

هڪ ٻيو مثال بہ ملي ٿو، جو پڻ سندن اهڙي اعتقاد ۽ ايمان جو شاهد آهي. ڪندنمل گرلس اسڪول واري زمين سندن

ملڪيت هئي، ميونسپل ڪي آتي اسڪول جوڙائڻ جو اچي خيال
پيو، جو شهر جي ويجهو هو. ڇوڪريون سهنجائي[۴] سان اتي
شهر مان اچي ٿي سگهيون. فقير صاحب کي خيال ٿيو ٿي
ڪين. سندن سنگت گهڻو ئي ڪي ڇيو مگر پاڻ ماٺ ۾ رهيا. هن
ڳالهه جي وڌيڪ سمجهاڻي هيٺين[۴] ڳالهه مان ٿي ملي. هڪڙي
پيري ڪن مسلمانن کين شاهدي ۾ مسٽر پرنگل ڊپٽي
ڪليڪٽر جي ڪورٽ ۾ گهرايو. نام کي امڙي ته جهام آهي، جو
جيڪو ڪيس جنهن انتي سندس اجالو لهيو پوي. فقير صاحب
جو ته دم دم ۾ قول ايهوئي هوندو هو "ٿل جڙيا هجو "نام"
سان." سندن منهن جي مٿيا ڏسي ڊپٽي اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو
"منهنجا ته ڪي وڏا ڀاڳ آهن جو منهنجي ڪورٽ ۾ اوهان
شاهد ٿي آيا آهيو." شاهدي وٺڻ کان اڳ ڊپٽي صاحب فقير
صاحب کي عرض ڪيو "سائين، مهرباني ڪري مون مسڪين
کي ٻڌايو، ته فقير ڪنهنکي سڏي سگهجي ٿو؟ هتي شهر ۾
جيڪي نوڙها، پينو فقير پيا گهمن سي فقير آهن ڇا؟"
فقير- "جيڪي به اوهان فقير گهمندا ڏسو پيا،
اهي مڙيئي ماني، لاءِ محتاج آهن. انهن کي پيٽ
جا فقير ٿا چئون. اسين فقير انهن کي چوندا
آهيون، جيڪي ننهن کان چوٽي، تائين سون ۾
مڙهيل هجن ۽ هڪڙو دم به ڏٺي، کان ڌار نه
رهن." پو شاهدي هلي. جڏهين اها پوري ٿي، ته ڊپٽي
ڪليڪٽر کين اسٽيشن تي ڇڏي، واپس وري ڪورٽ جو ڪم
هلائڻ لڳو. جن فقيرن پاڻ پنهنجي رائي سان دم تي قدم رکڻ
جو ڪم هموار ڪيو آهي، سي هميشه ائين چوندا آهن
"دوستن کان دم ڌار رهڻ، آهي ڪهڙي ڪتاب ۾؟" جي دم دم ۾
ڪم اهوئي ڪندا ٿا رهن، سي لهن به سيڪي ٿا. دل ۾ ذري
خيال جي ڪنهن طرف ڇڪي نه آهي ته جهٽ انهي[۶] جي پورت

POST BY

ٿيو پوي. اڄ ڪالهه ۾ وڳيان انهيءَ ڪي اڇا شڪتي جي ورزش جو نتيجو ڪري ٿي ليکي. بيشڪ ائين به آهي، مگر لاطمع ۽ پاڪ سيني ۾ اڇائون به اوجل ۽ صاف ٿيون اٿن. مٽيءَ ۾ لويل من، مٽي جون پيو پچارون ڪندو؛ مگر هنس هميشه موتي پيا چڳيندا. لعلن به سندن گهرجون انهيءَ رائي پٽاندر پيو پوريون ڪري. جي لڳا لعلن لڳ، دولهه به سامهون سندن دڳ پيو هلندو.

خيال جي سگهه

جنهن جنهن واٽ ۾ پانڌيڙو پنڌ ڪندو، اها واٽ ڪيس ونڪ به ورائي ڏيندي رهندي ۽ سندس رفتار جي ڦيرگهير خوشيءَ سان پيئي سهندي. پانڌيڙوءَ جي سفر جي سر انجاميءَ لاءِ جي سهوليتون ضروري ٿيون ٿين، تن جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيس تڪليفون وٺيون ئي ڪين پونديون. پنڌ ڪندي جيو ڪي آهستي آهستي سگهه ۽ قوت خيال حاصل ٿيو پوي. اهو خيال پوءِ اهڙيءَ منزل تي ٿو رسي، جو قدرت ڪامل ڪنهن بئي جي دل ۾ اُنجي پورائيءَ لاءِ امنگ ٿي اٿاري ۽ صاف سيني وارو پانڌيڙوءَ جي سهنجائيءَ لاءِ ثمر هڪيو اچي اڳيانئس ٿي ڪري. اهڙي قسم جو مثال فقير صاحب جي جيوت ۾ ٿيو.

هڪڙي وقت رات جو فقيرن کان پڇڻ لڳا ته "ابا گهڻا لڳا هوندا؟ فقيرن چيو "سائين اٽڪل به ڪن ٿيا هوندا." وري فقير صاحبن پڇيو "ڏينهن جا ڪي رات جا؟" تڏهين فقيرن چيو، سائين رات جا. انتي پاڻ چيائون "ابا جيڪڏهين هت ڪا گهڙي

هجي تہ خبر پوندي رهي تہ گهڙيون ڪيئن تيون گذرنديون وڃن." اُنوقت حيدرآباد ۾ جيئي مل نالي هڪڙو دڪاندار هوندو هو، جو گهڙيال وڪڻندو هو. اهو ٻي ڏينهن صبوح جو ڀائي ڪيمچند وٽ ويو ۽ اُنکي چوڻ لڳو تہ مونکي فقير صاحب وٽ وٺي هل. هن پڇيس "ڪهڙو ڪم اٿيئي؟" هن چيو رات سپني ۾ ڪنهن ماڻهوءَ چيو تہ فقير صاحب کي گهڙيال ڏيئي آءُ؛ سو مان گهڙيال کڻي هلندس. ڪيمچند ۽ جيئومل گهڙيال کڻي ويا، جو اڄ تائين اُن جڳهہ تي ٽنگيل آهي. جيڪي پاڻ سائين کي ارپين ٿا تہ سائين سندن سار سنڀار ٿو لهندو رهي.

ٻئي دفعي ڪين هڪڙيءَ چادر جي ضرورت ٿي. هڪڙو شخص اُتي آيو. هن فقير جي آزمائش لاءِ اڍائي رپيا ڪيسي ۾ ڌار وجهي ڇڏيا هئا. پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو تہ "جي فقير ڏٺيءَ جو پيارو آهي تہ مونکان باسيل اڍائي رپيا گهري وٺي." هوڏانهن فقير صاحب ڀائي ڪيمچند کي هڪڙي چادر آڻڻ لاءِ چيو. ڪيمچند ڪين چيو "سائين چادر تي اڍائي رپيا لڳندا." فقير صاحب هن آيل آدميءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو "ابا اهو آدمي جيڪو ويٺو آهي، تنهن کي اڍائي رپيا ڏيڻا آهن ۽ جي ڏئيئي تہ وٺي آءُ." ڀائي ڪيمچند تڏهين اُن آدميءَ وٽ ويو ۽ ڪيس رپين لاءِ چيائين. هن بہ پنهنجي دل جي مراد پوري ٿيل ڏسي خوشيءَ مان يڪدم اڍائي رپيا ڪري ڪڍي ڏنس ۽ فقير صاحب کي سموري حقيقت ٻڌائي نياز ڪري موڪلائي پنهنجي ماڳہ تي موٽي ويو.

خيال جي طاقت بجليءَ وانگر ڪم ڪري ٿي.

روشني ڏيڻ، نياپا پهچائڻ، خيال جي حال کان واقف ڪرڻ، انهن مڙني کان مٿي چڙهي پنهنجي برقي دٻاو سان

جيو جي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڪيس ڦلدائڪ ٿي بڻائي. بجلي هميشھ روشني ڏيندي، مگر جي چالو لهر کي هٿ لائبو تہ چنبڙي پوندي ۽ رت ست سڪائي، صورت بدلائي ڇڏيندي. فقير بہ فڪر ۽ ذڪر سان بجليءَ کان برکہ برقي طاقت حاصل ڪن ٿا. ايها طاقت طاعت ۽ عبادت ڪرڻ ۾ ڪين ڪارگر ٿي ٿئي. انهيءَ طاقت کي ٻين جي ڀلي لاءِ ڪامل ڪم ٿا آڻين.

هڪڙي ڏينهن شاهہ مڪائي جو سجادهہ نشين، خليفہ دين محمد وٽن آيو. ڪين چوڻ لڳو تہ "جهان ۾ فقير ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي." ٿتهنتي پاڻ گيڙوءَ جي چادر ڪڍي مٿائنس وڌائون. خليفہ مٿان حال پئجي ويو. حال، سندن خيال جي ميڙيل مال جو نتيجو هو. سرت سندس ويندي رهي. بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيو رهيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ماڻهن ڪيس هوش ۾ آندو ۽ جڏهين پنهنجا لفظ ياد آيس تہ ڏاڍو شرمسار ٿيو.

ٻيو موقعو اهڙو ٿيو، جو فقير صاحب جا ٻہ طالب ڪجھ ٻيج واري ڀائي غريبداس جي حيدرآباد ۾ اچڻ جو احوال ٻڌي خيال ڪرڻ لڳا تہ جيڪر وٽن هلي ڪائنڻ هدايت حاصل ڪجي، جيئن من گهريو مطلب حاصل ٿي پوي. اها آس اندر ۾ رکي، هو ٽنڊي جهانيا مان روانا ٿيا. ڀائي صاحب ڪين صاف اکرن ۾ چيو تہ واٽ ڏسيندڙ ۾ جيڪڏهن سرهہ جي داڻي جيترو ويسهہ هوندو تہ واٽ وٺيو ويندا تہ قدم ۾ قوت پاڻمرادو ايندي رهندي. پر جي انهيءَ واٽ وهندي رتي ماتر بہ شڪ پئدا ٿيو تہ نہ رڳو واڌارو روڪجي ويندو، پر نقصان ٿيڻ جا ڪارڻ پيدا ٿي پوندو. پال برنٽن پنهنجي ڪتاب (Inner Reality) ۾ پڻ ڏيکاريو آهي تہ اُپديش، تڏهين ئي مدد ٿو ڪري، جڏهين ڪمائڻ وارو قرب مان اُنتي قدم ٿو ڌري. اپديش ۾ ڪا اوڻائي آهيئي ڪين، ڪمائڻ واري جي ڪمي آهي. غريبداس صاحب

تڏهين ڪين ڇيو ، جنهن اُپديش ڪي اوهان پڙي ڏين تا گهرو ، اُنمان اوهان ڪي سيکي حاصل ٿيندو. اهي لفظ ٻڌي سڌو فقير صاحب وٽ آيا ۽ اچي سندن قدمن تي هٿ رکيائون. فقير صاحب پاڻ "نام" سان رڌل هوا ، ته ٻه پڇيائون "ابا ڪير آهي ؟" چيائون "سائين فلاڻا" پاڻ تڏهين احوال وٺندي وٺندي ڪين چوڻ لڳا "ابا ، ٻڌايو ته سهين ، ڪهڙي آسمان تي پهچايانوَ ؟" اهي لفظ ڪين تير وانگر ڇيي ويا.

پاتڻي

"پرجهي پرمارٿ، سنتن ارٿ سڌ ڪيو؛
ميل وڃائي من جي، سامي ٿيا سمرٿ؛
ليپ نہ لڳي تنکي، توڙي ڪتن اڪٿ؛
ٻي ڪي ڏيئي هٿ پار لنگهائن پاتڻي."

جنهن جيو جهد ۽ جفا سان پنهنجي اندر جي اوندهہ ڪي ترڙن جي ڪٺي آهي، انکي ايڪائي جو آواز هر وقت ايندو ٿو رهي. جڏهين بہ ڪيس جدائيءَ جو جوش ۽ جلوو اوائلي اوستا ۾ ٿو جاڳي تہ هو پنهنجو ماڳہ وڃائي ٿو وهي. اننت ۽ آدي سان پنهنجي تند ٽٽل سمجهي ويٺو مٿو پٽي. پر جيئن جيئن ڏاڪا وڃي چڙهندو، تيئن خوديءَ جو خلم منجهس جان تان جهڪو ۽ ماٺو ٿيندو وڃي ۽ آخر ڪيس خلق خدمت ۾ اهوئي منڙو محبوب ٿو ڀاسي، جنهن ڪيج مدت اڳہ ڪيس آپي جي آڪيري ۾ بندي سوڙهو ڪيو هو. جڏهين انهيءَ ڪڙيءَ تي قرب وارو ٿو رسي تہ وسڻ سان وس ڪيو ڇڏي. جيڪو بہ مريض، دکي پانڌيڙو وٽن اچي، تنهنکي اڏيو پيا اڏين. جن تہ ڪين ڏاهن ڪان ناهن وڏ ڀاءُ ٿو پٽي. ٻڌل سرير پيڙا هيٺ ڏسندا تہ

سندن ڪونئرو قلب اُتن ڪري پوندو. انهيءَ قياس واريءَ حالت ۾ "نام" جي دونهين جا سندن دل ۾ دکنديءَ ٿي رهي، اُن مان رک ذرو رنجايل کي ڏئي ڪيس خوش ڪري ڇڏيندا.

سڀ ڪنهن سائينءَ جي سِڄايل، پنهنجي پياري جي پيار مان "دکوئي دولت" سمجهي دکين پٺيءَ پياريو آهي. انهيءَ ريت ظاهري زندهہ انسان کي سچ پچ پٺي سجاڳ ڪيو آهي. عامن ۾ ايمان ۽ اعتقاد عملي صورت ۾ جان تان گهٽ آهي، پر جڏهين نہ اچي سوڙهہ سڪوڙ ٿيندن تہ پوءِ آخر جو حيلو وسيلو فقيرن کي جاڻي، پيا پنڌ ڪندا ۽ اُنهن چشمن مان ڇڪي حاصل ڪري جسم ۽ هينئون پيا ٺاريندا. فقير هميشهہ "باهہ برهہ جي دل ۾ پيا ٻاريندا ۽ اُنهيءَ باهہ منجهان اهڙي تہ ٻوٽي ماري ڪڍندا جو مٺلن کي پيا جياريندا."

سرير جڏهين سگهو، ست وارو هوندو آهي تہ من مست، جهل ئي نہ ڏيندو، مگر هڪ دفعو ڪنهن ڪچڙي قدم کڻڻ ڪري يا غفلت ۽ اڻجاڻائيءَ ڪري پير ٿڙڪي وڃي ماڳہ ئي ڀڃي ٿي پيو تہ آهہ ۽ دانهن ڏاران داد ٿيڻ جي اميد خير ٿي جڙي سگهيس. مگر مڙسن ماٺ ۾ پي سيڪي سڻو آهي.

هڪ پيري جي وارتا آهي تہ جيڻ شام جو ڪلام پي هلير ۽ پاڻ اُنهيءَ مهل موج ۾ درياهہ جي اوج وانگيان ڇوليون ڏيئي رهيا هوا، تہ هڪڙي ياڻيند اچي سندن قدمن تي هٿ رکيا ۽ کين چوڻ لڳو "سائين پٽريءَ مونکي ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي. ڊاڪٽرن مونکي جواب ڏنو آهي. اوهان ڪا ديا ڪيو جو دک دور ٿئي. فقير صاحب ڪيس چيو "ابا اسانکي ڇا ڏيندين؟" ياڻيند عرض ڪيو "قبلا جيڪي حڪم ڪندا. علاج ڪري ٿڪو آهيان."

فقير - "ابا اسانکي پنج رپيا ڏج."

پائيبند - "سائين پنج رپيا کھڙي ڳالھہ آهي."
فقير - "چڱو ابا وڃي جھوپڙيءَ ۾ ويھہ"

پرڀات ڦٽي تہ اوچتو هڪڙي سخت دانھن ٿي، سڀ فقير جاءِ کان ٻاهر نڪري لانڍيءَ ڏي ڊوڙيا. ڏسن تہ پائيبند ڌرتيءَ تي بيھوش پيو آهي. آٿاريائونس تڏهين ڪجھ سانت ۾ آيو ۽ پڇيائونس تہ ڇاهي؟ چيائين "مون ضروري ننڍي حاج تي ڪئي تہ مونکي ڏاڍو سور ٿيو. مان دانھن ڪئي ۽ بي سرت ٿي ويس. انھيءَ کان وڌيڪ مونکي ٻي خبر اصل ڪانھي." ايھو ٻڌندي جان ڪٽي فقير ڏسن تہ گوليءَ جيڏي پٿري پئي آهي. پائيبند ٻاسيل پنج رپيا فقير صاحبن جي اڳيان رکي، سر سندن قدمن ۾ نوائي، موڪلائي خوش ٿيندو ويندو رهيو.

اهڙي ايڏاو لاءِ ايتري خسيس رقم لاءِ گھر ڪرڻ، ڏيکاري ٿو تہ فقير صاحبن جي دل ۾ ڪيڏو نہ قياس هو. اهي رپيا بہ ڪنھنجي ضروري ڪم لاءِ گھربل ضرور هوندن، نہ تہ جن جي توڪل ڏاتيءَ تي، تنکي ٻين جي آڌار جي ڪھڙي لوڙ ٿي سگھندي؟

ماستر جيوترام متائي (ناروشاهہ واري) ڳالھہ ٿي ڪئي "مسڪين کي پاڻ ڇڪي پنھنجن قدمن ۾ آندائون. جيئن ١٩٠٥ ۾ حيدرآباد جي نووديالي ۾ ماستريءَ تي چڙهيس، تيئن هڪڙي ڏينھن شام جو منھنجو هڪڙو عزيز مونکي گھمائيندو انھيءَ پاسي وٺي ويو. اسين پنج اٺ ڄڻا ڪچھريءَ ۾ وڃي ويناسين. اوڏيءَ مھل اڳيئي يڪتاري تي ڪلام پئي هليو. منھنجي دل ۾ خيال آيو تہ هيءُ فقير جي سچو هوندو، تہ مونکي پاڻھي راڳ ڳائڻ لاءِ چوندو. اهو راڳ پورو ٿيو تہ فقير صاحب مون ڏانھن اشارو ڪري فرمايو، تہ هي ماڻھو، جيڪو هينئر آيو آهي، سو راڳ ڳائي ڄاڻي. انکي يڪتارو

ڏيو تہ اسان کي راڳہ ڳائي پڏائي، بندي جي دل کي ڏاڍو ڇڪي ورتائون.

ڪجھ وقت گذريو تہ مسڪين تي مائٽن زور رکيو تہ نوودياليہ جي خانگي نوڪري ڇڏ، جو انهي۽ مان گھٽو لاڀ ڪونهي. فقير صاحب جن جي خدمت ۾ اهو احوال عرض رکيم. فرمايائون، "ابا، آدرپورنا جي اون ڇو رکين؟ متان ماندو ٿيو آهين. تون هت حيدرآباد ۾ رھہ. فقير کي طاقت آهي تہ توهانجي گھر سون جون گاڏيون ڀرائي موڪلي." فقير صاحبن جي ايها حجت هوتن تي سندن سڪ جي سکھ جي ثابتي آهي. سڪ وارا سدا سائين جي ڪئي تي راضي رهندا آهن. مگر جڏهين دوئي جي دوالي ٽوڙي مان ۽ تون جي فرق کي ٻوڙي ٿا ڇڏين، تڏهين تہ نعرو اهو الاهي ٿا هڻن، جنهن ۾ ٻو۽ خودي۽ جي بنھ نٿي پاسي، ان ۾ خوشبو۽ خدائي ٿي معلوم ٿئي.

مسٽر جيوترام ٻي هڪڙي ڳالھ هي۽ بہ ٿو ڪري. هڪڙي وقت پوئين رات جو ٽين بجي مهل مسڪين کي سڏ ڪري چيائون "ابا اسان لقاو ۾ ڏٺو تہ زمين ۾ هڪ تنگ ٽي پيو جنهن مان لکين، ڪروڙين مچر نڪتا جي ماڻهن کي ڏاڍا چڪ پائڻ لڳا ۽ ماڻهو ڏاڍا دکي ڏسڻ ۾ آيا. ابا اڳتي شهر ۾ نہ وڃجو، جو ڪا مڙيوئي تڪليف اچڻي آهي. پو۽ حيدرآباد ۾ ڏاڍي پليگ اچي پيئي."

انهي۽ وقت مسڪين جي ڳوٺ ۾ اچي سخت پليگ پئي. مائٽن لکي موڪليو تہ هڪدم هليو اچ. فقير صاحب کان موڪلائڻ ويس تہ هنن اجازت ڏيڻ جي نہ ڪئي، جو ڪين ڪلام مان ڏاڍو مزو ايندو هو. فرمايائون، "ابا تون اسانجي حاضري۽ ۾ رھ. جيڪڏهين تنهنجي ڪنهن عزيز جو وار ونگو ٿيو تہ

POST

اسان جوابدار آهيون." پوءِ رهجي پيس ۽ سارو احوال ماڻڻ کي لکي موڪليم. سيٺي پنهنجي گهر ۾ ويٺا رهيا، جيتوڻيڪ سندن سڄو پاڙو لڏي ويو ۽ ڪيترائي ڪيس ڳوٺ ۾ ٿيا.

نام جي نهر ۾ جي سدا تڙڳندا ٿا رهن تن جي تند تند انهيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ٿي وڃي. جيڪي چاهن سو ڪري سگهن ٿا. عام طرح ڪنهن شاهوڪار جو منيب ٿيو آهي ته انجي غيرحاضريءَ ۾ ڪم ڪار هلائڻ جون ڪل اختياريون مليل ٿينديون آهن. پوءِ جي شاهن جي شاهه جي جيڪڏهن ڪو نوڪري يا چاڪري قبول ٿو ڪري ته انکي ڪيئن نه سگهه سموري عطا ٿيندي جيڪو پاڻ سمورو سندس حوالي ٿو ڪري آهوني جڻ سچ پچ سهاڳ کي ٿو وري، ۽ سڀ ڪنهن قسم جي ڪمزوري کي ٿو تڙي. منيب ڪي وري پنهنجا همراهه ٿا ٿين، جي هن جي حڪم جي تعميل ٿا ڪن. اهڙي هلت هلندا ٿا رهن جو ڪنهن وقت پاڻ شاهه بنجو پون. پانڌيڙو ڪيترو به پنڌ ڪري، اعليٰ هنڌ حاصل ڪري ته به سهاڳڻ وانگيان پنهنجي پرينءَ جا وڙ وساري مشڪل سگهندو. پر هو ته "سدا ڪن شڪر سامي در دوستن جي." شڪر به هڪڙي نموني جو ذڪر ۽ فڪر ڪري چيو اٿن جو پاڌيڙوءَ لاءِ لازمي نهرايو اٿن. مگر جڏهين اها شڪر واري اڇي اندر ۾ ٿي پلٽجي ته پوءِ ته هر مصيبت ۾ معنيٰ ۽ مشاهدو ٿو ملي. ايمان جيو جو قائم هوندو ته ڪيس نه لهر نه لوڏو.

جڏهين حيدرآباد سنڌ ۾ ١٥ اپريل ١٩٠٦ شام جو ساڍي انين بجي باروت ڦاٽو، تڏهين حيدرآباد جا ڪيترا هندو جيئن ته منشي ڪرمچند، ڀائي رتنمل، ڀائي ڪيمچند، مسٽر جهامنداس ۽ ٻيا وٽن ويٺا هوا. انهي مهل ڪلام پئي هليو. باروت اڇي ڦاٽو. سڀ هندو مسلمان ۽ فقير اندر پڄي ويا.

جي ٻاهر محل ٻاهر ٿي ڏٺا. پاڻ مراقبي ۾ هئا ۽ ڪين چاڻ نه رهي ته ڇا ٿيو آهي. ٿورڙي وقت ڪانپو فقير ٻاهر نڪري آيا ۽ چيائون سائين! اندر هلو جو بارود ڦاٽو آهي ۽ مٿان ٻاهر پٿي ٻري. تنهنتي پاڻ چوڻ لڳا "اسان سمجهو ته شايد چلم جو ڦل ڪري پيو آهي." پاڻ ته ٻه اڳول ويٺا رهيا. پر فقيرن ڪين ور ور ڪري ليلايو ۽ آخر پاڻ اندر آيا. حيدرآباد جا وڏن آيل سڀ ماڻهو پڇي ڪنبيا ۽ ڪين چوڻ لڳا "سائين اسانجي ٻارن ٻچن جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو." تڏهين پاڻ فرمايائون "هي فقير ضامن آهي. اوهان جي ٻارن جو وار ونگو نه ٿيندو. ايهو گولو هوا ۾ اڏامي هليو ويو."

فقير صاحبن جي چوڻ تي ڪين آرام آيو. ته ٻه اندر جي اڻ تڻ ڪان ٻنهه آجا ٿي نه سگهيا. پنهنجن اکين جو اوکي گهاٽي مان لنگهڻ مشڪل جاڻي ور ور وهم سندن سيني ۾ اٿڻ لڳا. سندن تعجب جي حد نه رهي. جڏهين ڏٺائون ته سيڻي سلامت آهن. ان ڪري سندن دل تي وڏيڪ اثر چڙهندو رهيو. لڏندڙ من ستگرن جي سرن پڪڙيندو رهيو. سانجهي حيدرآباد جي ڪليڪٽر پڙهو گهمايو ته وري بارود ڦاٽڻ جو امڪان آهي. تنهنڪري ٻاهر ٿي وهو. مٿان جايون ڪري پوڻ. لشڪري بيٺڪن ۾ جيڪي ماڻهو رهندا هوا. سي هزارها نڪري ٻاهر پٽ تي ٿي ويٺا. فقير صاحب وٽ ٻه سندن پٽ ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو آيا ۽ ڪين ٻاهر نڪري وهڻ لاءِ عرض ڪندا رهيا. فقير صاحب تڏهين ڪين چيو "اسان ٻاهر نه نڪرنداسون. جيڪڏهن رکڻ واري کي رکڻو هوندو ته هت ٻه ڪين ڪهڻ گهرندو." پوءِ ته ٻارهين بجي بمبئي کان لشڪري آفيسر آيو. جنهن سمورو بارود درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو ۽ بارود وري ڪونه ڦاٽو.

ويجهن سان وڙ ڪندا رهيا ته ڏورانهن کي ڏان ڏين ڪان

تي ويهي ڀاڄڻي ٻه درياهه ٿيو پوي، کين هٽيا. دولهه جي در تي ويهي ڀاڄڻي ٻه درياهه ٿيو پوي، اُچلون ڏيندو رهي، ته ٻه پاڻ وهڪ اُنهي‌ءَ ۾ وهائي، جت هيڪائي ڏاران ڪيس خبر خير جي. ڊاڪٽر روچلداس کي اوچتو ئي اوچتو ١٩٠٤ع ۾ عدن وڃڻ جو آرڊر مليو. سنگت جي مرضي ٿي ته اُنهي‌ءَ آرڊر کي رد ڪرائجي. ڊاڪٽر جي دل لڏي ته، سمجهيائين ٿي ته ستگرن جي وڃڻ جي ائين ٻڌي آهي، ته ان ۾ ڪو اسرار عجيبن جو اوس هوندو. فقير صاحبن ڪان موڪلائڻ ويا ته هنن چيس "ابا ڀلي وڃ، فقير چاهي ته اهو حڪم رد ڪري سگهي ٿو، مگر رضا تي راضي رهڻ ئي جڳائي." شام جو جڏهين فقير صاحب در تي هليا ته ڊاڪٽر کي ڇاتي‌ءَ سان لڳائي فرمايائون "ابا ڀلي وڃ، فقير توسان ساڻ آهي."

ڊاڪٽر موڪلائي بمبئي پهتو مس ته ڪيس حڪم مليو ته اڳيون حڪم رد ٿو ڪجي. ڊاڪٽر کي جان تان پنهنجن مالڪن جي مهر جي پروڙ وڏيڪ پوندي رهي، وري ٻه ڪنڌ جهڪائي چيائون واهه! سائين واهه!! ٻي ڏينهن کين ٻيو حڪم مليو ته اوهانجو عدن وڃڻ وارو حڪم قائم آهي. وري ٻه هو شڪرانه بجا آڻي روانا ٿيا. عدن ۾ پليگ اچي پئي. آدمين کي حڪم ٿيو ته ٻاهر لڏيو، پر جڏهين صاحب کي خبر ملي ته ڊاڪٽر روچلداس سهوليت سانگي رهيا پيا آهن ته کين ڪي ڪين چيائون.

اُنوقت ڊاڪٽر روچلداس کي گهران خط آيو، ته اوهان جو ڀاءُ گذاري ويو آهي ۽ اوهين ٻه پليگ جي وچ ۾ آهيو، نوڪري‌ءَ جي استيفا ڏئي هليا اچو. ڊاڪٽر خط فقير صاحب ڏانهن ڏياري موڪليو، جن ڪيس جواب ڏنو "ٻچا اوهان جو ذمو فقير ٿو کڻي، توهان ويٺا نوڪري وڄايو."

عدن رهندي ٻہ سال مس گذريا هئا ، تہ سنگت فقير صاحب کي ور ور وينتي ڪندي رهي تہ ڊاڪٽر کي واپس گهرايو. سنگت جي ايتري سار ۽ سڪ ڏسي چيائون "ابا ائين ٿا ڪريون."

حيدرآباد مان جڏهين سنگت جو احوال ڪٿي، خط ڊاڪٽر وٽ آيو ، تہ هن بہ اُتي جي سنگت کي چيو. "اڄ جيڪو جهاز آيو آهي، اُن ۾ منهنجو عيوضي ۽ آرڊر آيا آهن" ڳالهہ جي جاچ ڪندي خبر سچي نڪتي. پوءِ تہ هو سڀن کان سڪ سان موڪلائي اچي سٽگرن جي قدمن ۾ پهتو. ڪيس اهائي اون تہ رات ڏي تہ ڪي اوراٽا عجيبن سان اورجن، دم ساڻن سورجن. سڪ جي سڏ ٻڌڻ ۾، ويرم بنهہ نٿي ٿئي، قلب جي قوت، سيني جي صفائي ۽ سڪ جي سچائي سو هجي. فقير صاحب ڪيس چيو ، "ابا هڪ ٻن ڏينهن کان در تي ويندا ٿي ڪونہ آهيون. اڄ بہ ائين ڪنداسون. ڊاڪٽر پنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي ڏسي گدگد ٿيڻ لڳو. رات جو ڪيس چيائون "ابا هاڻ هت رهي پئو." پوءِ تہ ڊاڪٽر کي ڪوٽڙيءَ جو آرڊر مليو.

جي پنهنجو پاڻ ٿا ارپين، تن جي تمام طلبن جي پورائي ڪرڻ ۾ پورن پرڪہ پوئتي نٿا هٽن، بشرطيڪ اُها تمنا سندن پنڌ ڪرڻ ۾ روڪ نہ وجهندي، پوءِ تہ پانڌيڙو بہ ٻالڪ وانگيان، سهاڳڻ وانگيان، لاڏ ڪوڏ، انگل آرا وقتي ٿو ڪري ۽ سندس ساجن سائين، سندس هادي، مٿس مهر جو هٿ ڌريندو ٿو رهي. هڪ دفعو جو بہ پنهنجي رضامنديءَ سان، قرب جون ڪڙيون پنهنجي ڪنڌ ۾ ٿو قبول ڪري، اُهو تہ پاڻ ميسارڻ ۾ محو ۽ سينو سجاڳہ هوشيار رکڻ ۾ لڳل ٿو رهي. "ناز وارا بہ ڪي، جن تي راضيو راڻل جو" جيئن سامي صاحب فرمايو آهي :

POST

"ورلو ڪو آهي، سامي سڪ گرو[3] جو
ڏنو جنهن گر گيات ڪي، اوديا پٽ لاهي
سيوا سنگت جي ڪري، ممتا مٽائي
سهجي سلاهي، روم روم سان رام ڪي."

هڪڙي دفعي ڊاڪٽر روچلداس کي قلندر شهباز جي زيارت ڪرڻ تي دل ٿي. مسٽر جيوترام مٽاڻي[4] کي چيائون ته مونکي موڪل وٺي ڏيو، جنهن فقير صاحب کي عرض ڪيو، جن کيس چيو "ابا ڀل وڃي، پر پهرين ٻاهران ٿي، پو[5] اندر جي زيارت تي وڃي." ايترو چئي ڊاڪٽر روچلداس جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيائون، "قلندر شهباز! ٻچڙو اچيو ٿو، پرتو اتوُ." ڊاڪٽر موڪلائي اُتان هليو. سيوهڻ ۾ آيو ته لقاءُ ئي عجيب لڳل هو. پير پائڻ جي به جا[6] ڪانه هئي، مگر فقير صاحب جي پارت ڪري هن لا[7] رستو اهڙو ته جڙي پيو، جو کيس رتي ماتر به رنج يا ڪشٽ ڪين پهتو ۽ سڪ سان زيارت ڪري واپس وريو.

اهڙيون گهڻيئي عجيب حقيقتون، سندن سڪايلن ڪان ٻڌڻ ۾ ٿيون اچن. جن مان فقير صاحبن جي فيض، سندن اثرائتي زندگي ۽ ڪلام جي اثر جو پورو پورو ڪاٿو ڪٿي ٿو سگهجي. اهڙي عجيبن جي اسراري مورت جي صورت جو عڪس، قلم بند ڪرڻ ۾ ليکڪ ڪمزور ثابت ٿيندو ته به گواهي بيشڪ ڏيندو ۽ همراهه حق ڏي اوس ٿيندو.

"ڪلام"

صبوح ۽ سانجهيءَ ساجن سونهن جي ڇڄ ڪندو ٿو رهي. سجاڳ سينو هميشه انهيءَ ڇڄ مان وڄ ڪندو، واڄ وڄيندو، منزل ڪڇيندو ٿو رهي. انهيءَ حسن جي ڪاريگر ڪڙميءَ ڪاڻ ڪاٺيون ڪيتريون ڪڏيون ٿيون پون. انهن ڪاٺين ڪڍندي، ڪشالا ڪڍندي ڪڍندي، آخر جي مشعالان ٻري ٿيون پون تن مان جوت جي لهر لهيو ٿي هلي. پاڻيءَ جو آبشار پنهنجي چوٽ مان ڇڻڪارون ڇڻيندو، پنڌ سٽيندو ويندو مگر دل جي درياهه جي اٿل انسان جي دل کي اٿلائي اٿلائي اٿڪ ۾ وهائي ٿي ڇڏي ۽ ڪيس اٿ وڃي ٿي هلي، جت انت نه آد ڪو!

ڪلام چوندڙ سنڌ جي بيابان جي واريءَ جي قطري ۾ سمايل آهن. مگر هر ڪنهن جي ڪلام جي سلامي، حسن ۽ حيراني پاڻوپاڻ آهي. شاهه جو سوز، رنگت ۽ ويڪر رواني ۽ رحماني رهنمائي جي هڪي آهي، ته سچل جي بيپرواهي ۽ اڇانگ اعليٰ بلند ۽ بالا، بي بيان، پر عيان آهي. سامي جو سُر نه آهه سوز جو، نه مستيءَ جو، مگر "سمجهه ۽ سڪ جو." نڪي منجهس آهه لڪ ڇپ واري راند جو رس ; نڪي منجهس ڪو آهي سسئي جو سڏ يا مومل ۽ سهڻي جو ڳس. هن ۾ آهي

ته عام جو آواز ۽ خاص جو ساز سريلو ، رنگ کان خالي ته به رنگيلو ، رسيلو ، ريبيندڙ ، فريبيندڙ ، ڪنڊڙيءَ وارن جو قرب عجيب ، فقيرائي گندي ، غريبيءَ ۾ لڪل لعل هندي ، جنهن جو هڪ هڪ موتي تجليدار جوتي ڇڏيندو ، اوندهه انڌڪار مان لڏيندو ، لڏائيندو ٿو رهي ۽ اهو آستان ٿو لهي ، جت جڙ وهي ٿو جال. دلپت ۽ ڪيشو جي ڪشش ۾ ڪشف ، برهه جي بوندن جي برسات ، ورهه جي تات تازي ، سدا حاضر ڪڏهين نه ماضي ، ڪڏندي ٽپندي لفظن جي ليڪن مان ٿم ٿم ڪندي ٿي اچي. ڇم ڇم ڪندي ٿي نچي. نصير شاهه جو نعرو نرالو ، هاديءَ جي حڪم ۾ حاضر ، گفتار ۾ نيازي ، دنيا جي وهڪ ۽ وات کان غازي.

بيدل ، عاقل عاشق ، دل وڃائي دلبر پائي ، اهي ٽپيون ڏيئي ٿول انمول ٿو لهي لڪاري ، جن جو ثاني بياباني ، ويڪر ۾ هيڪر مشڪل ملي. سندس ڪلام جي ڳت ، خيال جي گت ، حسن ۽ هبڪار ئي نرالي آهي. علم جي نگاهه کان پڪو ، ڀار ۽ ڏار تي يڪو ، هڪ ڪرو ، ته به رمٽيڪ ۽ زيبدار ، زربفت وانگر جهلڪا ڏيندو ٿو رهي. **بيڪس** بيچاري جون دانهون ۽ آهون ڪرڻ ڏاران اهي حسن جي مشاهدي جون باڪون ۽ هاڪون ڪڍيون آهن ، اهي واڍ وڍيون ، گهڙت گهڙيون مٺيون جڙيون آهن ، جن جهڙو ورلي ڪو ملي جهلي ميل جهيل ڪائي سگهي.

ڪيترن ڪوين ۽ شاعرن جي شعر ، بحر وزن ، ويچار ، پچار ۽ لڪار جو چٽ چٽي چٽ چنجي ، هت ته بيابان ۾ قدرت پنهنجي قرب مان بحر بي پايان پيدا ڪيو آهي ، جنهن جي موتين جي جهلڪ ۽ فلڪ جو قدر جواهري ڪري سگهي ٿو. عقل صرف ڪچ ، ماپ ، تور ، تڪ ڪري چوندو ، ته هڪڙو قافيه ۽

POST BY: TANVIR SHAIKH

رديف ۾ پورو آهي تہ ٻيو خيال ۾ حال جو حڇو اڻپورو آهي. مگر شاعر درويش تہ سدا سوالي سوز ۾ روز جو. هت هڪ بيت ۾ درد جي دونهي جو اسرار پيو آلاپيندو. وقتي جي جسم ۾ اسم جي جلوهہ تي هنجون هاري پيو پاڻ ڳاريندو، تہ انهيءَ اسم مان ٻي اسم صفات مان ذات جو ظهورو پسي، ويس ۾ وياپڪ کي رسي، پيو وحدت جا واڄا وڄائيندو، ڳڻ ڳائيندو، سرڳڻ مان نرگڻ جا ڳڻ اچاريندو.

قطب شاهہ جو ڪلام، عام جي اوٽ کان علحدو، ٻي رنگہ، ٻي مجاز نظر ايندو، انجي ٻار ۾ تار، وهڪ واحد واري نياري نظر ايندي. سندس رواني ۾ راز، اڏاريءَ ۾ الاهي عشق، رنگت ۾ رونق رانول سندي، ويکر ٻي ڪنار، نهار اپار، ڳجهہ سندي ڳالهہ، ٻڌي سو نهال، سدا بحال، ملي تي راضي، ڪڏهين نہ غاضي، نام جي لاڙي، سدا پرينءَ جي پناري جون سرڪيون اوتيندو ٿو رهي. مجازيءَ جي موج ۾ اوج کان آزاد هئڻ سبب، سندن ڪلام انهيءَ لاڙي ۾ لام کان آجو آهي. برهہ جو جيتوڻيڪ سريلو باجو آهي، تہ بہ انهيءَ برهہ ۾ بوندون بهاريءَ جون آهن. سيڪ بہ اهوئي آهي، جو سيتل ڪندو رهي. رنگريز ڪني چاڙهيندا آهن تہ انهن مان جدا جدا رنگن جا ڪپڙا اڪاريندا آهن. ڪاريگر ڪامل اهو، جو هڪڙيءَ ڪنيءَ مان ڪئين ڪپڙا رڱي، جن جي گهرج نرالي هجي. شاعر، جو گهڻن جي رغبتن کي راضي ڪري سگهي، اهو گهڻن جو پيارو ٿيندو. ائين شاهہ صاحب جون ٻاتيون تاتيون ٻن ٻن آهن. نظارا ۾ نمرا ڪنون ۾ ڪڙڪا، هنج ۾ هنس، لهار ۾ ڏنوڻيون، ڏنار ۾ ڏڻ، وڻ ۾ واهڻ، جبل ۾ ڏونگر، سهاڳڻون ۾ سهاڳ، راڳ ۾ روچ، مڙني جي محفل شاهي لڳل آهي. خيال جي رنگت، ڳت ۾ گت، نار ۾ ساز، قافلا ۾ ڪرها، چانگو ۾ چنڊن،

پکي ۽ پرندا . مطلب تہ مڙني جي صحبت ۽ محبت ماڻي، سنگ جو رنگ عرشي ۽ فرشي هٿ ڪري، ڪاريگريءَ سان هن اهو هٿ هلايو آهي، جو ڪيس ڪلاڪار ڪامل بيشڪ سڏي سگهجي، مگر تنهن هوندي بہ فقير صاحب فڪر ذڪر جي رنگت خوب ڏني آهي. وير رس بہ انهيءَ ڏس ۾ خوب ڪم آندو اٿن :-

"عشق ٻڌو احرام، عاشق گيت اناالحق ڳائن ٿا
طالب مرد مذڪر اصلي، پاڻ وڃائي پاتائون تسلي
اهو سندن احڪام"

حسن جي هٻڪار، جس ۽ رس، سندن واٽيءَ ڪان وانجهي نہ آهي

"تيڏي ويکڻ سيتي ماهي، ساڏي گڻي اندر دي اونداهي."

ڪٿي ڪٿي اهڙا ٽوپا لڳل آهن، جن مان ائين وسهڻ ۾ ٿو اچي، تہ عامن جي اوٽ ۾ هلندي بہ سندن نگاهہ نام ۾ ڪتل هوندي هئي. نام جي ڏام جا ڏڏڪار، هوهو جا هٻڪار، خوب ٿا ملن. سندن ٻولي سادي، هدايت واري، سڏي سنئين آهي. منجهس نہ آهي علميت جي اُڏاري، نڪي آهي منجهس ماڻ مالڪيءَ جو. نياز ئي سندن ناز هو، جو ئي سندن ساز هو. جنهن مان ويهي روحاني راز سرايو اٿن.

شاعرانو شوق ترڪ ڪري هنن فقيراڻو نوع اختيار ڪيو، جنهن ۾ پنهنجي پنڌن ۽ هنڌن جا ڏس، رس ۽ ڪس، گس ۽ وس ويهي وستار ڪيا آهن. حقيقيءَ جو ڏونڪو، سڌو سنئون ڪنهن سالڪ ڇڏو وڄايو آهي. ٻولي مٺي، ڪنل جي هڪل ۽ هدايت سان ڀريل، ڪٿ ڪٿ سرائڪيءَ جي لفظن سان سينگاريل آهي؛ تہ بہ سنڌيءَ جو حصو جان تان جهجهو ئي اٿس.

POST BY: YOUNAS SHAH JOYO

واٽيءَ جي وهڪ منجهي، ڳجهه جون ڳالهيون ۽ اشارا، هدايتون ۽ حڪم، همٿ، حوصلو ڏيندڙ ۽ امنگ اڀاريندڙ آهن. جيئن جيئن دور ڪندو وڃ ته وينو پاڻ کي چئو:-

"هاڻ پيچ دوئي دا دم، ڇڏ وهم، ڪر ڪم هڪائي جو"

"ڪري سو لهي، وهي سو وڃائي، هلڻ سان پائي، پيچ پرين جي پار جو"

"وار جو وارث، جو واري ويهي وجود، ڪري سجود سڄڻ کي، ڏي طلاق محدود، نانهن ڪري نابود، وڃي رسي بود کي"

فقير صاحب جو ڪلام گهڻو جبل ۾ چيل آهي، مگر فقير جي وڃڻ هوندا هوا، اُهي علم کان غافل هوا، جنهنڪري اهو قلم بند ڪري نه سگهيا.

ڪجهه مسٽر جهامنداس جي ڪوشش سان هٿ اچي سگهيو آهي.

****** ****** ******

وصال

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

"مومن ۽ مسلمان، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
جو واصل ٿي وحدت ۾، ڪڍي غير گمان
نورمحل جي نائن تي، سيل ڪري سبحان
تنهنکي سڀ جهان، ڄاڻي دوست خدا جو"

زندگيءَ جي سفر ۾ انسان کي هلندي چلندي، علم پرائيندي، سنگ ڪندي، گهڻيءَ مهڻ سهڻ هيٺ اچڻو ٿو پوي. طرحين طرحين قسم جي تعليم، انتظام ۽ ادب مان لنگهڻو ٿو پوي. ائين لنگهندي لنگهندي جي لڪ ۽ لارا، لاهه ۽ چاڙها، هو لهي چڙهي ٿو، اُنهن مان آزمودا حاصل ڪري اُهو حسن، هلت چلت، گفتار ۽ رفتار ۾ ٿو آڻي، جو هنجي جيوت وزن واري ٿيو پوي. شاعر جي قلم ۾ جي ڪٿيا آهي، تہ مرد جي قلب ۾ مٺيا آهي. شاعر جي ٽبيون ڏئي ٽول ٿو لهي، تہ مرد مولىٰ جي بحر ۾ غوطا ماري، اُهي موتي ٿو هٿ ڪري، جن جي جوتيءَ سان هو نور محل جي نائن جو سئل ڪندو. واصل وحدت جو ٿي، آتم لکہ سهي ڪري، سڀ ۾ سروپ ساجن جو سڃاڻي ڄاڻي، پيو گل وانگيان سڀ کي پنهنجي سرهاڻ سان سرهو ڪري. اهڙا ئي آهين عجيب اسراري، جي ڏٺي تعلىٰ جي واٽ وٺي، دگہ هلندي ٻہ وڳہ کي نہ ٿا وسارين، مگر ستلن کي پيا اُٿاريندا.

هڪڙي وقت جي ڳالهہ آهي تہ فقير صاحب کي ڪنهن دعوت ڪئي. فقير صاحب جن ميزبان جي اوطاق ۾ ويٺا هئا، تہ ڪنهن واٽهروءَ اچي پڇيو "سائين فقير جو نالو ڇا آهي؟

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

جيسين ٻيو ڪوئي جواب ڏئي ئي ڏئي، ته فقير صاحب پاڻ فرمايو "ابا نالو اٿس ٻالي شاهي." مرد مولي جو ۽ پاڻ سڏائي "ٻالي شاهي." ايهي لفظ ڏيڪارين ٿا ته سندن سِرُ ڪٽ هو. سامي صاحب پڻ فرمايو آهي :

"گرمڪ جي گادي، انل جان آڪاش ۾،
هار جيت، ڏکہ سکہ ڪون، اگم الحدي،
چڙهي تنهن چونڪيءَ تي، ٿيو سهجي سمادي
لذائين آدي، سامي سکہ سروپ جو"

سِرُ ڪندي، ساڃن سان گڏ گهمندي ڦرندي ٻه پنهنجن ساٿين، سفر جي سڙڪ جي پانڌيڙن، عامن خاصن جي خدمت کان هنن ڪڏهين ٻه پاڻ پري نه رکيو. جنهن پاڻ ڏکہ ڏولاوا ڏٺا هوندا، اُنکي قدر اوس ٿيندو. سفر جو پنڌ، پورو ٿي ته هرڪو پنهنجي ماڳہ ڏانهن مهڙ ڪري ويندو رهي، جهليو نه جهلبو، پليو نه پلبو، ساٿين کي سلام سک سان ورائي واٽ پنهنجي ويندو.

لاهوتي لعل ٻه انهيءَ انگہ اکر جي اوٽ ۾ اچي ٿا وڃن. آهي ٻه ايهو قاعدو نٿا ڀڃن، هرهڪ ولي خدا جو پيغمبر، رشي خواهہ رنک، فقير خواهہ امير وقت جو زبردست آهي. ۽ جڏهين سمو گذري، آها ساعت اچي سهڙي ته گهڙو ڀڃي ٿو پئي، مگر آها ساعت نٿي ٽري. باغائي ڪيترو ٻه ڪٿي روئي پٽي، ته گل خزان نه ٿين، ماءُ پيءُ ڪيڏو ٻه هائيدوس مچائن ته ٻالڪ ڪائن ڏار نه ٿئي، سهاڳڻ ڪيترو ٻه ڪٿي راڙو مچائي ته سندس لاءِ ڏهاڳہ جو ڏينهن اُبري ئي نه. مگر اٿين ازل کان ٿيندو آيو آهي ۽ ٿيندو ئي رهندو. قاعدو قادر جو پنهنجي

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

پوئواري ڪندو رهندو. سچ لهندو ڇا جي چڙهندو ڇا ؟ جيڪي ٿيندو رهيو آهي تنهنڪي ڦيرڻ جي مجال بني آدم ڪي آهي نئي ڪين، عام تہ ڪٿي اولاد ڏانهن اڪ ڦيري ساجن ڪان منهن سيري، مگر خاص تہ اوڏانهن اڪ رکندا ئي ٿا رهن. لهن بہ لعل سوئي ٿا.

"جنت سندين جوءِ، فائق هليا فردوس ڏي
فاني ٿيا في اللہ ۾ هوءِ سين ٿيا هوءِ"

تاريخ ١٦ مهيني ذوالحج هجري سنہ ١٣٢٨ برابر تاريخ ٢٢ مهيني ڊسمبر سنہ ١٩١٠ ۾ ستانوي ورهين جي اوستا ۾ وصال ڪيائون. سندن وڏو فرزند سائين روشن علي شاهہ سجادهہ نشين ٿيو.

فقير صاحب جا وڏا حيدرآباد جي شهر ۾ ميان سرفراز جي مقام ۾ دفن ٿيندا هئا، پر سندن تربت ٽنڊي جهانيہ ۾ ٺاهيائون، ٻارهين مهينن ڪانپوءِ سندن تربت جي مٿان قبي جو ڪم شروع ٿيو، جو اٽڪل چئن سالن ۾ پورو ٿيو. فقير صاحبن جو فرمان هو تہ هن آستان تي ڪڏهين بہ ڪنهن ڪان پئسي جي گهر ٿيڻ نہ گهرجي. جيئن جيئن پئسو ايندو ويو، تيئن تيئن ڪم هلندو پئي آيو. نيٺ اچي رسي راس ٿيو.

روضي جي اوير پاسي هندن جون جايون آهن، جتي هنن جي رهڻ لاءِ هرطرح جو بندوبست رکيل آهي. خاص هندو، ڪاڌي تيار ڪرڻ لاءِ مقرر آهي، جو مسافرن جي خاطر خواهہ خذمت ڪندو آهي.

مسلمانن جي رهڻ ڪرڻ جون جايون جدا آهن. سندن رڌڻ پچائڻ لاءِ برتن وغيرهہ سڀ جدا آهن. جدا رهندي بہ

POST BY: YAWAR SHAH JAHANIA

جدائيءَ جي جڙ لڳل ڪانہ اٿن. نام جي ڏنيءَ، ڏٺيءَ جي چاڪريءَ ۽ ستگروءَ جي سيوا ۾ هڪ آهن. ايها ايڪائي جدائي رڪندي ٻہ، جدائي ڪان آزاديءَ جي لهر لعل لڳائي، جوت جڳائي، جوت جوت سان ملي، تہ جهڳ مڳ جان تان وڏيڪ ٿي پئي. سندن قالب قبر داخل ٿيو تہ روح سندن روشني جا خوب جهلڪائي ڏيندو رهيو. انهيءَ روشنيءَ جي رونق ٿي پانڌيئڙن کي پي پنڌ لڳايو آهي. حضور جي حاضري، هردم لاءِ ظاهري وڃائي، باطن ۾ جوت پائي، وڪ وڌائيندا پي رهيا آهن.

خدا جو دوست ويندو رهيو، مگر ڪير، جا هن ڪيڙي، خلق جا هنجي صحبت ۽ محبت ميڙي، سا هر مهيني جي سهائي سومر اچي ٿي ڪني ٿئي. ۽ هر سال ١٥، ١٦، ١٧ ذوالحج اچي ٿي مڙي، روحاني محفل ٿي لڳي. ڪارج جي جوت جڳان جڳ جڳندي رهي. نام جو نعرو هٿي ڪيچي ڪوچ ڪري ويا، تہ ٻہ سندن ڏمال پر تال وڄندي ٿي رهي. اڪال جو آواز اڪال وڄندو رهندو!

****